


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪوتا ـ ڦُلواڙي

(دنيا جي مختلف ٻولين جي چونڊ شاعري)

ترجمو ۽ ترتيب

ولي رام ولڀ

ڪويتا پبليڪيشن

حيدرآباد

2006

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجن جنم داتائن

بابا

## کيولرام هنسراج

(1 جنوري 1900 - 31 ڊسمبر 1987)

امان

## ڇتربائي ڏيءَ پنجومل

(1 جولاءِ 1920 - 24 آگسٽ 1984)

جي نالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ـ اداري پاران | موهن مدهوش | 15 |
| ـ مهاڳ | آصف فرخي | 17 |
| ـ ڪوتائن جي ڪاڪ ۾ (مترجم پاران) | وِلي رام ولڀ | 27 |

| نمبر | ٻولي/ شاعر/ مُلڪ | نظم جو عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| 1 | انگريزي | | |
| | (1) عادل جساوالا (ڀارت) | واپسيءَ تي ڪوِتائون | 31 |
| | (2) نسِم ايزِڪل (ڀارت) | گنگا | 33 |
| | (3) ڪملاداس (ڀارت) | آئيني جي اڳيان | 35 |
| | (4) گؤري ديشپانڊي (ڀارت) | اپسارڪا | 36 |
| | (5) اروِند ڪرشڻ مهروترا (ڀارت) | هڪ پهرئين سوانح نگار جا تبصرا | 37 |
| | (6) دليپ چتري (ڀارت) | ٻڙ ڪي ڪيرائڻ | 41 |
| | (7) گيوَ پٽيل (ڀارت) | وڻ جي زندگي وٺڻ لاءِ | 43 |
| | (8) آر- پارٿا سارٿي (ڀارت) | ٽيهريءَ جو | 45 |
| | (9) امروڻ ڪولٽڪر (ڀارت) | مؤت جي پر واري ڪمري ۾ | 47 |
| | | ڏيئا | 48 |
| | | گهوڙو | 48 |
| | | هڪ پوڙهي عورت | 49 |
| | | واٽر سپلاءِ | 51 |
| | | چيتنيه | 51 |
| | | الماري | 53 |
| | | اسٽيشن ماسٽر | 54 |
| | (10) ممتا ڪاليا (ڀارت) | ٻيءَ کي هڪ ٽين- ايجر جي پيتا | 56 |
| | (11) جئڪ لنڊن (امريڪا) | تمنا | 58 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| نمبر | ٻولي/ شاعر/ ملڪ | نظم جو عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| | | اي خدا! | 58 |
| | (12) ٽي. ايس. ايليٽ (آمريڪا) | اڳتي وڌو مسافرو | 59 |
| | (13)جي-ايم- مهڪري (پاڪستاني) | سنڌ جي ڪنڊرن مان | 62 |
| 2 | اسپيني | | |
| | (1) فريڊرڪو گارسيا لورڪا (اسپين) | شهر ڏانهن واپسي | 65 |
| | | الوداع | 66 |
| | (2) پئبلو نرودا (چلي) | قاتلو! | 67 |
| | | جل پري | 68 |
| | | سمجهاڻي | 69 |
| | | امن جي گهر | 70 |
| 3 | اردو | | |
| | (1) سعيد الدين (پاڪستان) | دستانا | 72 |
| | | پر ميريون آهن تنهنجون اکيون | 72 |
| | | گارِ | 73 |
| | | ۽ دريا گيت ڳائي رهيو هو! | 74 |
| | | انڌو ۽ دوربيني | 74 |
| | | هڪ بي رنگ ماڻهو | 75 |
| | | مون کان پوءِ | 76 |
| | | دهشت پسند | 76 |
| | (2) ذيشان ساحل (پاڪستان) | اُهي سرڪس وارا | 78 |
| | | هڪ بيجان نظم | 79 |
| | | ڪُوئي جي سالگرهه | 80 |
| | | سڙيل الماڙي | 81 |
| | (3) ثروت حسين (پاڪستان) | منهنجي اُڏار اجائي ناهي | 83 |
| | (4) سارا شگفته (پاڪستان) | اکيون ۽ جاڙيون پينرون | 85 |
| | (5) صلاح الدين محمود (پاڪستان) | مان هڪ نابينا | 86 |
| | (6) اصغر نديم سيد (پاڪستان) | هنن کي ڇا گهرجي؟ | 88 |
| | (7) عين رشيد (ڀارت) | اي شهر! | 90 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| نمبر | ٻولي/ شاعر/ ملڪ | نظم جو عنوان | صفحو |
| --- | --- | --- | --- |
| | | ڪارو خيال | 91 |
| | | اُنهن سِرن جو ڇا ٿيندو؟ | 93 |
| | | هيءَ صدي ڪجهه رهي آهي... | 93 |
| | | اسان هن شهر ۾! | 94 |
| | (8) ٻلراج ڪومل (ڀارت) | هڪ پراڻي تصوير | 96 |
| | (9) ڪمار پاشي (ڀارت) | دلاسو | 98 |
| 4 | آسامي (ڀارت) | | |
| | (1) نِلماڻي ڦوڪان | او سڪتا ماڻهو! | 100 |
| | | هوءَ مون کي ننڊ ۾ به ڳولي ٿي | 102 |
| | (2) نرمل پروڀا بورڊولوئي | موڪلاڻي | 103 |
| | | پريات | 103 |
| | | رُڪ | 104 |
| 5 | بلغاريائي (بلغاريا) | | |
| | (1) خرسِتو بوتيف | موت جو گيت | 105 |
| | | حاجي دمتر جي موت تي | 105 |
| | (2) گِيو مليو | سيپٽمبر | 108 |
| | (3) نڪولا واپتساروف | اتهاس جي نالي | 110 |
| 6 | بنگالي (ڀارت) | | |
| | (1) سڀاش مَکوپاڌيايه | گهر ڏانهن | 112 |
| | (2) سُنيل گنگوپاڌيايه | منهنجو سورَڳ | 115 |
| | | پيو ڪو | 116 |
| | | سچو سچ | 117 |
| | (3) راٻن سر | پُڄاڻي | 118 |
| | (4) سُڪانت ڀٽاچاريه | هڪ ڪُڪڙ جي ڪهاڻي | 119 |
| | (5) لوڪناٿ ڀٽاچاريه | ڪوِتا پوءِ ڀلي اچي! | 121 |
| | (6) رابندرناٿ ٺاڪور | پهرئين ڏينهن جو سج | 122 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| صفحو | نظم جو عنوان | ٻولي/ شاعر/ ملڪ | نمبر |
|---|---|---|---|
| | | تامل (ڀارت) | 7 |
| 123 | اُداسين جا گل | (1) ٿيروُ ميوُ- ميتا | |
| 123 | ڦريون پيار | | |
| 123 | اُداسيءَ جا گيت | | |
| 124 | هوا جي زبان ڄاڻون ٿا | | |
| 124 | او آگريون! | | |
| 125 | مان ڇا ٿو ڪري سگهان! | (2) وڪرمادتين | |
| 128 | پيٽ ڪان پُڇ | (3) شان مُگاسُبيه | |
| 128 | خوش قسمت | | |
| 129 | محبت جو نظم | | |
| | | تيليگو (ڀارت) | 8 |
| 131 | منهنجي زال | (1) اسماعيل | |
| 132 | لفظ | (2) ڪي- گوداوي سرما | |
| | | ترڪي (ترڪي) | 9 |
| 133 | مسافر ۽ گاڏي وارو | (1) فاروق نافذ ڪمليبيل | |
| 135 | اڄ آچر آهي | (2) ناظم حڪمت | |
| 137 | ڦريون اڏ | (3) جاهيت ڪُليبي | |
| 138 | ريلوي اسٽيشن | (4) نيسيپ فاضل ڪِسا ڪوريڪ | |
| 138 | اڪيون | | |
| 139 | جيڪي اوچائين تي رهن ٿا | (5) گولتين آڪِن | |
| | | پنجابي (ڀارت) | 10 |
| 141 | هلو ته ويران جسم پاڻيءَ تي رچايون! | (1) امرتا پريتم | |
| 142 | مَسچٽو | | |
| 144 | هن منهنجي وجود کي ڇُهيو...! | | |
| 145 | ڪُتو | | |
| 147 | ماٺ جي سازش | | |
| 147 | هڪ ملاقات | | |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| نمبر | ٻولي/ شاعر/ ملڪ | نظم جو عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| | | ويراڳ | 148 |
| | (2) ترلوڪ سنگهه آنند | سفر کان پوءِ جو سفر | 149 |
| | (3) جگتار | پولار ۾ ڦهليل هٿ | 150 |
| | (4) سرجيت پاتر | ڳالهه ٻولهه | 152 |
| | (5) ويرسنگهه | ٻکاريءَ جو ڪشڪول | 154 |
| | (6) امرجيت ڪونڪي | هل ته گهر موٽي هلون | 155 |
| 11 | جرمن (جرمني) | | |
| | (1) ارنيسٽ ٽولر | جيئرن جي نالي | 158 |
| 12 | جاپاني (جاپان) | | |
| | (1) يوڪيو مشيما | هڪ نظم جي پڇاڙي | 159 |
| 13 | چيڪ (چيڪ) | | |
| | (1) جوليئس فيوچڪ | هڪ جيل ڊائري- هڪ نظم | 160 |
| 14 | ڊوگري (ڀارت) | | |
| | (1) پدما سچديو | تصوير | 162 |
| | | گناهه | 164 |
| | | همٿ جي گهڙي | 164 |
| | (2) متوڪر | آئينو | 166 |
| 15 | ڊئنش (ڊينمارڪ) | | |
| | (1) ايرڪ اسٽي نَس | ڪانڊيرو | 168 |
| | | ڪالوني | 168 |
| | (2) ماريا گيا ڪوبو | زبان | 170 |
| | (3) جوزف سيمٿن ڪاٽر جونيئر | ءِ تون ڇا چوندين؟ | 172 |
| | (4) لينگسٽن هيوز | گڏبو | 173 |
| | | ڪاري ڇوڪريءَ جو گيت | 173 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| نمبر | ٻولي/ شاعر/ مُلڪ | نظم جو عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| | | آزادي | 174 |
| | (5) پالي مُري | مان ڪجهه به نه آهيان | 176 |
| | (6) گلورياسي- اوڊن | باغي | 178 |
| 16 | رومانيائي (رومانيا) | | |
| | (1) بينجا من فيدوئِيانو | هڪ سادو سودُو گيت | 179 |
| 17 | راجستاني (ڀارت) | | |
| | (1) مٽي مٿوڪر | وسنت | 181 |
| | (2) چندر پرڪاش ديول | وصيت | 185 |
| 18 | روسي (روس) | | |
| | (1) بورس پسترنڪ | جدائي | 187 |
| | (2) نتاليا گوربنيو سَڪايا | معاف ڪج | 189 |
| | (3) بولت اوڪود زهاوا | ڦوڪٽو اُڏامي ويو | 190 |
| | (4) اولگا برگالٽز | گيت ڏانهن | 191 |
| | (5) ولادِ مير ماياڪو وسڪي | مان پيار ڪريان ٿو | 192 |
| | | پاڻ | 192 |
| | | ڇَپ پوءِ ڳائيندا زندگيءَ جو گيت! | 193 |
| | (6) ڪانستينٽن ونشينڪِن | واپسي | 195 |
| | | محبت جي پڇاڙي | 196 |
| | (7) اَنّا اخماتووا | پڙاڏو | 198 |
| | (8) اوسپ منڊل استام | اچو پيارو! | 199 |
| | (9) موسيٰ جليل | دوست جي نالي | 201 |
| | | هڪ ٻيو نظم | 201 |
| | | دشمن ڏانهن | 202 |
| 19 | فارسي (ايران) | | |
| | (1) فروغ فرخزاد | راتاهو | 203 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| نمبر | ٻولي/ شاعر/ ملڪ | نظم جو عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| | | پريم جي جڳهه (2) | 232 |
| | | پر هڪ دري ته کليل رهڻ گهرجي | 232 |
| | (3) ڀڳوت راوت | پکڇڻ جو سُک | 234 |
| | | ٻُتو! | 236 |
| | (4) پنڪج سنگهه | آخري ڪتا | 239 |
| | | هوا ڪٿي آهي؟ | 240 |
| | | مستقبل | 243 |
| | | ٽيليفون | 243 |
| | | چار | 244 |
| | | مان ايندس | 245 |
| | | آهٽون آس پاس | 246 |
| | | ديوتائن جو سپنو | 247 |
| | | راڄ ڌانيءَ ۾ پنهنجي هڪ جنم ڏينهن تي | 248 |
| | | مان توکي نه لکندس | 249 |
| | | جنهن ڏينهن مان گهر مان هليو هئس | 250 |
| | (5) اِبار ربي | مان ڇڻ سان مري به نه سگهيس! | 252 |
| | (6) پدمر ڌر ترپاٺي | اڄن ڪبوترن جا دُڪان | 254 |
| | (7) ليلاڌر جڳوڙي | زبان ڪُشي | 256 |
| | (8) چندرڪانت ديوتالي | ۽ اجا تون مون کان پڇين ٿو! | 262 |
| | (9) اروڻ سيدوَل | ٽڪرا ٽڪرا زندگي! | 264 |
| | | صبح- ٻپهري- رات | 264 |
| | (10) جڳديش چترويدي | ۽ هاٿي ...! | 266 |
| | (11) ٻلديوَ ونشي | گهر، نفرت ۽ مقدر! | 267 |
| | | اسڪول | 267 |
| | (12) هريش پاٺڪ | سوال | 269 |
| | (13) ڪيدارناٿ ڪومل | شاعر اجا جيئرو آهي | 271 |
| | (14) گنگا پرساد وِمل | نسل ڪشيءَ جو پڌرنامو! | 273 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| نمبر | ٻولي/ شاعر/ ملڪ | نظم جو عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| | (15) شري ڪانت ورما | جلسہ گهر | 274 |
| | (16) سرويشور ديال سڪسينا | نيريون جهرڪيون | 279 |
| | | ٻگهڙ (1) (2) (3) | 279 |
| | | ڳاڙهي سائيڪل | 281 |
| | | هڪ نئين اُڃ | 282 |
| | | نقشو | 284 |
| | (17) وِمل ڪمار | مان اُنهيءَ عورت اڳيان جهڪان ٿو! | 285 |
| | | هِن ئي هنڌ | 286 |
| | (18) منگليش ڊبرال | بابا جي تصوير | 290 |
| | | ڏاڏي جي تصوير | 291 |
| | (19) وشوَناٿ ترپاٺي | مون هڪ ڪوِتا لکي آهي! | 293 |
| | (20) وِشوَناٿ پرساد تيواري | ڪتاب | 294 |
| | | سُک | 296 |
| | (21) وِشوَناگر | سُوار ڪير هو؟ | 298 |
| | | رنگ بہ تہ هڪ حقيقت آهي | 298 |
| | | وڻ | 298 |
| | | زال- مڙس | 299 |
| | | پنهنجو رام | 299 |
| | (22) اسد زيدي | مون کي ويساهہ آهي | 301 |
| | | سائيڪل | 302 |
| | | سنگيت ۾ رهندي | 304 |
| | | صبح جي دعا | 305 |
| | | 1965ع | 305 |
| | | تهذيب | 305 |
| | | دوزخ جي باري ۾! | 306 |
| | | بهرحال هي گهر آهي | 307 |
| | | پينرون | 308 |
| | | نامُراد عورت | 311 |
| | (23) گگن گل | هڪ اڻ ڄاول ٻار جو مرثيو | 313 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| نمبر | شاعر | نظم جو عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| 25 | هنگريائي (هنگري) | | |
| | (1) آتيلا يوسف | هڪ نظم جي پڇاڙي | 316 |
| | (2) شاندور پٽوفي | اي سموري دنيا جي آزادي! | 317 |
| | (3) رادنوتي مڪلوش | هڪ وياڪل گهڙي | 319 |
| 26 | يوناني (يونان) | | |
| | (1) ايڊي پولِس | نانگ | 321 |
| | (2) لوُسي لئَيس | ڪوڙا ماڻهو | 322 |
| | | سبب | 322 |
| | | خريداري | 322 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اداري پاران

# ڪوتا ڦلواڙيءَ جي صورت ۾

ادبي کيتر ۾ مختلف صنفن تي گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي. انهن صنفن مان هرهڪ صنف تي جيڪڏهن ڪم ڪجي ته اهو هڪ اُپسمنڊ بنجي پوندو. سوال آهي ته اها صنف هڪ علائقي کان ٻئي علائقي ، هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ ۽ هڪ کنڊ کان ٻئي کنڊ تائين جا ماڻهو جن جي ٻولي، ريتيون، رسمون ۽ رهڻيون ڪهڻيون مختلف آهن، انهيءَ کي ڪيئن ٿا سمجهي سگهن؟ ته انهيءَ جو حل انهن لکڻين کي ترجمو ڪري پوءِ ئي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ جي ماڻهن جي شعور ۾ واڌارو ڪرڻ سان گڏ انهيءَ شعور کي پيئتي سگهڻ ۾ آهي. مطلب ته ترجمو ڪندڙ ٻنهي شعور رکندڙ (ادنيٰ ۽ اعليٰ) جي وچ ۾ هڪ پُل جي حيثيت رکي ٿو. انهيءَ پُل جو ڪردار سائين ولي رام ولڀ خُوب نڀايو آهي، جنهن جو ثبوت سندس هي مجموعو ”ڪوتا ـ ڦلواڙي“ آهي.

سائين ولي رام ولڀ جيڪو ڪنهن به تعارف جو محتاج ناهي، نه صرف سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ترجمي نگار جي حيثيت ۾ بلڪ ڪهاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ شاعريءَ ۾ بہ مڃتا ماڻي آهي. پاڻ هن مجموعي ”ڪوتا ـ ڦلواڙي“ ۾ دنيا جي تقريباً 19 ملڪن جي 112 شاعرن جي احساسن کي ڇُهيو آهي، جيڪي پنجن کنڊن ۾ ڦهليل 26 ٻولين مان ترجمو ڪري سنڌي ويس پهرايو اٿس، جنهن جي ڊيگهہ 324 صفحن تي پهتي آهي. هن سڄي مجموعي ۾ خيال، تخليق جي چونڊ ۽ بيهڪ جي حساب سان پنهنجي معيار جو ڇهاءُ مٿيرو آهي.

آصف فرخي پنهنجي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ، ”ولي رام ولڀ انهن ماڻهن مان آهي، جيڪي سڄي ڄمار قلم هٿ ۾ جهلي رکندا آهن، جن جي ڪري اڃا بہ ادب جي ساک قائم آهي.

اهڙيءَ طرح سائين محمد ابراهيم جويو، جيڪو سنڌي ادب ۾ هڪ ذميوار ۽ مانُ مرتبي واري حيثيت جو مالڪ آهي، پنهنجي ليک ۾ لکي ٿو تہ، ”سندس هن اعليٰ انتخاب ۽ ترجمي تي ڪين ’مبارڪ، صد مبارڪ‘ چوڻ کان رهي نہ سگهيس.“

ولي رام ولڀ ڪيڏي نہ خوبصورت لفظن ۾ لکي ٿو تہ، ”هڪ ڪوتا، هڪ اهڙو واقعو هوندو آهي، جنهن جهڙو اڳ ۾ ڪڏهن بہ نہ ٿيو هوندو آهي، پر ڪوتا جي واقعي جي ٿيڻ جي عمل مان جنهن کي گذرڻو پوندو آهي، اُهي لفظَ آهن ـ لفظ، جيڪي هڪ نرالي اندروني دٻاءُ ۾ اُڇل جي هڪ خاص قوت جو ۽ ماضيءَ جي نامعلوم واقعن جي اظهار جو ۽ جملن جي هڪ ترڪيبي روايت جو ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪَوڙين ـ مٺين ڳالهين جو ذمو کڻندا آهن.“

سچ تہ سائين ولي رام ”ڪوتا ـ ڦلواڙي“ جي صورت ۾ ادبي ڳُتڪو ڏئي، سنڌي شاعريءَ ۾ پنهنجو ڳاٽ اُوچو ڪيو آهي، جيڪو يقيناً پنهنجي منفرد جڳهہ والاريندو. اها ڳالهہ هاڻ پڙهندڙ تي ڇڏيل آهي تہ اُهي ڪهڙي موٽ ٿا ڏين. اسان پنهنجي اداري طرفان هن مجموعي کي شايع ڪري فخر ۽ سرهائي محسوس ڪريون ٿا. اميد تہ ڪاوش سڦل ويندي.

حيدرآباد، سنڌ
27 جنوري 2006ع

ـــ موهن مدهوش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

## ولي رام ولڀ جا ترجما: نئين سفر جو استعارو

هيءُ رڳو هڪ ڪتاب ناهي، جنهن جا هِتان هُتان اجايا سجايا صفحا ورائجن. هيءُ ڪتاب مون لاءِ ائين آهي جيئن ڪو هلڻ لاءِ چوي ۽ بس اُٿي هلي پئجي. اها همسفريءَ لاءِ دعوت به ناهي، جيڪا گڏجي هلڻ جي احساس سان شروع ٿيندي آهي ۽ وِک سان وِک ملائي رکڻ جو جبر بنجي پوندي آهي، جيڪو خود ڪنهن عذاب کان گهٽ ناهي. هن مجموعي ۾ هڪ موجودگي ضرور آهي، جنهن جي باري ۾ اسان کي پهرئين ئي صفحي تي مترجم جي نالي مان سُڌ پئجي وڃي ٿي. هُو ڪٿي آس پاس رهي ٿو. هُو نه مٿي تي سوار ٿئي ٿو ۽ نه ئي مسلسل راءِ زنيءَ سان بيزار ڪري ٿو. هُو هڪ آواز آهي، بلڪل نئون پر چاتل سڃاتل. اهو آواز ست سمنڊ پار کان، جبلن ۽ ماترين جي پرئين طرف کان، قسمين قسمين سرحدون پار ڪري، بلڪل چاتل سڃاتل لهجي ۾ مخاطب ٿئي ٿو، جڻ هِتان ڪِٿان نمام ويجهڙائيءَ کان آيو هجي. اهڙي آواز جي سڏ تي جيڪڏهن دل ويچاري نه هلي ته ڇا ڪري؟ انهيءَ ڪري هن ڪتاب جي مسودي جا ورق هٿ ۾ ڪٽي مان به هلي پيان ٿو.

هيءُ ڪتاب ناهي، سفر جو اشارو آهي، پر انهيءَ جي سُڌ به آهستي آهستي پوي ٿي. مان هلي رهيو آهيان ـ نظم نظم، قدم قدم، لمحو لمحو، صفحو صفحو. هاڻي شهر منهنجي پٺيان رهندو پيو وڃي. بي ترتيب عمارتون آسمان جو ايترو حصو ڪٽي ڇڏين ٿيون، جيڪو مون کان پري آهي. آسمان جڏهن وسامڻ لڳي ٿو ته اهي پاڇولي ۾ تبديل ٿي وڃن ٿيون. رنگ لٿل ڀِتيون، دريون، ٽي وي اينٽينائون.... شهر جي اسڪاءِ لائين ڏُنڌ ۾ ٻڏندي پئي وڃي. هاڻي شهر منهنجي پٺيان آهي ۽ سمنڊ منهنجي سامهون. ريتي پيرن کي ڇِڪي وٺي ٿي ۽ هڪ وک به کڻي نه ٿي سگهجي ۽ جڏهن پير زمين سان لڳن ٿا ته پاڻي اُپري اچي ٿو، پيرن جا نشان آلي ريتيءَ تي اُپريل آهن. سمنڊ منهنجي سامهون آهي ـ لازوال، اڻ ڪُٽ، گجگوڙ ڪندڙ، نِير جهڙو، سموري دنيا جي شاعريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي، اُتندڙ ۽ ڦهلجندڙ لهرن وانگر، پنهنجي اندر ۾ سميٽي. هِن سمنڊ جي سڏ تي ڊِپ به ته لڳي ٿو. هڪ وڏيڪ وِڪ اڳيان ڪنيوَ ته پوءِ ان جو ڪو ڇيڙو ناهي، ڪا انتها ناهي. مون کي خبر آهي ته جيڪو سمنڊ ۾ هڪ ڀيرو پنهنجا پير ڄمائي نه سگهيو ته هُو سندس جسم کي اُنهيءَ وقت واپس ڪندو آهي، جڏهن اُهو لاش بڻجي ويندو آهي ـــ لاش جيڪو ترندو مٿاڇري تي ايندو آهي، سمنڊ هاڻي ڪيس ٻاهر اوڳاڇي ڇڏيو آهي.

جبل جي چوٽيءَ پويان سج لهي رهيو آهي ۽ هڪ پکيءَ جو ٻاچو ان جي سامهون اچي ويو آهي. ڇا اُن عظيم سمنڊ جي سامهونءَ کان واپس ورڻ گهرجي؟ اجا سج نه لٿو آهي ۽ سمنڊ پير نه جهليا آهن. اجا واپسيءَ جو امڪان آهي. باقي شاعري آئنده ـــ واپس اُن طرف جتي شهر آهي ۽ شهر ۾ زندگيءَ جون وڪريل ڪهاڻيون. گرم، آلي ريتيءَ تي مان پيرن جي زور تي مُڙي وڃان ٿو ۽ پيرن جي نشانن ۾ پاڻي پرجندي ڏسان ٿو، تڏهن مون کي ريتيءَ ۾ ڊهيل سِپ نظر اچي ٿي. اُن جي ناهموار، اچي مٿاڇري تي ريتي چنبڙيل آهي. پيرن جي نشانن ۾ پريل پاڻي اُن کي صاف ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. اُن جي ڏوتل مٿاڇري تي مان ڪن رکي ڇڏيان ٿو ـــ اُن ۾ سمنڊ ڳالهائيندي ٻڌڻ ۾ ايندو، سمورو سمنڊ! سائين ولي رام ولڀ 'ڦلواڙيءَ' جي زمين هموار ڪُري، فقط گل ئي نه ٽيڙيا آهن، پر هڪ سِپ به جوڙي آهي، جنهن ۾ سموري دنيا جي شاعريءَ جو حُسن سمنڊ جو آواز بڻجي گڏ ٿي آيو آهي ـــ هڪ سِپ ۽ ايڏي وُسعت.

'ڪوِتا ڦلواڙيءَ' جو نالو، ولي رام ولڀ شايد ان ڪري چونڊيو آهي جو هُو غالب وانگر بهار جي رنگن جيَ اقرار جو قائل آهي ۽ سڄي دنيا اڳيان اعلان ڪرڻ چاهي ٿو:

Let a hundred flowers bloom!

نعرن جي بي اثر هئڻ واري هِن بي فيض دؤر ۾ اها سادي سودي ڳالهه ڪيڏي نه دلڪش ۽ ميناج ڀري لڳي ٿي. سهپ (Tolerance) ۽ اجتماعيت (Pluralism) جي پيغام جي ضرورت اڄ جي زخمي انسان کي به آهي ته مسلسل ڏوکي جي شڪار ٿيل هن دنيا کي به. پر جيڪڏهن فقط ايتري ئي ڳالهه هجي ها.ته اهو سياسي منشور ٿي وڃي ها. ولي رام ولڀ ته شاعريءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شعور ڏانهن سفر ڪري ٿو– شاعري جيڪا حواس ۽ احساسن جي درين کي کولي وائکو ڪري شعور کي وسعت ڏي ٿي. تنهنڪري ئي ته هيءَ ڪتاب ڪان وڏيڪ سفر جو سَڏُ آهي. هيءَ سفر جي دعوت جو مُڪمل اهتمام آهي.

ولي رام ولڀ اُنهن ماڻهن مان آهي، جيڪي سڄي ڄمار قلم هٿ ۾ جهلي رکندا آهن. هُن ڪهاڻيون به لکيون آهن ۽ نظم به، پر هُو ڪنهن خاص صنف سان پائبند رهي ۽ وفاداريءَ کي پنهنجي راهه سمجهي ويهڻ وارن مان نه آهي. هُو صنفن ۽ اسلوبن ڪان مٿيرو هڪ اهڙو ليکڪ آهي، جنهن کي صحيح معنيٰ ۾ Man of Letters يا اهلِ قلم چئي سگهجي ٿو– جيتوڻيڪ مان اهو چوڻ ڪان به ڊڄان ٿو، ڇوجو اسان اِهل قلم ۽ دانشور جهڙن لفظن کي به غيرضروري جڳهين تي استعمال ڪري خراب ڪري ڇڏيو آهي. بهرحال ولي رام ولڀ اهڙن ورلي چند ماڻهن مان آهي، جن جي ڪري اڄا به ادب جي ساک قائم آهي. سندس نظمن ڪان وڌيڪ مون کي سندس ڪهاڻيون ذڪر لائق لڳنديون آهن. انهن چند ڪهاڻين ۾ سادگي پريل نظر اچي ٿي ۽ بياني ٽيڪنڪ جي هنرمندي لفظن مان ليئو پائيندي محسوس ٿئي ٿي. اِهي چند ڪهاڻيون ڌيان سان پڙهڻ جي تقاضا ڪن ٿيون ۽ پنهنجي انهيءَ افسانوي سفر جي نقطهء عروج تي سائين ولي رام ڏاڍي احتياط سان پڙهندڙ کي اُنهن لِيڪن جي سامهون آڻي بيهاري ٿو، جن کي اورانگهيو نه ويو، اورانگهڻ ممڪن نه ٿيو. انهيءَ لِيڪن کي اورانگهڻ لاءِ هو تخليقي ٽپو ڏي ٿو ته پنهنجن ترجمن ۾. سندس نظمن ڪان وڌيڪ شاعري ته سندس ترجمن ۾ موجود آهي. مُمڪن آهي ته ڪو نقاد چئي ڇڏي ته اِهي نظم رت جي گهٽتائيءَ جو شڪار آهن — اُهو رت جيڪو دل ۾ آگريون پوڙڻ سان لفظن ۽ لِيڪن ۾ رنگ پرڻ لڳندو آهي. مون کي ياد اچي ٿو ته هڪ دفعي ڳالهه ٻولهه دوران ولي رام ولڀ مون کي چيو هو ته ترجمو ڪندڙ ادب جي برادريءَ جا اُهي ماڻهو آهن، جيڪي پنهنجي رت جو عطيو ڏين ٿا. اها ڳالهه تنهن وقت به مون کي دلچسپ لڳي هئي. هاڻي سوچيان ٿو ته زندگيءَ جي هر شعبي وانگر، اسان جي ادب ۾ به پيشه ور رت فروش داخل ٿي ويا آهن، جن جو رت گندو به آهي ته بيمارين جو گهر به. ڇا ڪو اهڙو طريقو ناهي جو اُنهن Chronic روڳين جي به Screening ٿي سگهي! رت به اهڙن ماڻهن جو راس ايندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جيڪي پاڻ صحتمند هجن. اهڙيءَ طرح ترجمي جو فرض اهوئي لڪندڙ بهتر نموني ادا ڪري سگهي ٿو، جيڪو تخليق جي سخت معيار تي پورو لهندو هجي. ولي رام ولڀ ان ڪسوٽيءَ تي به پورو آهي.

ولي رام ولڀ جو طبعزاد ڪم تعداد ۾ گهٽ آهي، پر معيار ۾ ڪنهن به طرح گهٽ نه آهي. هُن ترجمي سان جهڙي طرح ناتو جوڙي رکيو آهي، اهو هِن دؤر ۾ هڪ اهم تخليقي رويئي جو ورلي مثال آهي. هن پنهنجي تخليقي دلچسپين جي محور، نظم ۽ ڪهاڻيءَ کي ترجمي جي لڳن جو به مرڪز ناهيو آهي. سندس چونڊ ڪهاڻين جي ترجمن جا مجموعا— "نيڻ تارا (2003)" ۽ "بهشت ۽ دوزخ (2004)" هاڻي ٿورو عرصو اڳ ئي شايع ٿيا آهن ۽ انهن ڪتابن به انڪشاف جي دريءَ کي واڪو ڪيو آهي تنهن ڪري ڪجھ اهڙيون ڪهاڻيون پڙهڻ لاءِ مليون، جيڪي ان کان پهرئين نه انگريزيءَ ۾ پڙهڻ جو اتفاق ٿيو نه ڪي اردوءَ ۾. هن سرويشور ديال سڪسينا جا به ناوليٽ "سويا هُوا جل" ۽ "پاگل ڪُتون ڪا مسيحا" هنديءَ مان اردوءَ ۾ ترجمو ڪيا آهن ۽ خوشقسمتيءَ سان مون کي انهن جو مسودو پڙهڻ لاءِ مليو، جنهن مان مون کي (هڪ دفعو ٻيهر) اندازو ٿيو ته سندس پسند جو معيار ڪيڏو نه عمدو ۽ معتبر آهي ۽ اسلوبُ تي پڪڙ ڪيڏي نه فنڪارانه آهي. سٺي مترجم لاءِ اهي ئي ٻه شرط بنيادي آهن ۽ اِهي ئي شرط سخت. ولي رام ولڀ ان معيار کي هيٺ ڪِرڻ نه ٿو ڏئي. پر ڪڏهن ڪڏهن منهنجي دل چوندي آهي ته ڪيس پنهنجي اظهار لاءِ وڌيڪ وسعت ملي ها ته ڪيڏو نه سٺو ٿئي ها.

ايئن ته هن البير ڪاميو جي ناول "The Outsider" کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي ۽ قرة العين حيدر جي "آخرِ شب ڪي همسفر" ۽ "سيتا هرڻ" کي به، پر شايد سندس تخليقي لڳن، چادر تي ان کان وڌيڪ پير ڊگهيرڻ جي گنجائش نه پئي رکي. ڪيڏو نه سٺو ٿئي ها جو ڪو باهمت ناشر يا سرڪاري ادارو ڪيس روزيءَ روٽي جي ڪشمڪش کان ڪجھ ڏينهن لاءِ آزاد ڪري ڇڏي ها ۽ ڪيس "اينا ڪرينينا" (Anna Karenina) جهڙي ناول جي ترجمي تي جُنبي وڃڻ لاءِ چوي ها، جنهن جو هُو ارادو ئي ڪري رهجي ويو ۽ چند صفحن کان اڳيان نه وڌي سگهيو. پر اسان جي سرڪاري ادارن کي قابل جوهر جي شناخت ۽

فروغ جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي؟ اُهي خوشامد جي مشينريءَ لاءِ تيل جون ڪپيون تيار ڪندا رهن ٿا. درباري وفادارين جي خيالي صورتن ۾ رنگ ڀريندا رهن ٿا ۽ ولي رام ولڀ جيڪو به ڪيو، اُهو پنهنجي ٻانهن جي ٻَل تي ڪيو. سندس اهو اعزاز ڇا گهٽ آهي!

ولي رام ولڀ جي ادبي واقفيت ۽ سٺين تحريرن لاءِ جيتري قدر شناسائيءَ سان سندس ترجما سجاتا وڃن ٿا، ان جو بياني ثبوت ڪتابي سلسلي "آرسي" ۾ به ملي ٿو، جنهن کي هن مرحوم ظفر حسن سان مِلي مرتب ڪيو. "آرسيءَ" جا ڪجهه ئي شمارا شايع ٿيا ۽ اُن کان پوءِ اهو سلسلو بند ٿي ويو— هڪ آزاد مزاج پرچو ڪاروباري دنيا جي اڳيان ڀيو ڪيترو نقصان ڀري ها؟ پر انهن چند شمارن ئي پنهنجو ڏاڪو ڄمايو جو مرڪزي وهڪري (Mainstream) ۾ رهندي، نون اديبن ۽ تازن اسلوبن جو تعارف ڪرائڻ خود ۾ هڪ تخليقي عمل آهي ۽ اهو رسالو انهيءَ روش تي ڪاربند رهيو. معيار کي برقرار رکندي، خيالن جي تازگي ۽ مختلف اسلوبن ۽ نظرين جي قبوليت ۽ گنجائش جهڙيون خوبيون هن پرچي جو خاص مزاج هو ۽ اهو پيش قدم ڪتابي سلسلو هاڻي به مون کي هڪ آئيڊيل وانگر محسوس ٿيندو آهي، جنهن تائين پهچڻ جي خواهش دل ۾ آهي. (اڄڪلهه جي انهن پرچن وانگر نه، جن کي ڏسي شعر جي ٻيءَ مصرع ياد ايندي آهي ته 'زور ڪتنا بازوئے قاتل مين هئه!')

مختلف اسلوبن لاءِ قبوليت، ادبي واقفيت ۽ معيار تي برقرار رهڻ— "آرسيءَ" جو اهو مزاج ولي رام ولڀ جي ترجمي نگاريءَ سان متعين نه ته متاثر ته ضرور ٿيو هوندو. انهيءَ ڪم جي اهميت کي هڪ وسيع تر ادبي تناظر ۾ رکي ڏسڻ ۽ پرکڻ جي هوڻ به ضرورت آهي، جو اسان ترجمي کي ٻئي نمبر جو ڪم سمجهي رکيو آهي. ڪجهه حلقن ۾ اهو خيال به ڏسڻ ۾ آيو آهي ته ترجمو تمام آسان ڪم آهي ۽ اِهو ڪم اهڙو شخص سرانجام ڏيندو آهي، جيڪو تخليق جو بار کڻڻ جي لائق نه هوندو آهي. پر ٿورو سوچيو ته سهي جيڪو پاڻ صحتمند نه هوندو، اُن جو رت ڪهڙي ڪم جو؟ خاص طور تي شاعريءَ جي ترجمي جي باري ۾ ڪجهه وڌيڪ شڪ جو اظهار ڪيو ويندو آهي. ڪنهن شاعريءَ جي تعريف به انهن لفظن ۾ ڪئي آهي ته شاعري اها شيءِ آهي، جيڪا ترجمي ۾،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاهر رهجي ويندي آهي ـــ يعني ترجمو نه ٿيو ڇاڻي تي وڃي، جيڪڏهن اُن مان گذريو ته ڪير الڳ ۽ پاڻي الڳ ٿي ويندو. جيڪڏهن ايئن هجي ها ته اسان جي واقفيت جو دائرو ڪيڏو نه محدود ۽ سُڪڙيل هجي ها، پوءِ يورپ جو ادب هومر ۽ ورجل ذريعي پنهنجو رستو نه وٺي ها ۽ نه ئي اقبال ڪي شيڪسپيئر سان مخاطب ٿي هي خراجِ تحسين پيش ڪرڻ جو موقعو ملي ها ته "دلِ انسان کو تيرا حسنِ ڪلام آئينہ" ۽ نه وري غالب ڪي ياد ڪندي گوئٽي جو هي حوالو ڏيڻ جو موقعو ملي ها ته "گلشنِ ويمر مين تيرا هم نوا خوابيده هئہ." اُجڙيل دِلي گلشنِ ويمر سان هم ڪلام ڀلا ٿئي ها ته ڪيئن؟ ثقافتي ۽ تهذيبي Encounter جيڪڏهن ممڪن آهي ته ترجمي جي ڪري.

ترجمي جي باري ۾ ڪنهن جو ظريفاڻو قول آهي (اسان جي تنقيد اچا تجزين جي بدران ظريفاڻن جملن جي آڌار تي هلي رهي آهي!) ته ترجمو خوبصورت عورت وانگر آهي ۽ جيڪڏهن خوبصورت هوندو ته باوفا نه هوندو. اهڙي طرح مترجمن کي غدار به چيو ويو آهي. انهيءَ جملي جو سيني ڪان سنو جواب جيڪو منهنجي نظر مان گذريو آهي، اهو ظاهر آهي ته هڪ عورت ئي ڏنو آهي: "انهيءَ ڳالهه سان ترجمي يا عورت جي باري ۾ گهٽ ۽ مردن جي خوداعتماديءَ جي باري ۾ وڌيڪ خبر پوي ٿي..."

اهو جواب ڏنو آهي انتره ديوسين، جيڪا دهليءَ جي هڪ رسالي "The Little Magazine" جي ايڊيٽر آهي. انتره سان ملڻ جو مون کي موقعو مليو ته اندازو ٿيو ته ڪيس انهيءَ ڳالهه جو چوپول بلڪل پسند ناهي ته هوءَ پروفيسر امرتيہ سين (جنهن جي ڪلاس ۾ ويهڻ جو اعزاز مون کي حاصل آهي) ۽ بنگالي ليکڪا نبنتيا ديوسين جي ڌيءَ آهي. ان جي بدران ڪيس پنهنجي حيثيت تي اصرار آهي. اديب ماءُ پيءُ جو اولاد مون کي پنهنجي حوالي سان هڪ تيڏو آئينو لڳندا آهن. تنهنڪري مان سندن صحافتي لکڻيون ڳولهي ڳولهي پڙهندو آهيان. دنيا جي سيني ڪان وڌيڪ ترجمو نه ٿيڻ جوڳن ڏهن لفظن جي فهرست ٺاهيندي هوءَ جوابي اعتراض ڪري ٿي ته "نه هر خوبصورت عورت بيوفا ٿيندي آهي ۽ نه ئي هر بيوفا عورت خوبصورت". انهيءَ جي باوجود جيڪي ماڻهو عورت يا ترجمي جي باري ۾ انهيءَ رويي تي اصرار ڪندا رهن،

انهن لاءِ انتره جي هيءَ تحرير ڏاڍي تکي آهي:

"Those who hold this belief are either fundamentalists linguists or have turned their clinical deprivation of other literatures into a philosophy. Either way, we must aknowledge their wisdom and move on to lesser mortals who may look beyond their own language at the wider world."

ظاهر آهي ته اهڙن ئي ماڻهن جي صف ۾ ولي رام ولڀ به اچي ٿو ۽ سندس نالي جي شموليت ڪان پوءِ، ڇا ڪو مائيءَ جو لال ترجمن کي Lesser mortals چئي سگهي ٿو؟

هندستان جي بيحد سرجيندڙ سهيوڳي شاعر دليپ چتري ترجمي کي اوتروئي ڏکيو چيو آهي، جيترو خود شاعريءَ کي. اهو نُڪتو به خود اهم آهي ـ ڏکيو، پر تمام ضروري. هندستان جهڙي گهڻين زبانن (Polyglot) واري ملڪ لاءِ زبانن جي وچ ۾ حاصل ڪرڻ ۽ فائدو وٺڻ جو هڪ اهم ذريعو ترجمو ئي آهي ۽ اهو ناممڪن آهي ته اوهان ڪنهن به هڪ زبان جي حُجري ۾ در بند ڪري ويٺا رهو. پنهنجي زندگيءَ جي الائجي ڪيترن شعبن ۾ اسان هڪ زبان جي سرحدن مان نڪري لاشعوري طور تي ٻي زبان جي حدن ۾ داخل ٿي ويندا آهيون. افسوس ته اِنهيءَ ڳالهه جو آهي ته انهيءَ غيرشعوري لساني تبديليءَ جي عمل سان اسين به مُنهن مقابل ٿيندا آهيون، پر اسان پاڪستان جي گهڻين زبانن واري ملڪ جي حيثيت سان گهٽو ڪري پاسو ڪندا آهيون. زبان کي ڪال ڪوٺڙي نٿو بنائي سگهجي. اها ڳالهه ٻين لاءِ به خراب آهي ته اسان پاڻ لاءِ به. 'جيڏانهن ڪنڌ، تيڏانهن پنڌ' چوڻي مطابق هيڏانهن هوڏانهن نه ڏسي سگهندڙ انهيءَ يڪسانيت ۽ يڪرنگي جي زندان ۾ ترجمو دري کولي رکڻ جو عمل چاهي ڪيترو به ڏکيو هجي، اُنهيءَ ۾ هار کائي ڇڏي ڏيڻ، ممڪن ناهي. انتره ديوسين جي انهيءَ مضمون مطابق:

But we cannot give up. Because the less access we have to other cultures, the more monolithic our society becomes. Nothing is unteranslatable, and nothing translates perfectly. We deal with apprimations, we grope for common ground to understand the other, to make ourselves understood. Just the way we live life...

تنهنڪري ترجمو هن دور ۾ جيئڻ جو هڪ ڏانءُ آهي، ۽ اها ڳالهه ولي

رام ولي کان بهتر ٻيو ڪير ٿو ٻڌائي سگهي؟ اسان شايد ترجمي جو اهو تمام شائستہ، مهذب پر ڊيمو آواز ٻڌڻ نٿا چاهيون. انهيءَ ڪري اسان اهو طئہ ڪري ڇڏيو آهي تہ اسان Monolithic معاشرو تي رهنداسين ۽ انهيءَ ۾ اسان جي پلاٽي آهي - پلاٽيءَ جي عذاب تائين جسم ۽ زبان جي موت کان اڳ هڪ عذاب. انهيءَ کان پوءِ سڀ زبانون گونگيون. ڪنهن جا چپ آزاد رهندا؟ رڳو خالي جسم رهجي ويندو. عالمگيريت (Globalization) جي ڪيٽ واڪ (Catwalk) تي هڪ سُپر ماڊل!

ٽيليويزن جي لهرن تي اهي جسم دنيا جي گهر گهر ۾ پهچي سگهن ٿا، ايترا متناسب جو چڻ Sculpted هجن، پر بي زبان ۽ گونگا! ڪوِتا جي هِن ڦلواڙيءَ ۾، جيڪا ولي رام سائين لڳائي آهي، هڪ طرح جي سادگي آهي، اهڙي نمود و نمائش ناهي. دراصل سائين ولي رام Global تہ آهي، پر Globalized ناهي. هوءَ سموري دنيا جي نظمن جي مطالعي دوران گُل چونڊي ٿو ۽ سندس اها ٽوڪري گلن سان پرجي ويئي. انهيءَ ۾ امريڪا ۽ انگلنڊ جا شاعر بہ آهن تہ اسپين ۽ روس جا بہ. هن هندستان جي مختلف زبانن جي شاعريءَ مان بہ فيض ورتو آهي تہ پاڪستان جي زبانن مان بہ. نظمن جي عنوانن ۽ شاعرن جي پسنديدگيءَ مان اندازو ٿئي ٿو تہ سندس ادبي مزاج ڪهڙو آهي. ڪيس هڪ خاص انداز ۽ مزاج جي شاعري وڌيڪ پسند اچي ٿي. هن گهٽو ڪجهہ انهيءَ سبدِگل ۾ گڏ ڪيو آهي، پر انهيءَ سان دل نٿي ڀرجي، بلڪ وڌيڪ ترجمن جي خواهش ٿئي ٿي ۽ خيال اچي ٿو تہ جيڪڏهن هو مختلف انداز جي ٻين ڪجهہ شاعرن وٽ پهچي ها تہ هوند ڪيڏو نہ سٺو ٿئي ها. مثال طور، اردوءَ جي سهيوڳي شاعرن مان هن ذيشان ساحل ۽ سعيدالدين جا ڪيترائي نظم ترجمو ڪيا آهن ۽ ٻن منفرد شاعرن کي سنڌي پڙهندڙن سان متعارف ڪرايو آهي، جن کي اڃا اردو حلقن ۾ بہ ايتري پذيرائي حاصل نہ ٿي سگهي آهي، جنهن جا اُهي مستحق آهن. پر جيڪڏهن افضال احمد سيد ۽ نسرين انجم ڀٽيءَ کي، چونڊ جي دائري ۾ شامل ڪري ها تہ اردوءَ جي جديد روين جي جوڳي نمائندگي ٿي سگهِي ٿي. ممڪن آهي تہ آئنده ڪڏهن هُو پنهنجي چونڊ ۾ وڌيڪ نالن ۽ نظمن جو اضافو ڪري.

اظهار ۽ شعور جتي خانن ۾ ورهائجي بند ٿيڻ لڳندا آهن، اُتي ولي رام ولڀ لِيڪن کي اورانگهيو آهي ۽ سرحدن کي ٽوڙيو آهي. حدن کان انڪار ڪري وسعت حاصل ڪرڻ جي خواهش ۽ ڪوشش ولي رام ولڀ جو اصل ڪمال آهي، جيڪو هِن ڪتاب جي ترجمن مان چِٽو پُٽو ڏسجي ٿو.

چوندا آهن ته ٻُڏندڙ کي ڪَکَ جو سهارو. اسان جي جديد دنيا ۾ ڪيترائي ماڻهو هڪ ڪک کي پنهنجي سجائپ ٻڌائي ان سان ئي چهٽيل رهندا آهن، ۽ ڊپ هوندو اٿن ته هٽ ڪيندا ته ٻُڏي ويندا. هي سرحدن تي اصرار جي دنيا آهي. امريڪي نقاد ۽ لسانيات جي ماهر Michael Shapiro، جيڪو هيئت پسند لاڙن جو وڏو مبلغ آهي، پنهنجي ڪتاب "The Sense of Form in Lnaguage and Literature" ۾ هڪ پورو مضمون سرحدن جي ادبي تصور تي لکيو آهي ۽ انهيءَ مضمون جي پهرئين صفحي تي ئي اهو لکي ڇڏيو اٿس:

"One very important thing about boundaries is that they are purely mental entities."

انهيءَ تي مون کي جرمنيءَ جي بيمثال ناول نگار ۽ شاعره Ingeborg Baohman جي نظم "Of a Land, a River and Lakes" جون هي ٻه سٽون ياد اچن ٿيون:

"Speak across borders
even if borders pass through very word."

هن دنيا جي هرهڪ لفظ کي سرحدن تار تار ڪري ڇڏيو آهي، پر ولي رام ولڀ جا ترجما انهيءَ اُميد افزا طاقت جي فتح جا اعلان ناما آهن، جيڪي سرحد پار کان ڳالهائين ٿا. اهائي شاعري آهي، ۽ شاعريءَ جو ورود، هن عهد جو معجزو- يعني پيرُ هنيو ته پاڻي نڪري آيو... ريتيءَ تي پيرن جي نشانن ۾ پاڻي چمڪي رهيو آهي ۽ شهر جي عمارتن ڪان پري، سمنڊ اُس ۾ چمڪي رهيو آهي.

10 ڊسمبر 2004ع
ڪراچي

آصف فرخي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪوِتائن جي ڪاڪ محل ۾

## مترجم جا ويچار

اها دعويٰ قطعي نه اٿم ته مون کي دنيا جي مختلف ٻولين جي ڄاڻ آهي ۽ اُنهن ۾ لکيل ادب تائين سِڌي رسائي ۽ First hand واقفيت آهي، پر جڏهن انگريزي، هندي ۽ اردوءَ ۾، جن جي عام رواجي ڄاڻ اٿم، ۽ ٻين ٻولين مان ترجمو ٿيل مَن کي ڇهندڙ ڪا ڪوِتا، زندگيءَ جي وهڪري مان ڪنيل ڪا ڪهاڻي، سماج ۽ اُن جي حالتن جو ڀرپور عڪس ڇٽيل ڪو ناول، يا ٻيو ڪو نثري ادب جو شاهڪار پڙهندو آهيان ته بروقت اُن کي پنهنجي ٻوليءَ جو ويس ڍڪائڻ جو خيال بي اختيار ڪَر موڙي جاڳي پوندو آهي. پر پنهنجين مختلف محدودگين ۽ مجبورين سبب، رڳو اُهو ڪجهه ترجمو ڪري سگهندو آهيان، جنهن ۾ وڌيڪ دلچسپي هوندي اٿم، يا اُهو ترجمو ڪرڻ جوڳو لڳندو آهي. انهيءَ عمل جي پسمنظر ۾ منهنجي طبعي لاڙي، ذهني ڳانڍاپي ۽ دِل جي چَئي جو وڏو دخل هوندو آهي. انهيءَ ڪري ٻين ٻولين جا ڪيترائي اهم شاهڪار ۽ شهپارا مُنهِ ۾ اچڻ کان رهجي ويندا آهن، جيڪي ٻولي ۽ ادب جي سرڪاري نيم سرڪاري، خانگي ادارن ۽ انفرادي اشاعت گهرن لاءِ به سواليه نشان بڻيل آهن.

هن 'ڪوِتا ڦلواڙي' ۾ شامل طرح طرح جي ڪوِتائن جي ڀوپان ائنٿالاجي سهيڙڻ جي باقاعدي رٿابندي ۽ اُن لاءِ گهُربل ٽيڪنيڪي ترتيب جي محنت شامل ناهي، ڇو جو مون پنهنجي هڪ ڊگهي عرصي تي ڦهليل ڪوِتائن ۽ اُنهن جي مختلف مجموعن ۽ رسالن جي اڀياس دوران اِهي ڪوِتائون At random ترجمو ڪيون هيون، جيڪي هن مجموعي ۾ ڳاٽيٽي جي لحاظ کان 215 آهن ۽ دنيا جي 26 مختلف ٻولين جي 112 شاعرن جي 19 مُلڪن سان لاڳاپيل آهن. ۽ دنيا جي نقشي تي پنجن کنڊن ۾ ڦهليل آهن. جيتوڻيڪ انهن ملڪن جي جاگرافي، تاريخ ۽ ڪلچر ڌار ڌار آهن؛ سندن ريتيون، رسمون، رواج ۽ روايتون مختلف آهن؛ انهيءَ لحاظ کان سندن سماجيات، اقتصاديات ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياسيات جا پس منظر ۽ پيش منظر الڳ الڳ آهن: مختلف نفسياتي، سوچ ۽ فڪر جا مالڪ آهن. پر انهيءَ ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته اُتان جي رهاڪن جي جذبن ۽ خواهشن جي شدت، ڏک سُک جون ڪيفيتون ۽ محبت ۽ نفرت جا عمل ۽ ردعمل هڪجهڙا آهن ۽ هڪجهڙي اثر سان دل کي ڇُهن ٿا، جهوپو ڏين ٿا ۽ جهومائين ٿا. انهيءَ ڪري اسين سڀ ڏار ڏار مُلڪن جا رهواسي هئڻ جي باوجود، هن دنيا جا رهندڙ هم وطن آهيون.

ادب ۾، ڪوِتا يا شاعري هڪ اهڙي صِنف آهي، جنهن جو سنئون سِڌو واسطو انساني ذهن جي نهايت ئي نفيس ۽ نازڪ ڪيفيتن سان آهي ۽ پڙهندڙ توڙي ٻڌندڙ جي ذهن جي ڳُڙکين ۾ پير ۾ پير پائي داخل ٿي، انسان جي اندروني سنسڪار تي ڇانئجي ويندي آهي. اهڙي صورت ۾ ٻي ٻوليءَ جي ڪوِتا کي پنهنجي ٻوليءَ جي هنج ۾ وهارڻ لاءِ ٻنهي ٻولين جي مزاج ۽ ماحول جي ڄاڻ سان گڏ، انهن مخصوص شعري تجربن جي اونهاين مان گذرڻ شرط آهي.

هڪ ڪوِتا، هڪ اهڙو واقعو هوندو آهي، جنهن جهڙو اڳ ۾ ڪڏهن به نه ٿيو هوندو آهي، پر ڪوِتا جي واقعي جي ٿيڻ جي عمل مان جنهن کي گذرڻو پوندو آهي، اُهي لفظ آهن ــ لفظ، جيڪي هڪ نرالي اندروني دٻاءُ ۽ اُڇل جي هڪ خاص قوت جو، ۽ ماضيءَ جي نامعلوم واقعن جي اظهار جو، ۽ جُملن جي هڪ ترڪيبي روايت جو، ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪڙين- مِنين ڳالهين جو ذمو کڻندا آهن، تنهنڪري اُهي، اُن ٻوليءَ کان سواءِ، جنهن ۾ اُهي ڪوِتا جي روپ ۾ سرجيا آهن، ٻي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيڻ جوڳا نٿا ٿين. رابرٽ فراسٽ (Robert Frost) ڪوِتا جي وصف ٻڌائيندي، ترجمي لاءِ صحيح ڳالهه ڪئي آهي ته

"That which gets lost from verse and prose in translation".

جيڪڏهن ڪوِتا جو هر لفظ معنيٰ دار ۽ اُن کي سمجهائڻ جي هڪ ڪُليت آهي ته جڏهن مترجم اصل لفظن جو ترجمو ڪري ٿو ته هُو اُنهن لفظن کان ٻاهر نڪري ٿو ۽ ائين ڪرڻ سان هُو ڪوِتا کان هٽ ڇڏائي ٿو، پوءِ پيلي هُو لفظن ۾ بيان ڪيل خيال کي ٻي ٻوليءَ ۾ ڪيڏي بهتر طريقي سان، جيڪو ممڪن هوندو آهي، چونه منتقل ڪندو هجي. انهيءَ صورت ۾ هُو پڙهندڙ کي سمجهڻ ۾ مدد نٿو ڪري، جو ڪوِتا سمجهڻ هڪ ڳالهه آهي ۽ ڪوِتا جي تجربي مان گذرڻ ٻي ڳالهه آهي، تنهنڪري ائين چئجي ٿو ته ٻوليءَ جو رڪوالو

(Preserver) شاعر ۽ غدار (Traitor) مترجم ڪڏهن به هم خيال نه ٿي سگهندا؟ جيڪڏهن ائين آهي ته ڇا ڪوِتا کي هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جي خام خياليءَ کي ڇڏي ڏجي ۽ اسين وسيع ترين زندگيءَ جي خوبصورتين ۽ جمالياتي تجربن ۾ اندر ۾ وهندڙ دريا ۽ اُن جي ڇولين جي ڇوهه جي ڄاڻ کي وڃڻ وساري ڇڏيون؟ نابوڪوف (Nabokov) اُچاتري راءِ ڏيڻ ۾ اُلجهڻ کان بچڻ لاءِ، ترجمي جي باري ۾ ڪيڏو نه ٺيڪ چيو آهي:

The clumsiest literal translation is a thousand time more useful than the pretiest paraphrase.

پر انهيءَ ۾ به ڪو شڪ ناهي ته زنده ڪوِتا جو وڏو حصو رڳو تڏهن زوراَئتو ۽ ڀرپور پڙاڏو پيدا ڪندو، جڏهن اُن جو اظهار شاعراني روح کي زخمي ڪرڻ کان سواءِ ڪيو ويندو.

مون به 'ڪوِتا ڦلواڙيءَ' ۾ ترجمو ڪيل ڪوِتائن ۾ انهن جي روح سان هٿ چراند ڪرڻ بدران، اُنهن جو اصلوڪو آهنگ قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر هڪ ٻرتن مان ٻئي ٻرتن ۾ اوتڻ سان ڪجهه پاڻي ٻرتن ۾ رهجي ويندو ته ڪجهه اوَس هارجي ويندو. باقي رهيل پاڻيءَ ۾ ڪيترو ڪمائتو آهي ۽ ڪيترو بيڪار، اهو فيصلو پڙهندڙن تي آهي. بهرحال منهنجي اِها ڪوشش دل جي چئي جو نتيجو آهي، جنهن ۾ پيار جو پورهيو شامل آهي. پڙهندڙ سڄڻن کي منهنجي هي ڪوشش پسند پئي ته پنهنجو پورهيو سجايو سمجهندس.

'ڪوِتا ڦلواڙيءَ' جي تياريءَ ۾ هٿ ونڊائيندڙن جا وڙ وسارڻ نه ٻلڪ ڳائڻ جوڳا آهن. سڀ کان اول پاڻرن جهڙي مُربي دوست ۽ ماهوار ڪونج جي ايڊيٽر هري موٽوانيءَ جو ٿورائتو آهيان، جنهن رهيجا گروپ آف ڪمپنيز جي خوبصورت ڊائريءَ مون ڏانهن موڪلي، مون کي اُن ۾ سموريون ڪوِتائون اُتارڻ جو خيال پيدا ڪيو ۽ ايتريون ساريون ڪوِتائون يڪجا ڪري، ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرائڻ لاءِ اُتساهيو.

جيڪڏهن پياري دوست ۽ سنڌي ٻوليءَ جو شاعر جاويد ساغر پنهنجي سطح تي سچيت ڪتاب گهر لاهور جي روح روان ۽ 'پنچم' (پنجابي) جي ايڊيٽر محترم مقصود ثاقب سان رابطو ڪري، 'ڪوتا ڦلواڙي' ڇپائڻ لاءِ آماده نه ڪري ها ته شايد ئي اهو مواد ڪتابي صورت ۾ سهيڙي سگهان ها. پر افسوس جو هو انهيءَ کي ڪتابي شڪل ۾ شايع نه ڪري سگهيو. اهو سهرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري منهنجي پياري دوست موهن مدهوش جي سر تي آهي، جنهن پنهنجي اداري ڪويتا پبليڪيشن طرفان هن ڪتاب کي شايع ڪرڻ جو اهتمام ڪيو آهي. اهڙي وڏ کان سواءِ ڇا هي ڪتاب منظر عام تي اچي سگهي ها؟

عزيز دوست ۽ اردو زبان جي گهڻ پڙهئي ۽ گهڻ لکئي نامياري ليکڪ محترم آصف فرخيءَ جي مثبت موٽ جو ذڪر ڪرڻ مون لاءِ اعزاز جو سبب آهي، جنهن 'ڪوتا ڦلواڙي' تي نه رڳو سير حاصل مهاڳ لکيو آهي، پر اُن ۾ مترجم جي حيثيت تي علمي ۽ ناقدانه نقطهء نگاهه کان بحث ڪيو آهي، جيڪو هِن کان اڳ سنڌيءَ ۾ ڪنهن به نه ڪيو آهي.

پياري دوست ۽ جاڪوڙي ليکڪ تاج جويي ۽ نوجوان شاعر دوست زبير سومري طرفان ڪتاب جي باري ۾ وقت بوقت ڏنل مفيد مشورن ۽ پروف ڏسڻ ۾ مدد يقيناً 'ڪوتا ڦلواڙي' کي بهتر بنايو آهي، جنهن لاءِ سندن لک تورا.

محترم حسين احمد ميمڻ، ڪمپيوٽر تي جنهن اورچائي سان مواد جي ڪمپوزنگ ڪئي آهي، اُنهيءَ جي ساک خود هيءُ ڪتاب آهي. هُن غلطين پريل پروفن کي وري وري درست ڪرڻ دوران ڪڏهن منهن نه گُهنجايو. اهو وڏ اصل وسارڻ جوڳو ناهي.

پنهنجي گُٽوان ۽ سياڳي ڏيءَ/ نُهن انيتا ڪمليشور جي هن ڪتاب جي تياريءَ جي هر مرحلي تي ورتل ڪوشش ۽ ڪيل محنت لاءِ منهنجون پيار پريون آسيسون ۽ دعائون هجن.

پڇاڙيءَ ۾ پنهنجي جيون ساٿياڻي هري ولڀ لاءِ انيڪ شُڀ ڪامنائون، جنهن پنهنجي زندگيءَ جو هر پَل مون کي ارپيو ۽ هن ڪتاب جي تياريءَ دوران منهنجو هرطرح خيال رکيو، جنهن ڪري منهنجو پورهيو ڇپائيءَ جي مرحلن مان گذري ثاب پيو.

ولي رام ولڀ

14 جون، 2005
B-44، شريف اسڪوائر، حسين آباد،
حيدرآباد- 71000، سنڌ.
فون: 0223-861331
سيل: 0300-302-7331
اي- ميل: valiramvallabh@yahoo.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# واپسيءَ تي ڪوِتائون

(1)
آسمان ۾ ڪوريئڙن جوا نبار آهي
تون چوين ٿو ته اُهي تاڙا آهن
روشنيءَ جي چار ۾ لٽڪيل

(2)
هوريان، لڪيل تارن ۽ ڦندن جي باري ۾ سوچيندو،
مان جهاز مان لهان ٿو،
اُن جي هيٺان اچڻ سان گڏئي اُڏامي وڃڻ جو انديشي ۾

(3)
جسم ڪي سِر کان الڳ ڪندي
گلن جا هار ۽ هر شخص سفيد پوشاڪ ۾.
اسان سڀ آهيون ڪنهن جا پوت؟

(4)
تون. تون. تون.
هٿ جو ملائين. ۽ تون

(5)
تڏا هٿ، تڏا پير، مون سوچيو
ته منهنجي ڳچي ڏوڙڻ لاءِ
سچ هتي تورو هيٺ ٿيندو.

---

عادل جساوالا (Adil Jassawalla): جنم 1940ع، بمبئي. ڀارتي انگريزي ليکڪ. ٻه شعري مجموعا:
'Lands End' ۽ 'Missing Person' شايع ٿيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(6)

مضبوط تارن تي
اسان گولين جي ٻولي ڳالهايون ٿا
ڇِڏا ڇُرن ٿا، ڪُلن ٿا ۽
هڪ ٻئي کي ڪائن ٿا

(7)

ڪي شاندار هئا
ڇا هو
اُفق وانگر گهرا ۽ ٻي جان هئا؟

(8)

پاڻيءَ وانگر اونڌو ڪيل
مان پنهنجي پياري وڻ ڏانهن ٿُبي هٽان ٿو
جيڪو هاڻي اُتي ناهي
جيتوڻيڪ انهن اُن جون پاڙون ڇڏيون آهن.

(9)

زمين جا سڪل پتر
روئڻ جي ڪوشش ۾
پنهنجا ننڍا چهرا ڦيري ڇڏين ٿا.
اُتي پوريان جتي مان پيدا ٿيو هوس
شايد مان اچا به
پنهنجي پيدائش ڏسي سگهان ٿو.

●●●

# نِسم ايزيڪِيل

انگريزي (ڀارت)

## گنگا

نوڪرن کان اڳ
پنهنجي ڏيا تي

اسان کي ناز آهي
ڏوهڻ
جنهن تي رنڊي هڻڻ جو

شڪ آهي
لوڏي نٿي وڃي.

ڪيس هميشه
هڪ ڪوپ چانهه ملي ٿي
جا گڏريل شام جي بچيل آهي
۽ هڪ ماني

جيڪا پاروتي آهي
پر ڪاٺڻ جوڳي آهي

---

نِسم ايزيڪِيل (Nissim Ezekiel): جنم 1924ع مرمبئي. ڀارتيه انگريزي ساهت ۾ هڪ وڏو نالو. انگريزي ساهت ۾ اعليٰ تعليم ورتل ۽ ايم. اين. راءِ سان گڏ ڪم ڪيل. شاعر سان گڏ نقاد پڻ. سندس 'The Unfinished ,'The Exact Name' ,'The Third' ۽ 'A Time to Change' Man' شايع ٿيل. انهن کان سواءِ انيڪ ناٽڪ لکيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال ۾ هڪ ڀيرو
هڪ پراڻي ساڙهي ۽ بلائوز
جنهن جي عيوض اسان کي آسانيءَ سان
هڪ اڌ چيني يا اسٽيل جو برتن ملي سگهيو ٿي

انهيءَ ڪان سواءِ، هوءَ پان جي لاءِ
يا ٻار جي مٺائيءَ لاءِ

ڪنگڻ به اوڌر تي وٺي ٿي
هوءَ پاڻ سان گڏ

هڪ ٻوءِ ڪٺي اچي ٿي
۽ اُن کي ڇڏي وڃي ٿي

پر اسان انهيءَ جا عادي ٿي چڪا آهيون
اهي ماڻهو ته ڪجھه سگهڻ ڪان رهيا.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آئيني جي اڳيان

توکي جيڪو پيار ڪري اهڙو شخص ملڻ آسان آهي
بس انهيءَ ڳالهه جي باري ۾ ايماندار رهج
تہ عورت جي طور تي تنهنجون ضرورتون ڪهڙيون آهن
آئيني جي اڳيان هن سان گڏ ننگي ٿي بيهج
جيئن هو ڏسي ۽ پڪ ڪري تہ هو وڌيڪ سگهارو آهي
۽ تون هن کان گهٽو وڌيڪ ڪومل، جوان ۽ خوبصورت ...
منظور ڪرينس تہ تون ڪيس ساراهين ٿي.
هن جي جسم جي سڊولتا تي غور ڪر،
غسلخاني جي ڦوهار جي هيٺان گلابي ٿيندڙ هن جون اکيون،
فرش تي هن جو ڪجهہ جهجهڪي هلڻ، توال ڪيرائڻ، ۽
جهٽڪا ڏيئي پيشاب ڪرڻ.
ڪيس سڀ سؤنپي ڇڏ،
ڏيئي ڇڏ ڪيس پنهنجو عورتپڻو،
ڊگهن وارن جو واس،
ڇاتين جي وچ جي پگهر جي ڪستوري،

---

كملا داس (Kamala Das): جنم 1934ع. انگريزيءَ جي شاعرا. گهر ۾ ئي تعليم حاصل ڪيائين. مشهور ڪوتا جا مجموعا: 'Summer in Culcutta'، 'The Decendants'، 'The Old Play House' ۽ سندس آتم ڪٿا 'My story' 14 بين الاقوامي ٻولين ۾ شايع ٿي چڪي آهي. هوءَ مليالم زبان ۾ بہ 'ماڌ وِڪٽي' نالي سان لکندي آهي. ڪيرل ساهتيہ اڪادمي ۽ ايشين پي. اي. اين طرفان ايوارڊن سان نوازيل.

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

ماهواريءَ جي رت جي ڪوساڻ

۽ تنهنجي ڪڏهن ختم نہ ٿيندڙ عورتائي بُک.

اوهہ ها!

پيار ڪري اهڙو شخص ملڻ آسان آهي، پر

بعد ۾ هن کان سواءِ رهڻ کي منهن ڏيڻ پنجي سگهي ٿو ـ

زندگيءَ کان سواءِ جيئڻ،

جڏهن تون گهمندي آهين،

اجنبين سان ملندي آهين،

انهن اکين سان گڏ

جن پنهنجي ڳولا ڇڏي ڏني آهي،

انهن ڪنن سان، جيڪي رڳو توکي پڪاريندڙ

هن جا آخري سڏ ٻڌن ٿا

۽ تنهنجو جسم جيڪو ڪڏهن هن جي ڇهڻ سان

ٽپي ڪنجهي وانگر چمڪندو هو،

هاڻي ڦوهڙ ۽ اُجاڙ آهي.

●●●

## اِپسارڪا (❀)

مان جنهن جي ڪارڻ اونڌهہ ۾
ٺوڪر کان ٿي
۽ قدم سنڀالي وٺان ٿي
اُها ھيءَ سرد اونداھي رات
ھي جھڪنڊڙ وڻ جون نڪتل پاڙون
ھي تارن جو زرد اُجالو
نہ آھي
بلڪ ملاقات جي ھڪ ساروڻي آھي
جڏھن مُرڪ ۾ ملاوٽ نہ ھئي
چوري نہ ھئي
جڏھن گھَرايون جلدي يا لڪي ڇپي
نہ چاھيون ويون ھيون
جڏھن پيار ڪرڻ لاءِ
سڄيءَ دنيا جو وقت ھو
۽ دنيا اسان جي طرف ھئي
جڏھن تون پريم جي نڙيءَ تي نَهن نہ ڏين ھا
۽ مان پنھنجا ڏند نہ پڪوڙيان ھا.

●●●

---

گوري ديشپانڊي (Gauri Deshpande): جنم 1942ع. انگريزيءَ جي پرمُک شاعرا. 'Between Births' ۽ 'Lost Love' سندس اهم شعري مجموعا آهن. مراٺيءَ ۾ بہ لکندي آهي. گڏوگڏ ترجما پڻ ڪندي آهي.

(❀) رات جي اونداھيءَ ۾ محبوب سان ملڻ لاءِ ويندڙ عورت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ارِوند ڪرشڻ مهروترا

# هڪ ڀهرئين سوانح نگار جا تبصرا

(1)

ڪجھ اهڙو هو جنهن ڪي اسان اڳ نہ ڇاتو هو
اهڙو جو هن پنهنجي ڪِوتا ۾ نہ لکيو هو
اسان جو ڀهريون ڪمر
تہ هو اُنهي پراڻي مرتبان ڪي
ريجهائي منجهس گهڙي وڃڻ.
ڏوڙ ۾ هوا لتڪيل هئي،
جيڪي ڪتاب هن پورا نہ ڪيا هئا
اهي زنده هئا ۽ ديوارن ۾ انتظار ڪري رهيا هئا.
ڏنڊ اسان ڪي ڏسي پُل هيٺ نوائي ڇڏي.
سڀ ملائي اسان تي ڏينهن گذاريا
انتظار ڪندي تہ
ڪو پڪي، ڪو سوڻ
پيو ڪو راز کولي تہ سهي.
اسان ڏاڪڻ تان لٿاسين اهو ياد ڪندي
تہ اُتي اسان متانئن لنگهي تہ نہ ويا هئاسين.
جڏهن اسان پوئتي مُڙي ڏٺو
تہ ڪمري جا تهہ تي ڇڪا هئا.

---

ارِوند ڪرشڻ مهروترا (Arvind Krishna Mehrotra): جنم 1947ع، لاهور. تعليم الہ آباد ۽ ممبئي ۾ ورتائين. ڀارتي انگريزي ڪِوتا جو اهم آواز. 'Nine Enclosures' نالي شعري مجموعو ڇپيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2)

وري اونهاري جي هڪ ڏينهن
جيئن ئي سج پنهنجين سنهڙين ٽونٽين تي اُٿيو
مان موٽيس اڪيلو.
منهنجي ڪيسي جون ليڪون هاڻي - ڏند جي چاقوئن جهڙيون هيون.
۽ انهن ۾ تازي بارود جي بوءِ هئي.
ڪناري ۽ شيشي تي
مون روشنيءَ جي پاڇولن جو مطلب کوجي ڪڍيو
۽ اهو رستو ڳولي ورتو
جنهن جو استعمال هن آڪاس جي
صاف ستري چيڙي تائين پهچي نڪرڻ ۾ ڪيو هو.
ندي پوڙهي تي چڪي هئي
اهڙو نانگ بنجي ويئي هئي
جنهن جا ڦڻ نه هجن.
پراڻو بڙ جو وڻ ستو پيو هو
ان جو مٿو پاڙن سان پريو پيو هو.
انهيءَ شهر جي عورتن پڇيو:
هن دريون کوليون آهن يا بند ڪيون آهن؟

(3)

پنهنجي تيز حافظي ۾
هن پنهنجي ماڻ پنهنجين پريمڪائن وانگر اختيار ڪئي هئي.
۽ منهنجو ارادو ناهي
ته سوراخن جي سجولتا ۾ گڙبڙ ڪريان.
جڏهن مان هن جي نوٽبڪ جا ورق ورايان ٿو
ته ڪجهه ڪردار وڪري وڃن ٿا.
مان هڪ پيرو وري
رڪ سان پريل انهيءَ اونڌي برتن کي کوٽيان ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پنهنجي راهه ڏيکاريندڙن کي
سندن سرحدن کي موٽائي ڏيان ٿو:
ڪوريئڙي کي پنهنجي ڄار ۾
ڪُوئي کي الماريءَ ۾
ڇڇيءَ کي سِرن ۾.
ٻالڪپڻ ۾ هو لفظن کي بليڊ سان ڪپيندو هو،
يا انهن کي ٽوپين وانگر اُبتو ڪري پائيندو هو.
موت جي وقت هن جو وات ڪليل هو
هن جو ساڄو هٿ اهڙو گرم هو
ڄڻ هن ڪڏهن لکيو ئي نه هجي.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## دليپ چِتري

### ٻڙ کي ڪيرائڻ

منهنجي ڀيءُ ٽڪريءَ تي
اسان جي گهر جي آس پاس جي گهرن ۾
جيڪي مسواڙي رهندا هئا، انهن کي ڇڏي وڃڻ جو چيو
هڪ ٻئي ڀوريان گهر ڍاٺا ويا
رڳو اسان جو گهر بچيو
۽ وڻ ڀوتر ٿيندا آهن، منهنجي ڏاڏي چوندي هئي
انهن کي ڪيرائڻ پاپ آهي
پر بابي سڀ ڪپي ڦٽا ڪيا
شِوگا، اودُمبر ۽ نم سڀ ڪيرايا ويا
پر اهو وڏو ٻڙ جو وڻ هڪ مسئلي وانگر بيٺو رهيو
جنهن جو پاڙون اسان سيني ءِجي زندگين ڪان ٻه اونهيون هيون
منهنجي ڀيءُ انهيءَ کي اُتان ڪپائڻ جو حڪم ڏنو.

ٻڙ جو وڻ اسان جي گهر کان ٽيڻو اوچو هو
اُن جي ٿڙ جو گهيرو پنجاهه فوٽ هو
اُن جون سڪل، سخت هوائي پاڙون
ٽيهه فوٽ يا اُن کان ٻه مٿي

---

دليپ پرشوتم چِتري (Dilip Chitre): جنم 1948ع. مراٺيءَ جو نوجوان تخليقڪار. گڏوگڏ انگريزيءَ جو شاعر پڻ. ساهت جي سيني صنفن ۾ لکي ٿو. ٻه شاعريءَ جا مجموعا، هڪ ڪهاڻين جو مجموعو ۽ هڪ سفرنامو شايع ٿيل. سندس شاعري انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ شايع ٿيل. بمبئي جي ائڊورٽائزمنٽ ڪمپنيءَ سان وابسته.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌرتيءَ تائين جُهڪي آيون هيون
سو پهرين انهن تاريون ڪپيون
ڪاراين سان ستن ڏينهن تائين
جن جو ڍير تمام وڏو ٿي ويو
جيت ۽ جهرڪيون وڻ کي ڇڏڻ لڳا
۽ پوءِ اهي اُن جي مضبوط ٿُڙ تائين پهتا
پنجاهه ماڻهو ڪهاڙا کڻي ڪپيندا رهيا،
ڪپيندا رهيا
وڏي وڻ پنهنجي ٻن سؤ ورهين جا گول ڇڪرا ڏيکاريا
اسان اهو سڀ ڪجهه ڏجندي ڏسندا رهياسين
جيئن جيئن هڪ اڻ گهڙيل وڻ
پنهنجي ڇمار پڌري ڪندو ويو

جلدئي اسان بڙودا ڇڏي بمبئي روانا ٿياسين
جتي ڪوبہ وڻ ناهي سواءِ انهيءَ جي
جو اُهو ڪنهن جي سپنن ۾ وڏي ٿو ۽ ڦهلجي ٿو
جنهن جون آڪاس- پاڙون اندر گهڙڻ لاءِ زمين کوجين ٿيون.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گِيوَ پٽيل

انگريزي (پارٽ)

## وڻ جي زندگي وٺڻ لاءِ

وڻ جي زندگي وٺڻ لاءِ
وقت گهُرجي
رڳو هڪ چاقو ڪُهاڙي سان ڪم نٿو هلي
هو اُپريو آهي ڌرتيءَ ڪي هوريان هوريان کائيندي
انهيءَ مان اُٿيو آهي، انهيءَ جي کهُراڻ کي کائيندي
ورهين تائين اُس، هوا، پاڻي کائيندي
۽ پنهنجي ڪوڏياري کل مان
پنکڙيون ڪيندي

انهيءَ کري هڻ کهاڙي ۽ ڪپينس
پر رڳو انهيءَ سان ڪم نه ٿهندو.
ايڏي ساري جاکوڙ مان به ڪجهه نه ٿيندو.
رت ڳاڙيندڙ چوڏا پرجي ويندا
۽ ڌرتيءَ جي بلڪل پرسان
لهردار سائو گُونج وري نسرندو،
ننڍيون ڏانديون
جن کي جيڪڏهن روڪيو نه ويو ته پوءِ
پنهنجي پراڻي شڪل جون ٿي ويندڀون.

---

گِيوَپٽيل(Gieve Patel) : جنم 1940ع. انگريزيءَ جو شاعر. به مجموعا - 'Poems' ،'How Do You Withstand Body' شايع ٿيل. شاعريءَ کان سواءِ ناٽڪ لکي ٿو ۽ مشهورچترڪار به آهي. پيشو ڊاڪٽري اٿس.

نه
پاڙ کي پَٽڻو پوندو۔
جيڪا لنگر وانگر ڌرتيءَ ۾ کُپيل آهي:
انهيءَ کي رسيءَ سان ڀڃڻو پوندو
۽ ڇِڪڻو پوندو۔ جهٽڪي سان
يا زور لڳائي، سموري جي سموري،
ڌرتيءَ جي غفا مان،
۽ وڻ جي طاقت کي ڀڃڻو ڪرڻو پوندو،
نهرڪي، سفيد ۽ آلي
سڀ کان وڏيڪ تجربيڪار،
ورهين کان ڌرتيءَ کان لڪيل.

انهيءَ کان پوءِ ايندو مامرو
سج ۽ هوا ۾
انهيءَ کي لهسائڻ ۽ سُڪائڻ جو،
سندس ڪارائڻ، سخت ٿيڻ
سُڪڻ ۽ سِجڻ جو.

تڏهن وڃي ڪٽي ڪم ٿيندو.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آر- پارٿا سارٿي

انگريزي (ڀارت)

## ٽپهريءَ جو!

مون ٽپهريءَ جو
پنهنجي ميز تان ڏوڙ ڇنڊي
پاڻ کي سنڀالڻ جي هڪ شعوري ڪوشش ۾
سموريون شيون قريني سان سجايون

پوءِ مون پنهنجن چاليهن ورهين کي
بيئر جي هڪ گلاس ۾
ٻنان ڪنهن جتن جي ڪناري ايندي ڏٺا
پر انهن دوکن جو

ڪو انت ئي ناهي جيڪي مان پاڻ کي ڏيندو رهيو آهيان:
مثال طور مان دوستن جي پيسن تي جيئرو رهيو آهيان
اُهي ئي پراڻا ڪوڙ ڳالهايان اٿم

۽ اڪ به نه ڇنيي اٿم
مون پنهنجا فائيل انهيءَ ڪري ساڙي ڇڏيا آهن

---

آر-پارٿا سارٿي(R. Parathasarthy): جنم 1932ع. تعليم ايم- اي، ٻي- لٽ. انگريزيءَ جو مشهور شاعر. ڀارتي ٽوڙي پڙهيءِ اخبارن ۾ مشهور، ۽ 'آلڪا ڪرتا' انعامن سان نوازيل. ممبئي ۾ ڏهن ورهين تائين انگريزي اخبار جو ايڊيٽر ٿي رهيل. 40 ناول، 25 ڪهاڻين جا مجموعا، 15 مضمونن جا مجموعا، 3 سفرناما ۽ هڪ ناٽڪ شايع ٿيل. ساهتيه اڪادمي جو ايوارڊ حاصل ڪيل. آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ۾ ايڊيٽر جي حيثيت سان پهرين مدراس ۾ ۽ هاڻي نيو دهليءَ ۾ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ تہ اُهي مون کي دېائي ڇڏين ها

ايتري قدر جو مون ڪيترا ڏينهن خط بہ نہ کوليا آهن.
مون کي ڪابہ شيءِ پوري ناهي ڪرڻي
هاڻي مان گهٽو ڪري سارو ڏينهن

پنهنجي مٽي مان اچا وار پٽڻ ۾ گذاريان ٿو
ڪڏهن ڪڏهن هڪ سگريٽ دُکائيندو آهيان -
دونهين جو ايٽن پيچو ڪندو آهيان جڏهن
ڪنهن سٺر- گاڏيءَ جي اڪيلي سواري آهيان.
●●●

## موت جي پرواري ڪمري ۾

موت جي پرواري ڪمري ۾
اَڇاتل شهر جي هڪ هوٽل ۾
پيت تي ڇِڇيون
منهنجي جنم- پَتري ٿاهينديون

هوٽل جي هن ٻي ڊنگي ڪمري ۾
هڪ اڇاتل شهر ۾
مُشت زنيءَ جو شاهد
ڪنهن پنهنجي اُٽيل چار ۾ ڪوريٽڙو ويٺو هوندو

هتي مان پنهنجو انتظار ڪري رهيو آهيان
هن ڪمري جي ڪونٽي ۾ ٻڌجي ـ
دروازو پاٽيهي کُلي پوندو
منهنجي بوٽن جي چيچاٽن سان

هن سوڙهي ۽ بڪٽي ڪمري ۾
اڇاتل شهر جي هڪ هوٽل ۾
مان پنهنجي ذات جي وحشيءَ کي
ڊائناماٽيت سان اُڏائڻ وارو آهيان.

---

اروڻ ڪولٽڪر(Arun Kolatkar): جنم 1932ع، بمبئي. انگريزي ۽ مراٺيءَ جو هڪ جهڙي حيثيت وارو شاعر. پيشو: گرافڪ آرٽسٽ. 'جيجُوري' شاعريءَ جي مجموعي تي 'ڪامن ويلٿ پوئٽري' جو انعام مليل. مراٺي شاعريءَ جو مجموعو 'اروڻ ڪولٽڪر ڪرچيا ڪوِتا' 1977ع ۾ ڇپيل.

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

## ڏيئا

ڪتان ڪجھه سڙڻ جي بوءِ پئي آئي
۽ مان ڪيسي مان رومال ڪڍڻ وارو ئي هوس
تہ منهنجي چيچ هيٺ ڪري پئي
مون اها ٻئي هٿ سان ڪٽي ورتي
تہ نڪ ئي نڪري آيو رومال سان گڏ
جيڪو رومال ۾ ويڙهي
ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيم

پوءِ بہ ڪتان ڪجھه سڙڻ جي بوءِ پئي آئي
انهيءَ ڪري مون ڪيسي ۾ ئي نڪ سڄڪيو
۽ ڏسڻ وارو ئي هئس تہ
چيچ ۾ ڪينئان تہ نہ پئجي ويا آهن
تہ اُنهيءَ وقت ڏيئا وسامي ويا.

## گھوڙو

نالي ۾ بلڪل گھوڙو۔
جنهن جي ڄمڻ ۽ وڏڻ جي خبر نہ ڪائي
ڪينسر وانگر
جنهن جو گوشت ۽ رت
مٽيءَ کان باغي
جنهن جي نرالي چال جهڙوڪر وچ جو چمڪو
حملو افواهہ وانگر تيز رفتار
جنهنجون تال دار ٽاپون
سچائيءَ سان وڄندڙ ۽
مانيءَ وانگر بي ڊپيون.

پر

پاڻي ٽيل پٽرجي دؤرجون گنل سلطنتون
(جن جي ڪوپن ۾ لافانيت پئي ڪٽ ڪائي)
جن جا جبل لُڏي ويا آهن ڪنهن معشيت وانگر
ڪوڙن سڪن جي دهشتگرديءَ ڪان۔
اهي گهوڙي جي ٽال دار ٽاپن جي وڏندڙ اثر کي
محسوس ڪن ٿيون
۽ پنهنجي روايتي ننڊ مان جاڳي اُٿن ٿيون
۽ پنهنجي تخت تاج تان هٿ کڻي
نڪري ڀڄي وڃن ٿيون
رڳو گهوڙي جي چال جا وڪريل سِڪا
تاريخ جي شاهراهه تي
پيل رهجي وڃن ٿا
بيڪار ۽ بي ضرر
آتشگير سگريٽ وانگي

## هڪ پوڙهي عورت

هڪ پوڙهي عورت
تنهنجي ٻانهن جهلي
گڏ گڏ هلڻ لڳي ٿي

ڪيس پنجاهه پيسن جو سڪو.گهرجي
هوءَ چوي ٿي: هوءَ توکي
گهوڙي جي نعل واري مندر ۾ وٺي هلندي.

تون اهو مندر ڏسي چڪو آهين
پوءِ به هوءَ منهنڪائيندي هلندي رهي ٿي
۽ تنهنجي قميص وڌيڪ مضبوطيءَ سان جهلي ٿي وٺي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءِ تنهنجي پُٺ نه ڇڏيندي
توکي نه خبر ٿي آهي انهن پوڙهين عورتن جي
اهي سامان وانگر ڇهٽي پونديون آهن

تون مُڙي سندس سامهون ٿين ٿو
هڪ اٿلتا ساڻ
تون انهيءَ راند کي هاڻي ختم ڪرڻ چاهين ٿو

جڏهن تون هن جي ڳالهه ٻڌين ٿو
”هنن منحوس ٽڪرين تي ڪا پوڙهي
ٻيو ڇا ٿي ڪري سگهي؟“

تنهنجي نظر سڌي آسمان تي پوي ٿي
بندوق جي گولين جي انهن سوراخن مان
جيڪي هن جي اکين جي هنڌ تي آهن

۽ جيئن جيئن تون ڪيس ڏسندو وڃين ٿو
سندس اکين جي آس پاس کان شروع ٿيندڙ ڄهير
سندس چمڙيءَ کان ٻاهر ڦهلجڻ لڳن ٿا

۽ ٽڪرين ۾ ڏار پئجي وڃن ٿا
۽ مندرن ۾ چير پئجي وڃن ٿا
۽ آسمان ڪري پوي ٿو

هڪ ٿالهه جي ٽڪاءُ وانگر
انهيءَ اٽُت پوڙهيءَ جي چوڌاري
جيڪا اڪيلي بيٺي آهي

ءِ تون
هن جي تريءَ تي پيل
ٿوري ريزگاري وانگر
رهجي وڃين ٿو

## واٽر سپلاءِ

هڪ پاڻيءَ جو پائيپ
دڪي سان گڏوگڏ ٻوڙي ٿو
گهرجي ڪُنڊ وٽان مُڙي وڃي ٿو
پنهنجي رستي تي چرڪي
اوچتو مٿي چڙهڻ لڳي ٿو
پت سان جڙي
ٻيٺو تي واپس مُڙي ٿو
ڦيرو ڏيئي هڪدم بيهي رهي ٿو
ٽنل ڳچيءَ وارو پتل جو هڪ ڪوئو
ڪڏهن اهو چاڻڻ ڪان سواءِ
ته ڪهڙيءَ طرح
جنڊ جي پڙ جو هڪ ڳنپير پٽر
پنهنجي رهيل زندگي
هڪ خشڪ نلڪي هيٺان گذارڻ لاءِ
هتي اچي پهتو.

## چيتنيه

(1)
ٻاهر نڪري اچ
چيتنيه هڪ پٿر کي چيو

پتر جي زبان ۾
پنهنجي ڇهري تان اهو ڳاڙهو رنگ اُگهي ڇڏ
اهو رنگ مون کي توتي ٺهڪندي نٿو ڀاسي
منهنجو مطلب آهي
هن سادي پتر هجڻ ۾ ڪهڙو هرج آهي
مان پوءِ به تولاءِ گل آڻيندو رهندس
توکي گونتي جا گل پسند آهن
آهن نه؟
مون کي به پسند آهن!

(2)
انگور جهڙا مٺا آهن
"جيجوريءَ" جا پتر
چيتنيه چيو
هن هڪ پتر
پنهنجي وات ۾ وڌو
۽ ديوتائن کي ٻاهر تڪي ڇڏيائين.

(3)
روايتن جي ڏڻ
هڪ ٽڪريءَ جي لاهيءَ تي چرندي
نگاهه کڻي ڏٺو
جڏهن چيتنيه نمودار ٿيو

ٽڪريون هڪ هنڌ بيٺيون رهيون
جيستائين چيتنيه لنگهندو هيو
جڏهن هو نگاهن کان اوجهل ٿي ويو
ڳچيءَ ۾ هڪ وڏو گهنڊ وڳو

۽ روايتن جو ڏڻ
وري چرڻ لڳو.

## الماري

تڙڪيل شيشو
پراڻين پيلين اخبارن جي ٽُڪرن
۽ اگڙين سان ڳنڍيل آهي

دروازي جي در جو هر مستطيل
هڪ اسيمبلائيز آهي

شيشي جا ڪٽڪي وارا سيٽ اسڪوائر
ڏڳها داڻيدار ٽڪرا
نازڪ تبديل ٿيندڙ شڪليون جهلي بيٺا هئا

خانن تي خانا
الماري پريل آهي
سون جي ديوتائن جي سڏين قطارن سان

تون ڏسي سگهين ٿو سون جي ديوتائن کي
اسٽاڪ ايڪسچينج جي ڪوٽيشنز جي
پَچنديون ڪان پريان
اُهي توکي ڏسي رهيا آهن
چيريل ادارين ۽
دائمي جوانيءَ جي وعدن پٺيان

تنهنجي ۽ راءِ عامہ جي پويان ڏسڻ ۾ اچي ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ سونو هٿ
چرٻيءَ ڪان سيٽيل

دروازي تي ـ ظاهر آهي!
توقع مطابق نهڪندڙ
هڪ تالو لڳل آهي.

## اسٽيشن ماسٽر

ٽڪيٽ ڪليڪٽر
ايندڙ گاڏيءَ جي اصول ۾ وشواس ڪندو آهي.
جڏهن ڳالهه ٻولهه وقت تي ايندي آهي
هو پنهنجي جيب ڪٽندو آهي
۽ دريءَ جي پار توکي سونيي ڇڏيندو آهي
۽ توکي هڪ بهتر
عقل ڏانهن موڪلي ڇڏيندو آهي

ٻن سِرن وارو اسٽيشن ماسٽر
انهيءَ گروهه جو آهي
جيڪو هر اهڙي ٽائيم ٽيبل کي مدي خارج چئي
رد ڪري ڇڏيندو آهي جو انهيءَ سال شايع ٿيو نه هجي
جڏهن لائين وچائي ويئي هئي
جيتوڻيڪ انهيءَ پهرئين ٽائيم ٽيبل جي مشهوري
ڪجهه اهڙي آزاديءَ سان ڪندو آهي
جو ڪيس انهيءَ پهرئين جي سٽن وچ ۾
پوءِ واري هر ٽائيم ٽيبل جي پڙهڻ جي
اجازت ڏيندو آهي.

هو پريشان ٿي لهندڙ سج کي ڏسندو رهندو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڻ سج جو لهڻ لڪل ڪرم ڪانڊ جو حصو هجي
۽ هو نہ چاهيندو هجي تہ آخر ۾ ڪا غلطي هجي
آخر ۾ هو هڪ ٽڪاءُ وانگر ها ۽ نہ جي وچ ۾ ڪنڌ لوڏيندو آهي
۽ چوندو آهي تہ هيل تائين ڇپيل سمورا ٽائيم ٽيبل
ڪنهن بہ ڏنل وقت ۽ ڪنهن بہ ڏنل لائين تي
سڀ اُنهيءَ حد تائين صحيح آهن
تہ اهي سڀ ٽائيم ٽيبل ۾ ڏنل آهن
جيڪو اُن وقت ڇپيو هو
جڏهن لائين وڇائي ويئي هئي

۽ ايترو چئي
پنهنجن بنهي ڇهرن ۾
ڳاڙهو پئجي ويجي ٿو.

●●●

## ڀيءُ کي هڪ ٽِين- ايجر جي ڀيٽا

توهان کي ڪير تو پڇي پاپا
توهان جي پوِتر ويچارن، صاف لفظن
۽ اڇن ڏندن کي ڪير تو پڇي
توهان جهڙو ڪير تو ڪو فرشتو ٿيڻ چاهي
ڪير تو چاهي!

توهان ته هڪ ناڪام شخص آهيو پاپا
پنهنجي ترقيءَ لاءِ هٿ پير به هٽي نه سگهيوَ
زندگي گهاريوَ سکڻن سپنن تي
ڪاش توهان کي ڪي ڏانءُ اچن ها پاپا
هڪ ٻئي ڏڪ سان اسي هزار گهڙيون اسمگل ڪريو ها
۽ پوءِ مان فخر سان چوان ها:
'منهنجي پاپا جو ايڪسپورٽ- امپورٽ جو بزنيس آهي،
يو نو،'
مون کي توهان تي ڪيڏو فخر ٿئي ها.

پر توهان هر دم
ڪجهه آدرشي قسم جا
مثالي انسان ٿيڻ ٿا چاهيو

---

ممتا ڪاليا (Mamta Kaliya): ٽنين نسل جي مشهور ڪهاڻيڪار، زال- مڙس ۽ ڀين ڀائرن رشتن تي لکيل سندس ڪهاڻيون ادب ۾ اهم جاءِ والارين ٿيون. ٻه ناول ۽ هڪ ڪهاڻين جو مجموعو شايع ٿيل اٿس. الهٰ آباد ۾ رهي ٿي.

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

جڏهن پيو ڪجهه نٿو سُجهيوَ
تہ پڳتي شروع ڪري مندر ۾ بيڪار وقت ٽا وڃايو
فقط ناڪام شخص ٿي
خدا ۽ خدائيءَ جا ٺيندا آهن پرستار
توهان مون کي پاڻ جهڙو بنائڻ ٽا چاهيو پاپا
يا راڻي لڪشمي بائي جي پد تي پهچائڻ ٽا چاهيو.

توهان کي پڪ ناهي تہ مون کي
ڪهڙي مهانتا تي پهچائڻ ٽا چاهيو
مان توهان جي مهانتا کي گڏهہ جون ٻہ لتون
۽ راڻي لڪشمي بائي جي مهانتا تي ٽي لتون ٿي هڻان.

اڄ ڪلهہ مان گنڀيرتا سان سوچيان پئي
تہ توهان کي پنهنجو پيءُ نہ سڏيان پاپا
توهان کي ۽ توهان جي مهانتا کي
ڇا ٿيو جيڪڏهن مان توهان کي مسٽر ڪپور
يا اڪائونٽس ڊويزن جو L.D.C سڏڻ شروع ڪريان!
توهان جي هر ڳالهہ منهنجي هر ڳالهہ سان ٽڪر ٿي کائي
توهان کي شڪ آهي
تہ اڄ ڪلهہ منهنجو ڪنهن سان لوَ افيئر آهي
پر توهان پڻ ميڄڻ ۾ ڊڄو ٽا
ڇا ٿيو جيڪڏهن منهنجو پيٽ
هوريان وڌڻ شروع ٿي ويو آهي
۽ مان حمل ڪيرائڻ کان انڪاري آهيان؟
پر مان خيال ڪنديس پاپا،
نہ تہ مون کي سڏ آهي
توهان هڪدم آتم هتيا جو سوچيندؤ.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جئڪ لنڊن

انگريزي (آمريڪا)

### تمنا

مون کي سچ جي ڇُري کي ڏسڻ ڏيو
مون کي ڏيکاريو
سچ جو چهرو ڪهڙو ٿو ٿئي!

### اي خدا!

هاڻي،
جڏهن مان ڪم شروع ڪرڻ پيو ڪريان
دُعا ٿو گهُران ته
اي خدا!
ڪم کان منهن نه موڙيان
جي رات کان اڳ
موت جي گهڙي اچي پهچي ته
اي خدا، ڪم مون سان گڏ هجي
۽ مان ڪم ڪندو هجان.

●●●

---

جئڪ لنڊن(Jack London): امريڪا جو هڪ ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار 1875ع ۾ ڄائو هو ۽ 1961ع ۾ خودڪشي ڪري پنهنجي زندگيءَ جو انت آندائين.

# ٽي- ايس- ايليٽ

انگريزي (آمريڪا)

## اڳتي وڌو مسافرو!

مون کي ديوتائن جي باري ۾ گهڻي ڪا خبر ناهي،
پر مان سمجهان ٿو ته دريا
هڪ طاقتور مٽيهاٽو ديوتا آهي، تُند مزاج ۽ ڪاوڙ پريل
پنهنجين موسمن ۽ پنهنجي غيظ و غضب جو مالڪ، تباهه ڪندڙ
هو انهن شين جي يادگيري ڏياريندو رهندو آهي،
جن کي انسان وسارڻ چاهيندو آهي
هو منتظر آهي ۽ ڏسندو آهي ۽ منتظر آهي
دريا اسان جي اندر ۾ آهي ـ سمنڊ اسان کي گهيري رکيو آهي
انت ڪٿي آهي ـ بي آواز چيخن جو
پڻ - ڇڻ ۾ خاموشيءَ سان ڪومائجندڙ گلن جو
جيڪي ماٺ ميٺ ۾ پنهنجون پنکڙيون ڪيرائين ٿا
جهاز جي لڙهندڙ پڱل تڪرن جو انت ڪٿي آهي؟

انت ڪٿي به ناهي- رڳو اضافو آهي
وڌيڪ ڏينهن ۽ ڪلاڪن جو گهلجندڙ تسلسل
اسان پيڙا جي ڪنن کي ڳولي ڪڍيو

---

ٿامس اسٽيئرنس ايليٽ (Thams Stairance Eliot: 1888-1965): شاعر، نقاد، شعري، ڊرامانگار، ايڊيٽر ۽ پبلشنگ ايگزيڪيوٽو. هُو واپاري ڪٽنب سان لاڳاپيل هئڻ جي باوجود، هارورڊ يونيورسٽيءَ مان پهرين ڊگري حاصل ڪيائين. سندس اسلوب جديد هئڻ سبب، سندس شروعاتي شاعر 1915ع تائين ڪٿي به ڇپجي نه سگهي. سندس نظم (1922) The Wasteland تي ڪيس گهڻي شهرت حاصل ٿي. پبلشنگ جي اداري سان لاڳاپيل رهيو ۽ ڪيترن ئي نوَن ۽ جديد شاعرن جي همت افزائي ڪندو رهيو. هو جديد شاعر طور دنيا جي ادبي لاڙن تي حاوي رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(سوال اهو ناهي تہ اها پيڙا غلط فهميءَ جو نتيجو هئي
يا غلط شين جي خواهش جو- يا غلط شين جي خوف جو)
اهي ڪن مستقل آهن، جهڙي طرح وقت مستقل آهي
اسان اها ڳالهہ پنهنجي پيڙا جي پيٽ ۾
ٻين جي پيڙا ۾ بهتر طور سمجهي سگهون ٿا
ڇو تہ اسان جو پنهنجو ماضي ڪرم جي ڏارائن ۾ لڪيل آهي
پر ٻين جي پيڙا هڪ غيرمشروط تجربو آهي
جيڪو ڪڏهن پراڻو نٿو ٿئي
ماڻهو بدلجي ويندا آهن، مُرڪن بہ ٿا، پر پيڙا موجود رهي ٿي
لاشن ۽ ڪک پن کي بہ پنهنجين لهرن ۾ وهائيندي دريا وانگر
وقت جيڪو تباهہ ڪُن آهي، قائم بہ رکي ٿو

مان اڪثر سوچيندو آهيان: ڇا ڪرشن جو اهوئي مطلب هو
تہ مستقبل هڪ مڌم گيت آهي
۽ انهن جي واسطي جيڪي اڃا پڇتاءَ لاءِ پيدا نہ ٿيا آهن
پڇتاءَ جو ڳاڙهو گل
جيڪو هڪ اهڙي ڪتاب جي پيلن ورقن ۾ رکيل آهي
جيڪو ڪڏهن کوليو نہ ويو آهي
اڳتي وڌو مسافرو، ماضيءَ کان ڀڄي
توهان مختلف قسمن جي زندگين
يا ڪنهن قسم جي مستقبل ڏانهن
وڌيا نہ آهيو
اڳتي وڌو، اوهين جيڪي سمجهو ٿا تہ سفر ۾ آهيو
اوهين اُهي ناهيو، جن بندرگاهہ کي پوئتي هٽندي ڏٺو هجي
يا جيڪي هٿي سامونڊي ڪناري تي لهندا
انهيءَ ڪن، ٻنهي ڪنارن جي وچ ۾ وقت بيٺل آهي
مستقبل ۽ ماضيءَ تي هڪ جيترو ڌيان ڏيو
هي ڪن ڪرم يا نہ ڪرم جو ناهي - سمجهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ موت جي وقت انسان جو دماغ وجود جي جنهن نقطي تي
بہ مرڪوز هجي (۽ موت جو وقت هر گهڙي آهي)
اهو رڳو هڪ ڪرم آهي
جيڪو ٻين جي زندگين ۾ بار آور ٿيندو
ڪرم جي ڦل جو خيال نہ ڪريو، اڳتي وڌو
او مسافرو ۽ ملاحو!
توهين، جيڪي گهاٽ تي لهندؤ ۽
توهان، جن جا جسم سمنڊ جا فيصلا سهندا
يا جيڪي ڪجھ بہ توهان سان وهندو، اها توهان جي منزل آهي،
ڪرشن، ارجن کي جنگ جي ميدان ۾ چيو
موڪلاڻي ناهي بلڪ اڳتي وڌو
مسافرو!

●●●

## جِي- ايم- مهڪري

انگريزي (پاڪساني)

### سنڌ جي ڪنڌرن مان

سنڌ جي ڪنڌرن مان
هِتي، هتي، سموري ڌرتيءَ تي
موهن جي دڙي، رني ڪوٽ،
آمري، ٺٽي، امرڪوٽ، ڀنڀور، سکر، بکر مان
هڪ مٺو آواز ٿو ٻڌجي،
هميشہ چنڊ جي چانڊوڪين ۾
هڪ مٺو آواز ٿو ٻُڌجي،
روپيءَ ريتيءَ جي ڪومل ماٽ ۾
ٿڌي هير جي سدا لڳندڙ نرم ڇهاءَ ۾
اهو مٺو آواز ٿو اُڀري،
پري ڪان چانديءَ جي
گهنڊڙيءَ جي هڪ ڊگهي ڇمڪي وانگيان!

اهو مٺو آواز اُڀري ٿو
اهو هڪ مٺو آواز آهي

---

جِي- ايم- مهڪري(G.M. Mehkri): 19 جنوري 1908ع تي بنگلور ۾ جنم. بنگلور، پوني، ممبئي ۽ ڪراچيءَ ۾ تعليم حاصل ڪيل. ممبئي يونيورسٽيءَ مان سوشيالاجيءَ جي موضوع تي پي. ايچ. ڊي ڪيائين. سنڌ سرڪار جي محنت کاتي سان وابستہ رهيو. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شيخ اياز جي وائيس چانسلريءَ جي ايامڪاريءَ ۾ وزٽنگ پروفيسر ٿي رهيو. ڪراچيءَ جي روزنامہ ڊان ۽ ٻين اخبارن ۾ ڪالم لکيائين. سنڌ ۽ سنڌي ڪلچر جو عاشق هو. سنڌس ڪالمن جا ٻہ مجموعا 'Sorrows of Sindh' ۽ 'محڪريءَ جا مضمون' محمد ابراهيم جويي ايڊٽ ڪري شايع ڪيا. هو 15 آگسٽ 1995 تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪري ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا رڙ نہ آهي
ڪا آهہ نہ آهي
ڪا دانهن نہ آهي
ڪو اوسارو ڪونهي
ڪا ڪُٽڪ نہ آهي
پر هڪ مٺو آواز
آس جو ڪو سُر ٻاٽ
خوشيءَ جو ڪو وچن
پيار جي ڪا مِٺي
ويساهہ ڀريو ڪو ڇهاءُ
ڪو سُرٻاٽ:
مان آهيان
مان، جيڪا توهان جي ماءُ آهيان
مان توهان جي سنڌ آهيان
هتي، هنن ڪنڊرن ۾
پر مان ڪنڊر ناهيان
ڪنڊر جيڪي هتي ڦهليل آهن
۽ ماضي جي مهانتا جا شاهد آهن.
پر مان هتي آهيان
اوهان ۾
منهنجا پٽڙؤ ۽ ڌيئرؤ!

منهنجو واس اوهان ۾ آهي
اوهان سان گڏ
اوهان جي مون لاءِ پيار سان گڏ
اوهان جي مون لاءِ ويساهہ سان گڏ
اوهان جي آس مون ۾.
آس سان گڏ
۽ اوهان لاءِ منهنجي سموري آس سان گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجا پنڙؤ ۽ ڏيئرؤ!
"مان ... سنڌ، ڪيئن تي ڪنڌر تي سگهان؟

منهنجا ٻچڙؤ!
مان سنڌ آهيان، مان مارئي آهيان
مان سسئي آهيان ۽ سهڻي بہ آهيان
سموري ڌرتيءَ جي گولي تي اوهين
منهنجو نالو ڪٺو ٿا
منهنجا ٻچڙؤ!
اوهان منهنجا گيت، منهنجو نانءُ
منهنجي مهما ڳايو ٿا
اوهان "جيجل سنڌ" چئو ٿا
چئي مون لاءِ رڙو ٿا.
اوهان جي دلين ۾ مان گيت آهيان
اوهان جي ڪنن ۾ مان سنگيت آهيان
پوءِ مان ڪيئن تي ڪنڌر تي سگهان؟
مان اوهان ۾ زندهہ آهيان
مان اوهان جي ٻارن جي اکين جي چمڪ آهيان
مان سندن چپن جي مرڪ آهيان
سدا ڪوملتا سان هوريان هوريان وهامندڙ راتين ۾،
سدا مني سُرهاڻ ۾ سُڏڪندڙ آواز:
جاڳو جاڳو، منهنجا پنڙؤ ۽ ڏيئرؤ!
هاڻي جاڳو، جاڳو ۽ اُٿو
اُڀرندڙ سج جي سونهري مهانتا ۾ پسو!
اُڀرندڙ سج جي سونهري مهانتا ۾ پسو!

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فريڊرڪو گارسيا لورڪا

اسپيني (اسپين)

---

## شهر ڏانهن واپسي

رقمن جي هيئان ــ لطيف رت جو دريا

هر روز نيويارڪ ۾ ذبح ڪيون وڃن ٿيون
چاليهه لک ٻڪرون
پنجاهه لک مُرون
ٻه هزار سِرٽيون
هڪ مرٽينگ انسان جي خوشيءَ جي خاطر

هي دوزخ ناهي ــ
هڪ ڳلي آهي
موت ناهي ــ
رڳو گلن جو کوکو
مان جيئڻ جو گيت ٻڌان ٿو
ٻارن جي دلين جي تهن ۾.

---

فريڊرڪو گارسيا لورڪا (Fredrico Garcia Lorka: 1898-1936) اسپين جي هِن شاعر ۽ ناٽڪ ڪار پنهنجي شاگرديءَ جي زماني ۾ شاعري، سنگيت ڪمپوزنگ ۽ چترڪاريءَ ۾ پنهنجا فنڪارانا جوهر ڏيکارڻ شروع ڪري ڏنا هئا. شروعاتي شاعريءَ جي مجموعن (Librode Poemas, 1921) Book of Poems ۽ (Canciones-1924) Songs وسيلي شهرت حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪجهه شاعري (Primer Remmancero Gitaho-1928) First Gypsy Ballads ۾ پيش ڪيائين. 30-1929 دوران امريڪا جو سفر ڪيائين ۽ اُتي تعليم حاصل ڪيائين. اُن کان پوءِ سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا. آمريڪا کان موٽڻ کان پوءِ لورڪا هڪ تربيتي ٿيئيٽر قائم ڪيو. 1936 ۾ کيس گرفتار ڪيو ويو ۽ سندس موت پُراسرار نموني ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

.....

۽ مان پاڻ کي جانورن ۾
انبوهہ جي خوراڪ لاءِ پيش ڪريان ٿو
جن جي دانهن سان سڄي ماڻري
گونجي رهي آهي
جتي 'هُڊسن' وهي رهيو آهي
جنهن جو پيٽ تيل سان ڀريل آهي

## الوداع

جيڪڏهن مان مري وڃان
ورانڊو کليو ڇڏي ڏجو
ننڍڙو نينگر سنگترا پيو کائي
(پنهنجي ورانڊي مان ڪيس ڏسي سگهان)
هاري سنگ پيو لٽي
پنهنجي ورانڊي مان سندس آواز ٻڌان

جيڪڏهن مان مري وڃان
منهنجي ورانڊي کي کليو ڇڏي ڏجو

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## قاتلو!

اجوڪي سيپٽمبر 73 جي تلخ ڏينهن تي
تاريخ جي سيني مِرُن گڏجي
اسان جي جهنڊي کي ڪيرائي وڌو آهي
تو ڪيترو رت وهايو آهي
تون جيڪو پنهنجي جاگيرن تي پلجي تلهو ٿيو آهين
تون اهو ڏاڙيل آهين
جنهن جو ٺڪاڻو شيطاني جهنم آهي
تون هزارين پيرا خريديو ۽ وڪيو ويو آهين
توکي نيويارڪ جي بگهڙن انهيءَ ڪم تي لڳايو آهي
توهان اذيت جون لالچي مشينون
پنهنجي مقتولن جي رت ۾ رتهاٿيون ٿيل آهيو
امريڪا جي ٽڪرن ۽ هوا جا عصمت فروش سوداگرو!

---

پئبلو نرودا (Pablo Naruda): سندس جنم 12 جولاءِ 1904ع تي ٿيو هو. هُو هڪ دانشور، مارڪسي قوم پرست ۽ اسپيني زبان (چليءَ جي قومي زبان) جو سڀ کان پهريون انقلابي شاعر هو، جيڪو ڏکڻ آمريڪا ۽ اسپين جي ادبي دنيا تي اڌ صديءَ تائين ڇانيل رهيو. سندس موت هڪ عظيم المناڪ سانحو آهي. مرڻ کان اڳ، پئبلو سامراجين جي ڏاڍ ۽ ظلم جي خلاف نفرت جو اظهار پنهنجي آخري نظم ۾ ڪيو آهي، جيڪو هن پنهنجي موت کان ڪجهه ڏينهن اڳ لکيو هو. 1924ع ۾ سندس چار شعري مجموعا (1) Twenty Poems of Love and One Song of Despair (2) Residence on Earth (3) Canto General (4) Odes Elements سان گڏ سندس ساروڻين جو ڪتاب 'Memoirs' شايع ٿيل آهن. کيس بين الاقوامي امن انعام، لينن ۽ اسٽالن امن انعام، آڪسفورڊ يونيورسٽي پاران ڊاڪٽر آف لٽريچر جي اعزازي ڊگري ۽ آخر ۾ 1971ع ۾ ادب جي نوبيل انعام سان نوازيو ويو. سندس موت پُراسرار حالتن ۾ 24 سيپٽمبر 1973ع تي ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي رحم ڪاسائيو!
بي اصول ظالمن جي ٽولي!
توهان جي حيات جو مقصد
اذيتون ڏيڻ ۽ بک مارڻ کان سواءِ
ٻيو ڪجهه به ناهي.

## جل پري

اهي سڀ اندر موجود هئا
جڏهن هوءَ ڪپڙن کان آجي ٿيل صورت ۾ داخل ٿي
هو پي رهيا هئا
انهن مٿس ٺُڪڻ شروع ڪيو
هوءَ دريا مان اجهو هاڻي آئي هئي
سندس سمجهه ۾ ڪجهه نه آيو
هوءَ اهڙي جل پري هئي
جيڪا پنهنجو رستو ڀلجي چڪي هئي
طعنا سندس چمڪندڙ جسم تان ترڪي رهيا هئا
سندس سونهري ڇاتيون، فحش جملن سان تَر هُيون
هوءَ لُڙڪن کان غيرواقف هئي
هوءَ بلڪل رُني ڪانه
هوءَ ڪپڙن کان ناواقف هئي
هن کي ڪجهه به پاتل نه هو
انهن ڪيس ٻرندڙ سگريٽن ۽ بوتلن سان ڇُٽيو
۽ فرش تي ٺهڪ ڏيندي ليٽڙيون پائيندا رهيا
هوءَ بلڪل ڪجهه نه ڪُڇي
جو لفظ هُن لاءِ اوپرا هئا
سندس اکيون گڏري ويل محبت جي رنگ جهڙيون هيون
۽ سندس وار زردي مائل نگارخانو هو

سُرخ روشنيءَ ۾ سندس چَپَ
ٻنهي آواز جي چُريا ۽ نيٺ
هوءَ انهيءَ دروازي مان هلي ويئي
جيڪڏهن هوءَ پاڻ بچائيندي دريا ۾ ڪِرڙي وئي هوندي
تہ هوءَ پاڪ ٿي ويئي هوندي
هڪ پيرو وري برسات ۾ ڏوتل سفيد پٿر وانگر
۽ پوپٽ نهارڻ کان سواءِ ـ هوءَ هڪ پيرو وري
ترندي رهي
هوءَ پنهنجي وجود جي آخري پساهہ تائين ترندي رهي
هوءَ عدم آباد ۾ گهڙي ويئي.

## سمجهاڻي

تون پڇندين
گلِ لالہ جون قطارون ڪٿي آهن؟
'ما ورايت' ڳاڙهن گلن جي پنکڙين ۾
ڪٿي لڪل آهي؟
ڪٿي آهي اُها برسات
جا ڪن ڪن ۾ لفظن ۽ پکين کي
هڪ هڪ ڪري ٻاهر ڪڍندي رهندي آهي؟
مان تو توکي پنهنجي ڪٿا ٻڌايان:
انهن منهنجي گهر کي 'گلن جو گهر' چيو هو
۽ پرسان 'جيرا نيمس' جا گل ڪڙيا بيٺا هئا
منهنجو گهر خوشين جي آماجگاهہ هو
جنهن ۾ ڪلنڊڙ ٻارڙا ۽ ڊڪندڙ گُلر هئا
مراقشي، فوجي دستا ۽ هوائي جهاز وني
موت جا سوداگر آيا
انهن قاتلن سان گڏ اُتي پادري بہ هئا

جيڪي ڪين آشيرواد ڏيڻ آيا هئا
۽ رستن تي ٻارڙن جو رت ائين وهڻ لڳو
جيئن هميشه کان وهندو آيو آهي.

## امن جي گهُر

هاڻي هو مون کي
امن ۽ سڪون جي حوالي ڪري چڪا آهن
۽ منهنجي غيرحاضري کين محسوس نٿي ٿئي
مان پنهنجيون اکيون بند ڪري ٿو ڇڏيان
مون کي فقط پنج شيون گهُرجن
پنج چونڊ شيون
پهرين: ٻي انت ۽ اٿاهه محبت
ٻين: پن ڇڻ جو منظر
جو مان زرد، پيلن پنن کي وڻن کان جدا ٿيندو
۽ زمين تي ڪرڻ جو منظر
ڏسڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان
ٽين: سياري جي گنڀير رُت
جو انهيءَ رُت جو وڻندڙ وسڪارو
۽ سخت ٿڌ ۾ باهه جا شعلا ڏاڍا مهربان لڳندا اٿم.
چوٿين: گرميءَ جي موسم
اهڙي ڳوري ڄهڙي هنداڻو
۽ پنجين:
تنهنجون ـ منهنجي پياري مٽاٽلڊ ـ ❀
اکيون آهن
مان تنهنجين اکڙين کان سواءِ جي نٿو سگهان
مان تنهنجو اکڙين جي ڇانوَ هيٺ زنده رهي سگهان ٿو

❀ پئبلو نرودا جي زال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان بسنت رُت کي پنهنجي لاءِ اهڙيءَ طرح
موزون بنائيندس
جو اها تنهنجن نيڻن جي نهار سان گڏ
منهنجي پويان ايندي
اِهي آهن اُهي شيون ــ منهنجا دوستو!
جن جو مان طالب آهيان
انهن کان اڳتي ڪجهه به ڪينهي
۽ اهي
هرشيءَ جي ويجهو آهن
هاڻي جيڪڏهن
اهي وڃڻ چاهين ته وڃي سگهن ٿيون
مون ايڏي ڏکي زندگي گهاري ڇڏي آهي
هاڻي اهي مون کي مشڪل وساري سگهنديون
۽ ڏکيو پنهنجي ذهن جي پٽيءَ تان ميساري سگهنديون
منهنجي دل جي ڇرڪُ ڪڏهن بند نه ٿي هئي
ها، جيئن ته مان امن ۽ سُڪون جو طالب آهيان
انهيءَ مان ائين نه سمجهو ته مان ڪو مري سگهان ٿو
سچ انهيءَ جي اُبتڙ آهي
اصل ۾ مان زنده رهڻ چاهيان ٿو
زنده رهڻ ۽ هميشه زنده رهڻ لاءِ
هونئن برابر آهي
ته مان زنده رهي نه سگهندس
جيڪڏهن منهنجي اندر ۾
محبت ۽ سوچ جا سلا ڦٽڻ بند ٿي وڃن
پکريائين انهيءَ فصل جي سلن جا گونچ نڪرندا
پوءِ اهي زمين جو سينو ڦاڙي
روشنيءَ سان هم ڪنار ٿي ويندا.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سعيدالدين

اردو (پاڪستان)

## دستانا

مان دانهن ڪريان ٿو
مون اڄ تائين ڪنهن شيءِ کي نہ آڇيو
نہ ڪنهن ديوار کي
نہ هوا کي
نہ تنهنجي جسم کي
مان تہ اڄ تائين
پنهنجن هٿن تان دستانا بہ لاهي نہ سگهيو آهيان!

## پر ميريون آهن تنهنجون اکيون

ڪيڏو نہ بااختيار آهين تون!
اٿين چوي ٿو تنهنجو چهرو
تنهنجو ڍنگ
۽ فيصلو تنهنجو

ڪيڏو نہ باحيثيت آهين تون!
اٿين چوي ٿو تنهنجو بوٽ

---

سعيد الدين(Saeeduddin): جنم 1954ع جئپور، راجستان. سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم - اي اردوءَ ۾ ڪيل. ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ حيدرآباد سنڌ ۾ لڏي آيل. اڄ ڪلهہ ڪراچيءَ جي هڪ ڪاليج ۾ اُستاد. ”رات“ سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو 1997 ۾ شايع ٿيل. نثري نظم جو ڪامياب شاعر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنھنجا ڪپڙا،
تنھنجي فور-ويل

پر ميريون آھن تنھنجون اکيون
جيڪي گھورين ٿيون
منھنجا اُگھاڙا پير
منھنجا ڦاٽل ڪپڙا
منھنجا اگھاڙا ڏينھن ۽ مٽي...

مان پنھنجون اکيون ٽڪائي ويٺو آھيان
صاف ۽ نيري آڪاس تي
جتي ڏوڙ نٿي پھچي.

## گارِ

سادو ڪاغذ چوي ٿو: مون تي لک
۽ مان انھيءَ تي ھڪ ڪچي گارِ لکي ٿو ڇڏيان
اھا گار ڪنھن ڏانھن منسوب ناھي
پر اھا ھرڪنھن ڏانھن منسوب آھي
خاص ڪري اُن ڏانھن
جنھن کي اعتراض آھي تہ اھا گارِ کيس ڏني وئي آھي

مون تي مقدمو ھلي ٿو
ھڪڙو فقيھ ۽ ھڪ وڏو سرڪاري عملدار
ٻئي اھا دعويٰ ڪن ٿا تہ اھا گار کين ڏني وئي آھي
فريادي‌ءَ جو وڪيل چوي ٿو
اھا گار مون کي ڏني وئي آھي
وڪيل- صفائي‌ءَ چوي ٿو:
عدالت ۾ گار پڙھي ٻڌائي وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عدالت چوي ٿي اها ڳار مون کي ڏني وئي آهي

جَجُ ڳارِ پڙهي ٻڌائي ٿو
۽ ڏاڪڻ لهي
جوابدار جي ڪٺهڙي ۾ اچي بيهي ٿو.

## ۽ درياءُ گيت ڳائي رهيو هو!

جڏهن درياءُ مون پٺرين پهرين ڏٺو
ته مان ڊڄي ويس
جڏهن ٻيهر ڏٺم
ته منجهس لهي پيس
تيون ڀيرو درياءُ گيت ڳائي رهيو هو
مان انهيءَ ڪان پوءِ ڪڏهن درياءَ تي نه ويس
ڇو ته درياءُ خود مون ۾ پيهي ويو هو.

## انڌو ۽ دوربيني

جڏهن مون جيل جو نالو ورتو
ته سڀ سهڪڻ لڳا.
جڏهن هن دشمن جي ڄُرپر ٻڌائي
ته هو ٿڙڪڻ لڳا
هن چيو اونداهي
ته سيئي هڪ ٻئي کي ڳولڻ لڳا
هن چيو درياءُ وسندين ۾ گهڙي آيو آهي
ته سڀ پولار ۾ هٿ پير هڻڻ لڳا
۽ ٻُڏڻ لڳا
تڏهن هو عياريءَ سان مُرڪيو
۽ ڪين وارن ڪان جهلي

پولار ۾ ٻه چار ٽيپون ڏياريائين
۽ ٽنگڻيءَ تي سُڪڻ لاءِ وجهي ڇڏيائين
هاڻي ڏسون ته هو ڪين ڪڏهن ٿو لاهي!

## هڪ بي رنگ ماڻهو

هڪ اهڙو شخص
جنهن جي هٿ جي ڪنهن به آڱر ۾
معتبر منڊي ناهي

سندس چانهه جو ڪوپ
انهيءَ چڪتاڻ ۾ ٽڏو ٿي ويو
ته هو چانهه ۾ ڪنڊ ڪيتري پيئي ٿو
جنهن ڪي سُڌ ناهي ته
چاتل در جو ڪڙڪو ڪهڙو ٿيندو آهي
بي شمار رنگن جا ٽيوب
هن جي اڳيان پنهنجون ڪپيل زبانون ڏيکاري رهيا آهن
سندس پويان پٽ تي ٽنگيل گهڙيال
سندس ڏيان کان وانجهيل آهي
هو پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي به نه ٿو
ڪمري ۾ ايندڙ هوا لاءِ
وٽس ڪوبه سوال ناهي
نه پکين جي آوازن ڪي
ڪاغذ تي چنبڙائڻ جو امنگ
نه ڪنهن سانت لاءِ به ٻول
۽ نه ئي سامهون رکيل خالي ڪرسيءَ تي
ڪيس ڪنهن وجود جي احساس کان اطميناڻ ملي ٿو
هڪ اهڙو ماڻهو
هڪ بي رنگ ماڻهو.

## مون کان پوءِ

هي منهنجن بوٽن جو جوڙو آهي
هي منهنجو ڦٽوڻو
هيءَ منهنجي پين ۽ ڪاپي
تون انهن کي احتياط سان ڇهندينءَ
۽ مون کي محسوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪندينءَ!

تون منهنجا پير منهنجن بوٽن ۾
منهنجو ڦٽوڻو منهنجن وارن ۾
۽ منهنجي پين منهنجين آڱرين ۾ ڏسندينءَ
۽ پوءِ روئي ڏيندينءَ

تون نفرت ڪندينءَ پنهنجن هٿن کان
جيڪي جهلڻ جي تو ڪڏهن مون کي اجازت نه ڏني
پنهنجن چپن کان
جيڪي منهنجن چپن جي تـڙپ جو ماڻ رکي نه سگهيا
۽ پنهنجيءَ دل کان
جنهن کي مان ڪڏهن جيتي نه سگهيس

پر مان پنهنجيون اکيون پنهنجي ڦٽوڻي تي
پنهنجا چپ پنهنجيءَ ڪاپيءَ تي
پنهنجيون آڱريون پنهنجيءَ پين تي
۽ پنهنجي دل پنهنجن بوٽن ۾ ڇڏي آيو آهيان
جيڪي اڄ پڻ تنهنجن قدمن ۾ پيا آهن.

## دهشت پسند

دهشت گرديءَ جي الزام ۾
مون کي جيل موڪليو ويو
منهنجي ڪوٺڙيءَ جي پوئينءَ ديوار جي پويان

تمام اونهو سمنڊ هو.

پهرين رات ئي مون پنهنجا جوتا
مٿانهينءَ تان روشندان مان ٻاهر ڦٽا ڪيا
ٻئي ڏينهن جيل جا محافظ ڏاڍو گهبرايل هئا
انهن مان هڪڙي ٻڌايو:
تنهنجا جوتا صبح جو جيلر جي وهاڻي هيٺان لڌا ويا.

ٻيءَ رات مون پنهنجو بيلٽ روشندان جي وسيلي سمنڊ ۾ ڦٽو ڪيو
ٻئي ڏينهن ڊنل محافظن اچي ٻڌايو:
صبح جو تنهنجو بيلٽ عدالت جي دروازي تي لٽڪيل ڏٺو ويو.

ٽينءَ رات مون پنهنجا پير ڪپي ٻاهر اڇلائي ڇڏيا
صبح جو منهنجا محافظ هيسجي ڪونڙيءَ ۾ گهڙيا
انهن ٻڌايو:
صبح جو منهنجا پير ممنوعه علائقي ۾ توب جي جاءِ تي ڪتل هئا.

ٻئي ڏينهن مون موقعو تاڙي پنهنجا هٿ ڪپي روشندان کان ٻاهر اُڇلائي ڇڏيا
ٻئي صبح جو سپرنٽينڊنٽ پنهنجيءَ دهشت جو اعتراف ڪندي ٻڌايو:
صبح جو تنهنجون ٻانهون سرڪاري جلاد جي ڳچيءَ ۾ ڪشيل ڏٺيون ويون.

ءَ پوءِ مون کي بي ضرر سمجهي آزاد ڪيو ويو
جيل جا ينگي مون کي ٻاهر ٻست بن ۾ وِجهي آيا.

ءَ هاڻي جيڪڏهن ڪين پتو پئجي ويو
تہ آئون هڪ پيرو وري جڙي ويو آهيان
تہ شايد اُهي دهشت کان مري وڃن.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ذيشان ساحل

اردو (پاڪستان)

# اُهي سرڪس وارا

هڪ پوڙهو هاٿي
رسيءَ تي سائيڪل هلائي ٿو
سرڪس وارا
رسيءَ جي آخري ڇيڙي تي
ٻاهه لڳائي ٿا ڇڏين
هيٺ ڄار وڇايل آهي
سرڪس وارا هاٿيءَ جي ڪِرڻ سان
ڄار هٽائي ٿا ڇڏين
هڪ دهل آڻين ٿا
هاٿيءَ جو ٻچڙو جنهن تي ويهي
سينيءَ کي خوش ڪندو رهندو
پوءِ گهٽا جوڪر
هن کي هڪ پاسي وٺي ويندا
۽ ميدان ۾ هڪ ڇوڪري داخل ٿيندي
سرڪس وارا پنجاهه ڪرسيون
هڪ ٻئي مٿان رکي
ڇوڪريءَ کي سينيءَ جي مٿان بيهاري ڇڏيندا

---

ذيشان ساحل (Zeeshan Sahil): ڄنم حيدرآباد سنڌ ۾. اردو زبان جو شاعر. سندس پهريون شعري مجموعو 'ايرينا' (1985)، ٻيو 'چڙيون ڪا شور' (1989)، ٽيون ڪراچي' (1995)، چوٿون 'اي ميل (2002) ۽ پنجون 'شب نامہ' (2002) ڇپيل. اڄ ڪالهه ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو ۽ خوب شاعري ڪري ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ ڪِرندي ڪانہ
اها سينيءَ ڪي سڌ آهي
سرڪس وارا گهٽ ڏينهن ڪان شهر ۾ آهن
سينيءَ ڪي سڌ آهي
ان ڪانپوءِ ڇوڪري
هڪ اڇي گهوڙي تي چڙهي
دير تائين ڪرتب ڏيکاريندي
پوءِ سرڪس وارا
هڪ شينهن ڪي آڻيندا
هو پنهنجو وات کوليندو
ڇوڪريءَ پنهنجو سِر شينهن جي وات ۾ وجهندي
انهيءَ تماشي ۾
شينهن پنهنجو وات بند نہ ڪندو
۽ جيڪڏهن بند ڪندو
تہ سرڪس وارا ڪيس ڪجهہ بہ نہ چوندا
ڪين ڏاڍي آساني آهي
اُهي سرڪس وارا آهن

## هڪ بي جان نظم

هيءَ هڪ بي جان نظم آهي
اوهان کي ڪو نقصان نہ رسائيندو
اوهان جي رستي ۾ بہ نہ ايندو
تي سگهي ٿو
آئيندي هي اوهان کي نظر ئي نہ اچي
هن کي تہ ڪوبہ ٽڏو هٽي
هوا ۾ اُڏاري سگهي ٿو
يا هٿ ۾ ڪٺي ڇت سان ڦهڪائي سگهي ٿو
آسمان هيٺ يا پٽ تان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن هو هيڏانهن هوڏانهن ڊرڪي رهيو هجي
اوهان مٿس دل کولي کِلي سگهو ٿا
ايترو کِلي سگهو ٿا
جو اکين ۾ لڙڪ تري اچن
هڪ ٻي جان نظر نه روئي به نٿو سگهي
اوهان ڏاڍا خوش قسمت آهيو
جان دار آهيو
ڪجهه به ڪري سگهو ٿا
هڪ ٻي جان نظر جي جان به وٺي سگهو ٿا

## ڪُتي جي سالگرهه

هيءَ جيڪا پٽ تي گهڙي بند پئي آهي
اِن جو ڪو خاص ڪارڻ آهي
هَا! ڪارڻ چڱو اهم آهي
اڄ ڪُتي جي سالگرهه آهي
اوهان ڪلو پيا
جيڪڏهن ڪُتي کي خبر پئجي وئي
ته اوهان سندس سالگرهه جي ڏينهن کِليا هئا
ته سُتل حالت ۾
اوهان جي پيرن جون آڱريون ڪُتري ڇڏيندو
۽ جيڪڏهن وڌيڪ ڪاوڙ آيس
ته ٿي سگهي ٿو
اوهان جي پتلون ۾ ڪئين سوراخ ڪري ڇڏي
ڪُتو ڪاوڙ جو ڏاڍو تيز ٿيندو آهي
اوهان سندس موڊ خراب نه ڪريو
بسڪوٽن جي چور
۽ ڊبل روٽيءَ جا ٽڪر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صوفي جي پويان اُڇلي ڇڏيو
گهڙيءَ کي بند ٿي رهڻ ڏيو
اڄ جو ڏينهن ڪو ايترو اهم تہ ناهي
اڄ تہ هونئن بہ
ڪوئي جي سالگرهہ آهي.

## سڙيل الماري

ماءِ لارڊ!
ماءِ فُٽ!
منهنجي پيٽ
ڪافي دير کان روئي رهي آهي
ٽورو پنهنجي سائيڪل جي گهنٽي تہ وڄايو
هوءَ ماٺ ٿي ويندي
منهنجو پاءُ
ڪيترن ڏينهن کان ماٺ آهي
اوهان پنهنجي ٽوپي
سندس مٿي تي رکو
هو ڳالهائڻ لڳندو
منهنجو پيءُ
هڪ وک بہ هلي نٿو سگهي
پنهنجا جوراب ڪيس ڏيئي ڇڏيو
هو سيني کان اڳيان نڪري ويندو
۽ منهنجي ماءُ ـــ
ڪيس تہ ڪجهہ نظر بہ نٿو اچي
اوهان ڪيس عينڪ ٺهرائي ڏيو
هو مون کي ڏسي وٺندي
ماءِ لارڊ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي الماري نہ گھرجي
اوهان جي ڏنل عينڪ، ٽوپي ۽ جوراب
سڀ اُن ۾ تہ هئا
منهنجي ماءُ، پيءُ ۽ ڀاءُ
سڀ اُن ۾ تہ هئا
مون پنهنجي پيٽ کي بہ
اُن ۾ لڪائي رکيو هو
اُها مون کي نٿي ملي
اُها مون کي نٿي ملي
جڏهن بہ الماري کوليان ٿو
دونهين کان سواءِ
لڙڪن کان سواءِ
۽ اُن سڙيل الماريءَ کان سواءِ
مون کي ڪجھ بہ نٿو ملي
مون کي ڪجھ بہ نٿو ملي.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## منهنجي اُڏار اجائي ناهي

بس اهو ئي ٿيندو نہ۔
مان پنهنجن ٽڪل ڪنين سان
زمين تي اچي ڦهڪو ڪندس
ٽنل رستي تي اُپريل وڻن وانگر
بي رنگ ڏينهن
مون کي روڪين ٿا
پرمان وڻ بنجي جي نثو سگهان
شام جي پهرئين تاري جي اُپرڻ کان اڳ
اُنهيءَ وڻ تائين پهچڻو آهي
جيڪو گهاٽن جهنگلن ۾ اڪيلو آهي
جنهن جون ٽاريون اڄ بہ منهنجي انتظار ۾
سرسبز آهن
اچا شام وستين جي گهرن ۾
باهہ دکائيندي ايندي
۽ منهنجي رستي تي اونداهيءَ جا پن
وکيري ڇڏيندي
تڏهن مان رات جي ڇاتيءَ تي
ڳاڙهن گلن وانگر ٽڙندس

---

ثروت حسين(Sarwat Hussain): جنم 9 نومبر 1950ع، ملير ڪينٽ، ڪراچي. نئين غزل ۽ نظم جو نمائنده شاعر. شاعريءَ جو پهريون مجموعو "آدي سياري پر" 1987 ۾ شايع ٿيو هو. 9 سيپٽمبر 1996ع تي پنهنجي زندگيءَ جو انت آندائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون جيڪڏهن چاهين ته
پڻ چڻ جي سموري رُت
هتي ئي گهاري سگهين ٿي
اينڌڙ بهار جا ڏينهن
توکي وستين ۾ روئي ويندا.

•••

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سارا شگفتہ

اردو (پاڪستان)

---

### اکيون ٻہ جاڙيون پينرون

جڏهن اسانجن گناهن تي وقت ايندو
ماٺهو مضبوط ٿي ويندا
پوءِ اسان توبهہ جي ٽانڪ سان
خدا جو لباس سبنداسين
تو سمنڊ گروي رکي ڇڏيو
۽ آکيرن مان چورايل سَون
بارجي پهرئين ڏينهن تي مَليو ويو

تون دک کي چتيون لڳائج
مون وٽ اوڏر گهٽي آهي ۽ دُڪان گهٽ
اکيون ٻہ جاڙيون پينرون
هڪ منهنجي گهر پرٽائي وئي ٻيءَ تنهنجي گهر
هٿ ٻہ ماٽيلا پائر
جن باهہ ۾ منزل ڪٺي آهي.

●●●

---

سارا شگفتہ(Sara Shagufta): جوان عمريءَ ۾ پنهنجو انت آندائين. پاڪستان ۾ ڪيس وڏي شاعرا مڃيو ويو، جنهن پاڪستان ۾ عورت جي بد نصيبي جي باري ۾ لرزائيندڙ انداز ۾ لکيو آهي. هڪڙو ئي شعري مجموعو "آنکين" سندس آئتر هتيا کان پوءِ 1985ع ۾ شايع ٿيو. ڇيو وڃي ٿو تہ هن 'ماڻهوءَ جو قران' جي عنوان سان هڪ ناول لکيو هو، جيڪو گم ٿي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مان هڪ نابينا

هوا جي اندر
هوا وهي
۽ پاڻيءَ ۾
بس پاڻي
گُل ۾ بس
گُل جهڙي خوشبوءِ
رات رڳو
اُنڌاڻ

ڏينهن ۾ بس
هاڻي سج نڪري
رات ۾ بس
هاڻي چنڊ
ٻالڪ، بس هاڻي ٻالڪ وانگر
بينا هر هڪ ماڻهو

مون پر
وهندي ڏٺو هو

---

صلاح الدين محمود (Sallahuddin Mahmood): اردو زبان ۾ جديد شاعر جي مڃيل حيثيت. ڏهن سالن لاءِ لاهور مان شايع ٿيندڙ 'سويرا' جو ايڊيٽر ٿي رهيل. سندس تخيل نرالو، طرزِ ادا نادر ۽ لهجو موجوده عهد ۾ سينيءَ ڪان الڳ. سندس شاعري معمي وانگر ۽ دلفريب. سندس تخليقي ڪاوش ڪتابي شڪل ۾ موجود ناهي. ڪجهه سال ٿيا ته وفات ڪري ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوا جي اندر پاڻي
چمن ۾ گُل جي خوشبو هئي
۽ راتين ۾ حيراني
رات ۾ سج جهڙا بن هئا
ڏينهن ۾ تنها تن هئا
ٻالڪ، ڇڻ پنن تان ڊرڪندڙ
بوندن جي چانڊوڪي هئي

ڪڏهن ڪڏهن
بينا لمحن ۾
مان هڪ نابينا هئس

ڪڏهن ڪڏهن
ڏينهن جي جنبش ۾
راتين جي ڏاڪڻ هئي

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اصغر نديم سيد

اردو (پاڪستان)

# انهن کي ڇا گهرجي؟

مون فلسطيني پاڻرن لاءِ اخبار ۾ بيان ڏنو
هنن اهو بيان منهنجي منهن ۾ هنيو
۽ چيائون ـ
اسان وٽ هاڻي رڳو مورچا بچيا آهن
عرب ڀائرن جي بيانن سان اسان جا گهر ۽ گدام ڀرجي ويا آهن
مون کين چانور ۽ ڪڻڪ موڪلي انهن واپس موٽائي ڇڏي جو
کائڻ لاءِ وٽن وقت ناهي
کين رات ڏينهن وڙهڻو پوي ٿو
هونئن به خمار آلوده غذا انهن لاءِ مضر آهي.
مون ڪجهه پيسا کين موڪليا
انهن رد ڪري ڇڏيا ۽ چيائون:
اسان کي سِڪن جي نه، گولين جي ضرورت آهي
هڪ ڏسٽي آگر جي ضرورت آهي
هڪ سِر جي ضرورت آهي
هڪ گورکن جي ضرورت آهي
پر اسان توکي گورکن جي
طور تي به قبولڻ لاءِ تيار ناهيون
مان گهر موٽي آيس

---

اصغر نديم سيد (Asghar Nadeem Syed): پاڪستان جي پنجاب صوبي جو رهاڪو. شاعري، ڪهاڻيون ۽ ٽيليويزن لاءِ ڊراما لکي ٿو، جنهن ڪري گهڻو مقبول ۽ مشهور آهي. لاهور ۾ رهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ فلسطيني ٻارن لاءِ هڪ نظم لکيم
اِهو سوچي ته گوليبازيءَ ۾
سندن شاعري دٻجي مري ويئي هوندي
۽ کين نظم جي پڪ سان ضرورت هوندي
انهن منهنجي نظم جو منهن پٽي رکيو
۽ انهيءَ کي اهو چئي پيجائي ڇڏيائون
ته اسان کي محفوظ رتبي واري شاعر جي شاعري نه گهرجي
جيڪو برف باري ۽ گولا باريءَ ۾ فرق نٿو سمجهي
جنهن جا لفظ نرم وهائي تي متو رکي سمهن ٿا
مون انهن لاءِ دعا جا هٿ کنيا
انهن افسوس ڪيو:
ڪاش اهي هٿ سندن دشمن تي کڄن ها!
انهن کي ٻيو ڇا گهرجي؟
مان کين پنهنجي پٽ جي ٽينڪ موڪلي سگهان ٿو
جنهن جي چابي هن ڀيجي ڇڏي آهي.
مان فلسطيني ٻارن جي مدد ڪرڻ چاهيان ٿو
ڪانئن پڇو انهن کي ڇا گهرجي!

●●●

## اي شھر!

اي شھر!
تون پنھنجا گندا پير پساري درياءَ جي ڪناري ليٽيو پيو آھين
۽ تنھنجي ڇاتيءَ تي ريڙھيون پائيندڙ ڪوليون سج کي گھوري رھيون آھن
جڏھن اڌ درجن غيرملڪي حڪيمن گڏيل اعلان ڪيو:
"بيماري ڳوري آھي، ھي سنت ئي مري ويندو"
تہ ڪنھن ماتا ۾ ورتل ٻار وانگر تو ڪين ڏٺو ۽ ماٺ رھين
غليظ! بدڪار! بي رحم!

شھر! ماڻھو چون ٿا تون بدڪار آھين
۽ مون پاڻ ڏٺو آھي
شام ٿيندي ئي
تنھنجون رنگيل چھرن واريون عورتون نوجوانن کي ڳڙڪائي وينديون آھن
بي رحم!
جڏھن رات وھامڻ کان پوءِ تنھنجا دانشور
رڪشا ڪري خودڪشي ڪرڻ ويندا آھن
تہ تون ماٺ ھوندو آھين

---

عين رشيد(Ain Rasheed): جنم ۽ تعليم ڪلڪتي ۾ ٿيس. نسلي طور تي افغان آھي، پر پشتو وسري وئي اٿس. اڙدوءَ ۾ شاعري ڪري ٿو. سندس شاعريءَ جو لھجو سھيوڳي ھندستاني اردو شاعريءَ کان مختلف آھي. ھندستان ۾ مسلم اقليت تي سندس دستاويزي فلم 'A Seventh Man' بين الاقوامي فلمي ميلي ۾ مقبوليت حاصل ڪئي آھي. بنگالي ليکڪ سنيل گنگو پاڌيايءِ سان گڏ ھڪ فيچر فلم جي اسڪرپٽ تي ڪم ڪيو اٿس. ھن وقت پوليس کاتي ۾ وڏي عھدي تي آھي.

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

شهر! مان تنهنجين ديوانو ڪندڙ خواهشن کان بيزار آهيان
شهر! تون پنهنجا گندا لباس ڪڏهن لاهيندين
شهر! ماڻهو چون ٿا مرڻ کان پوءِ
منهنجن هڏن مان بتڻ ٺاهيندا!
شهر! تنهنجين ديوارن تي هي ڪهڙيون تحريرون آهن؟
شهر! مون مهينن کان اخبار ناهي پڙهي
شهر! تون چانهه ۾ ڪنڊ وجهڻ پلجي وئين
۽ اها تنهنجن لڙڪن جهڙي تي لڳي
شهر! مون کي ننڊ پئي اچي، ٿڦڪي ڏئي سمهار!

## ڪارو خيال

نه منهنجا مٺا!
فضا خراب آهي ته گاڏي پارڪ ڪري ڇڏ!
ٻاهر وڃڻ مناسب ناهي
اُداس ٿڪن ۾ پليل ٻار هاٿي جوان تي رهيا آهن
۽ هيڊ لائيٽس جي روشنيءَ ۾ نت نوان غم ايجاد ڪري رهيا آهن

اسان انهيءَ مسيحا جي آمد جي آثار جي اوسيئڙي ۾ ئي رهياسين
پوءِ سڙڪ تي ڪجهه وئشيائون نظر آيون
شايد هو اچي ويو آهي!
"ها، ها" وئشيائن لالچ ڀريل آواز ۾ چيو
"هلو اسان کي پنهنجين گاڏين ۾ وٺي هلو."

وڻ ڪارن خيالن ۾ مدغم رهيا
جڏهن هن ڳچيءَ ۾ لٽڪيل مائڪرو فون تي
ڪيترن ئي ڏينهن تائين رڙيون ڪري چيو ته مان مسيحا آهيان
ته ڪو آپريٽو سوسائٽيءَ وارن ڪيس مانيءَ تي سڏايو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاٿي پي هن تقرير ڪئي
ايلاز ڪندي چيائين
مان مسيحا آهيان، مون کي صليب تي چاڙهيو
ماٺهن واپسيءَ جو ڀاڙو ڏئي ڪانئس موڪلايو

۽ هن سال اسان جي فصلن کي مڪڙ ڪائي ويا
هن سال اسان ندامت جا روزا رکيا
۽ ڪاٿون به نه چا ـ ڪجهه هوئي ڪين!
سيني پيغمبرن ۽ مسيحائن کي جيل مان آزاد ڪيو ويو
انٽيهه هزار پيغمبر ۽ ٽي سو چاهتر مسيحا
سڙڪن تي لامارا ڏيندا رهيا ۽ تقريرون ڪندا رهيا

"اي انسان جا اولادؤ!
اسان صدين کان شيشي ٽڪر چونديندا رهيا آهيون
هاڻي انهن شيشي ٽڪرن سان اوهان لاءِ
هڪ نئين ڪائنات خلقينداسين
۽ اوهان جي هٿن مان اجنبي هٿيار وٺي
وري توهان کي پٿر ڏئي ڇڏينداسين."

۽ اُهي شيشي ٽڪر چونديندا رهيا

اهو ڀار، جيڪو اسان کي صبح جو اخبار ڏئي ويندو هو
اوچتو غائب ٿي ويو
اسان جي ڪيرواري به اچڻ بند ڪري ڇڏيو

اسان سڀ شيشي ٽڪر چونديندا رهياسين

پوءِ
هڪ صبح جو
اهو ڇوڪر
صبح جي تازي اخبار ڪٽي پڌرو ٿيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪير وارو بالتي ڪٽي دروازي تي بيهي مُرڪي رهيو هو
پوءِ جيل پربا ويا!

## انهن سِرن جو ڇا ٿيندو؟

هر رات، هڪ هجوم
پيرن ۾ بيڙيون وجهڻ لاءِ تيار
هر رات

بيڙيون

پير ڇرڪائي ويندا آهن

رڳو ڪاٻي ڪي حرڪت جي اجازت آهي
ساڄو بيڙين ۾ قابو آهي
بيڙين ۾ پير ڪي ڪيڏو سُڪون آهي
جيڪڏهن پير نه ڇڙڪائيندين ته
انهن سِرن جو ڇا ٿيندو
جيڪي پيرن تي بيٺل آهن؟

## هيءَ صدي ڪنجهي رهي آهي...

نه! مان ڪنهن يوناني ڏک ناٽڪ جو مرڪزي ڪردار ناهيان!
نه ئي مان انهيءَ لاءِ جڙيو هوس
- مان ته هڪ خاموش تماشائي آهيان

هزارين ورهيه پٿرن ۾ قاتل ڪنهن مرڪزي ڪردار جون اکيون
جڏهن باز کان پٽرايون وينديون آهن
۽ جڏهن هو درد کان ڪنجهي چوندو آهي:
"مان سيني پيار ڪندڙن لاءِ هڪ ڏک پريو ڏيک آهيان!" (1)
يا ورهين جا ورهيه سمنڊن ۾ ڀٽڪندڙ سياحن کان

(1) ايس ڪلس (2) هومر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خدا جڏهن سندن گهر اچڻ جو ڏينهن ڦري وئندو آهي (2)
يا جڏهن ڪو ارڏو يوناني مرڪزي ڪردار
پنهنجي اباڻي خدا کي مرڪي چوندو آهي
"تخليق کان پوءِ مون تي تنهنجو ڪو حق ناهي!"(1)

تڏهن مان پنهنجي پرواري معصوم تماشائيءَ کان
ماچيس گهُري پنهنجو سگريٽ دُکائيندو آهيان:
"خدايا، هي ماڻهو ڪيڏا بيوقوف آهن! (2)

مون کي زندگيءَ جو ڪو تجربو ناهي
شايد پنهنجين غلطين کي ڪلي وسارڻ جي ڪميءَ کي تجربو چوندا آهن
يا وري شايد انهيءَ اوڻائيءَ جي بيچينيءَ کي ذهن جي فريم ۾ بند رکڻ کي!
شايد، مون کي خبر ناهي

هيءَ صدي ويم جي سُور کان ڪنجهي رهي آهي
۽ مان تاريخ جي شاعراڻي اڱڻ ۾ ويهي سوچي رهيو آهيان
"مان نه، هيءَ دنيا ڪمزور تي ويٺي آهي ۽ جلدئي مري ويندي!"(3)

پر... تاريخ نويس منهنجي باري ۾ ڇا لکندا؟

## اسان هن شهر ۾!

اسان هن شهر ۾
ڪفن دفن لاءِ اوهان جي آجيان ڪريون ٿا
اسان جي ڪارڪنن جي انتظامي صلاحيت سموري علائقي ۾ مشهور آهي
اسان جي اڳوڻن گراهڪن جي فهرست ڏِسي، غيرمعمولي ۽ مؤثر آهي
اسان جي مرمرين ڪتبن جو جواب ناهي
نوحه خوانن جو انتظام به اسان ئي ڪنداسين.

(1) سارتر (2) شيڪسپيئر (3) ازرا پائونڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دعاءِ مغفرت جي لاءِ پڻ اوهان کي پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي!

اسان جا ڪارڪن هروقت موجود آهن
اسان اوهان کي اهو به ٻڌائي ڇڏيون ته
اسان جي قيمت معقول ۽ مناسب آهي
۽
هن موسم ۾
نهايت ئي گهٽ قيمت تي
پيير پسارڻ لاءِ
هڪ پُرسڪون ڪنڌ جي هيءَ پيشڪش
رڳو
دوستن ۽ نيڪ ماڻهن لاءِ آهي

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## هڪ پراڻي تصوير

هن ۾ شامل ماڻهن ۾
هڪ پراڻو ساٿي آهي منهنجو
جو مون سان ملي يادن ۾ وڃائجي ويندو هو

هڪ ڇوڪرو آهي جو هوا سان ڳالهيون ڪندو هو
هو پيرن سان هلڻ ڀلجي ويو

هڪ ڇوڪري آهي جيڪا ڪن پل لاءِ
ٽهڪ ڏيئي زور زور سان ڪلندي هئي
پوءِ سارو وقت رُئندي هئي

هڪ ماءُ آهي بادل جهڙي ماءُ
جيڪا ڇورانءِ تي ويهي ايندڙ ويندڙ کي
وسريل هڪ ڳالهه ٻڌائيندي رهندي هئي

هڪ ٻڙ آهي
جيڪو عُمر جي اُس ۾ سُڪي ٺوٺ ٿيو

---

بلراج ڪومل(Balraj Komal): جنم 25 سيپٽمبر 1928ع، سيالڪوٽ (پاڪستان). اردوءَ جو شاعر، تخليقڪار ۽ نقاد. 'ميري نظمين'، 'رشتہء دل'، 'نزادِ سنگ'، 'پرندون ڀرا آسمان'، 'شهر ۾ ايڪ تحرير (شاعري)'، 'آنکين اور پاڙن' (ڪهاڻين جو مجموعو)، 'هرپالي ڪا ايڪ ٽڪڙا' (هندي ناول). اُتر پرديش اردو اڪادمي، مير اڪادمي، دلي اردو اڪادمي ۽ ساهتيه اڪادمي، ڀارت سرڪار جي ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ جا ايوارڊ مليل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن پرڻ لڳو ته پري رک جو ڍير ٽيو

هڪ ننڍڙو پتڪڙو ٻار آهي
جنهن جا سمورا رانديڪا ڀڄي پيا

هڪ ماڻ آهيان جيڪو
سڙڪ جي وڏندڙ پيڙ ۾ پنهنجي گهر جو رستو ڀلجي ويو

پس منظر ۾
هڪ گل آهي، جنهن جو ڪوبه هاڻي نالو ناهي
جنهن جي خوشبوءِ جي ڪابه سڃاڻپ ناهي.

هڪ سپنو آهي رنگن ۾ سمهيل
ڪالهه هليو ته سڀنيءَ سان گڏ هليو
هاڻي هڪ اپاهج وانگر آهي
هاڻي لٺ سهاري هلي ٿو
رت سان ڀريل راهن تي
تنها، تنها
هروقت ڀٽڪندو رهي ٿو.

●●●

www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

# ڪمار پاشي

اردو (ڀارت)

## دلاسو

اسان جنهن ٻيڙيءَ ۾ ويٺا آهيون
اها هاڻي ڪيڏانهن به نه ويندي

ڪناري تي آباد شهر جون
پل پل دور ٿيندڙ
روشنيون آهن
۽ چوطرف
پاڻي ئي پاڻي
ٻيڙيءَ جي اندر
ٻيڙيءَ جي ٻاهر

جيترو پاڻي اسان ٻاهر اُڇليون ٿا
اُن کان گهٽ
ٻيڙيءَ ۾ ڀرجي اچي ٿو
۽ ٻالڪ پڇي ٿو
ڇا ٻيڙي پتڻ تي پهچندي؟
اسان ٻنان سوچڻ جي ورائيون ٿا:

---

ڪمار پاشي (Kumar Pashi-1935-1992): 'اردانگني ڪي نام'، 'خواب تماشا'، 'ولاس ياترا'، 'انتظار ڪي رات'، 'روبرو' (شاعريءَ جو مجموعو)، 'پهلي آسمان ڪا زوال' (ڪهاڻيءَ جو مجموعو)، 'جملون ڪي بنياد' ۽ 'انڌيري ڪي قيدي' (ناٽڪ) ڇپيل. اُترپرديش اردو اڪيڊمي، اُتر پرديش تعليم ڪاتي ۽ اُردو اڪادمي دهليءَ طرفان ايوارڊ مليل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها، هاـ ضرور پهچندي

جيتوڻيڪ سينيءَ ڪي سُڌ آهي
اسان جنهن ٻيڙيءَ ۾ ويٺا آهيون
سچ پچ ـ
هاڻي اها، ڪنهن پتڻ تي
نہ پهچندي!

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نِلماني ڦُوڪان

آسامي (پارٽ)

## او سڪڻا ماڻهو!

اهو جيڪو مان ڪيس ڏيئي نہ سگهيس،
اهو جيڪو مان تو کي ڏيڻ وساري ڇڏيم،
۽ اهو جيڪو مون پاڻ کي نہ ڏنو
- انهيءَ سان ڪو فرق پوي ٿو؟

مفاصلو جيڪو تو کي مون کان جدا ڪري ٿو،
۽ انهيءَ جي غيرموجودگي،
مفاصلو جيڪو مون ۽ منهنجي وچ ۾ آهي،
۽ انهيءَ جي غيرموجودگي،
مفاصلو جيڪو سج کي چنڊ کان ڌار ڪري ٿو
۽ انهيءَ فرق جي غيرموجودگي
- انهيءَ سان ڪو فرق پوي ٿو؟

اهي جيڪي پهچڻا آهن
پر اڃا پهتا نہ آهن،
اُهي جيڪي هميشہ اچن پيا
۽ ڪين خبر ناهي تہ اُهي اچي چڪا آهن
اُهي جيڪي اڃا اچڻا آهن
پر سمجهن ٿا تہ اچن پيا
- انهيءَ سان ڪو فرق پوي ٿو؟

---

نلماني ڦُوڪان(Nilmani Phookan): آرمي وديا پيٺ ڪاليج گوهاٽيءَ ۾ تاريخ جو اُستاد. سنڌس شاعريءَ جي مجموعي "ڪنت ارو گرلوپ ارو ڪنت" تي پبليڪيشن بورڊ آسام جو ايوارڊ مليل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مفاصلا،
اختلاف،
ٻپ،
ڪاوڙ،
پيار،
سارو ٽيون،
ويسر،
ظالم، مظلوم،
شاعري، غيرشاعرانه:
- انهيءَ سان ڪو فرق پوي ٿو؟

هڪ ننڍڙي نينگر ڊوڙندي آئي ۽ چيائين:
تون پوين نه نهارج
نه ته پٿر ٿي پوندين:
انهيءَ ڪان ته پاڻيءَ جو ڏيو ٿي پئو؛
انهيءَ ڪان ته مڇي ٿي پئو.

هليو هل جيڏانهن تون هلندو وڃين،
اڳتي وڌ پوءِ پل اڳيرو نه ٿيندو هجين،
عمل ڪر، پوءِ پل تون اداڪاري ڪندو هجين،
اداڪاري ڪندو رهه پوءِ پل اداڪاري نه ڪندو هجين.
هاڻي وڌيڪ وقت ناهي:
انهيءَ سان ڪو فرق نٿو پوي
جيڪڏهن تون ويندو هجين يا نه؛
اوهان ٽيئي جيڪي انهن عنصرن مان جُڙيل آهيو،
پاڻ ڪي جوڙيو،
ڇو ته اوهان جي دل ۾ باهه ٻري ٿي،
ڇو ته اها اوهان جي هٿن ۾ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽوڙيو
سوچيو
جوڙيو
ڳالهايو
ٽوڙيو
عمل ڪريو

اهو جنهن ڪي اوهان حاصل ڪريو،
جنهن کي ڳوليو پر انهيءَ مان مطمئن نہ آهيو.
اهو جيڪو طوفاني شعلو آهي ـ
اهو تہ اوهان جي پوپان پرانگهون پريندو پيو اچي،
اهو تہ توهان کان بہ اڳيان آهي.

او سڪٽا ماڻهو!

## هوءَ مون کي ننڊ ۾ بہ ڳولي ٿي

هوءَ مون کان ننڊ ۾ بہ ڳولي ٿي.
هوءَ هاڻي ڪٿي ٿي سگهي ٿي؟

سندس ڇهري تي اڃا اُهو اُڪوڙيل وڻ آهي:
جنهن ۾ ٻئي ڳاڙهيون نديون
اڃا سندس ٻنهي ڇپن کي وهنجارين ٿيون:

سندس ٻنهي اکين ۾
اڃا اهي ٻئي گهوڙا آهن:

اڄ بہ هر رات
اُهي منهنجي دل کي ڌڙڪائين ٿيون.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نرمل پرويا بوردولوئي

آسامي (پارت)

## موڪلاڻي

مون هن کي ساريال مان
ويندي ڏٺو
جڏهن سج پئي ٻڏو
سندس مٿي تي سج جا سڌا ڪرڻا هئا
ڪلهن تي چيڪاٽ ڪندڙ
ٻه ڪنجهندڙ ٽوڪريون

پوريان هن جي
پن- ڇڻ جو موڪلائيندڙ
سونو سج لٿو پئي،
ڪڪائين وسندي،
ٻوڙن وچان لنگهندڙ ڪچو رستو
۽ پکي لنوي رهيا هئا
هو موڪلائيندو پئي ويو
ڪنهن کي ڪل نه
هُو هن زندگيءَ ۾ موٽندو به يا نه!

## پرڀات

ڇا صُبح،
بندوقن جي نڪائن سان اُڀرندو؟

---

نرمل پرويا بوربولوئي(Nirmal Probha Bordoloi): آسامي زبان جو شاعر ۽ نقاد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ، بلڪل نہ!
اهو اُپرندو
انهيءَ پکيءَ جي آواز سان
جيڪو رات جو اونداهيءَ ۾
پنهنجي ڇهنب سان ڪجھہ ڪتري پيو
هوريان هوريان

## رَڪَ

تو ٽڙڪاٽ ٻُڌو؟
صندل(❀) جي باھہ؟
منهنجي ڇاتيءَ تان ڪپڙو هٽاءِ
۽ ڏس:
رَڪَ جو ڍير.

●●●

---

(❀) صندل: هنديءَ ۾ چندن جي وڻ کي چنبو آهي، هندو لاش کي ساڙڻ وقت اُن جي ڪاٺيءَ جو استعمال ڪرڻ مذهبي فرض سمجهندا آهن. صندل جي ڪاٺي فقط چِکيا ۾ ٻاري ويندي آهي.

www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

# خَرِستو بوتيف

بلغاريائي (بلغاريا)

## مؤت جو گيت

جيڪو جنگ جي ميدان ۾ موت تو پائي
اهو موت ناهي
جيڪو آزاديءَ جي ويڙهه وڙهي ٿو-
ڌرتي ۽ آڪاس، وڻس حاضري ڏين ٿا
۽ فطرت جهنگلن سان گڏ ڳوڙها ڳاڙي ٿي
۽ وقت جا چارڻ سندس اوسارو ڪن ٿا.

## حاجي دمِتر(❀) جي موت تي

هو زنده آهي...هو زنده آهي...
هوڏانهن، هُن ٽڪريءَ تي، رت ٻُڏل ۽ آخري پساهن ۾
هڪ بهادر، جنهن جو سينو پرڻ
جوان، چپ جهڙو اڏول مرد مجاهد
هڪ پاسي بندوق رکيو، هو پيو آهي، هڪ پاسي تلوار پيحيو...

---

خَرِستو بوتيف: بلغاريا جي ڪالڪان جبلن جي ڪُک ۾ ڪالوفر نالي ڳوٺ ۾ 25 ڊسمبر 1848ع ۾ ڄائو هو. هُو ساميه وادي نظريني سان لاڳاپيل هو. پهرئين 'سوويودا' (آزادي) نالي انقلابي اخبار ۾ ڪم ڪيائين. پوءِ 'بلغاريائي جلاوطنن جي دنيا' ۽ 'الارم ڪلاڪ'، اخبارون جاري ڪرڻ سان گڏ شاعري به شروع ڪيائين. سندس سموري شاعري انقلاب آهي. 2 جون 1876ع تي جنگ جي ميدان جو معائنو ڪندي دشمن ڪيس گولي هٽي ماري ڇڏيو.

(❀) حاجي دِمتر فقط 128 ساٿين جي مدد سان ترڪيءَ جي حڪومت خلاف بغاوت ڪئي هئي ۽ 28 ورهين جي ڄمار ۾ جولاءِ 1868 ۾ قتل ٿي ويو. خَرِستو بوتيف هي نظم سندس موت تي خراج عقيدت طور لکيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سموري دنيا تي لعنت وجھندڙ سندس چپ ڏڪن ٿا...
ڌرتيءَ تي ليٽيل ۽ آڪاس ۾ سج،
لاباري جا ڏينھن آھن
پريان وٽڪار ۾ ڪوڪائي پيو
۽ سڀ رُڪاوٽون ٽوڙي ھن جو رت وھي پيو...
لاباري جا ڏينھن آھن - اي غلام ڇو ڪريون!
ڏکن جا گيت ڳايو! ڏينھن چڙھي رھيو آھي
غلامن جي ملڪ تي سج سڙي رھيو آھي
۽ ھڪ سُرويچ ڪي اڄ اجا مرڻو آھي...
جيڪو ويڙھ ۾ مري ٿو، اھو نٿو مري
ھيءَ سڄي ڌرتي ھن لاءِ روئي ٿي
۽ ھي آسمان بہ ٿو روئي
بن، ٻن ۽ جانور بہ ٿا روئن
۽ چارڻ سندس چاھت جا گيت ٿا ڳائين
سِرڻ سندس منھن تي ڇانوَ ڪري ٿي
۽ واڳھ سندس ڦٽ چٽي ٿو
عقاب - پکين جو سرويچ
منھن سندس مٿان ڦيرا ڏي ٿو - جوڌو جو آھي!
ھر شيءِ ويجھو ويجھو ٿيندي اچي -
چنڊ چڙھي ٿو ۽ تارن جو آسمان تي آھ راڄ
گھاٽا جھنگل جھومن ٿا
ھوا اڪيون مھتي تي ۽ جبل 'ھائيڊُڪ گيت' (❀) ٿا ڳائين
جھنگل جون پريون جھومن ٿيون، ڪيت لھرائين ٿا
- ۽ ھُن جا گيت ڳائين ٿا
سائي گاھہ تي ھوريان تلنديون
ٻين جي سھاري پرسان ويھن ٿيون،

---

(❀) اُن وقت جي گوريلن جو گيت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا هڪڙي، ڇهري تي پاڻي تي ڇڙڪائي
ڪا وري ڦٽن تي مرهم تي لڳائي
ڪا جُهڪي چَپ تي سندس چُمي
هو ڇپر اکين جا کٽي تڪي ٿو
ءِ مرڪي ٿو:
’حسينو! ’ڪاراجا‘ ❀ ڪٿي آهي؟
ءِ منهنجي يارن جو ٽولو ڪٿي آهي؟
مون کي ٻڌايو
ءِ منهنجي آتما کي منهنجي جسم مان ڪڍي وٺو
هي جسم هينئر، هتي ئي، هن پل ختم ٿيڻ ٿو چاهي...‘
اهي اجا ويجهو اچن ٿيون
جهومن ٿيون
هٿن ۾ هٿ ڏين ٿيون
ءِ پوءِ اڳي وانگر جهونگاريندیون
ڪيس آسمان ڏانهن وٺيو وڃن ٿيون ـ
اُڏائيندیون، ڳائيندیون، آسمان ڏانهن وڌنديون...
باک ڦٽي آهه ءِ هن ٽڪريءَ تي اهو سرويچ سمهيو پيو آهي
سندس رت اجا پيو ٽِمي
واڳهه رت چٽي ٿو
ءِ سج هڪ دفعو وري ساڳي ريت سڙي رهيو آهي...

●●●

❀ ڪاراجا: حاجي دِمتر جو ساٿي، جيڪو حاجيءَ کان ڪجهه ڏينهن اڳ جنگ ۾ زخمي ٿي تُرڪ حڪمران جي جيل ۾ مري ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## گِيو مِليوَ

بلغاريائي (بلغاريا)

### سيپٽمبر

(هڪ ڊگهي نظم جو شروعاتي حصو)

راتين جي مٿل ڪُڪ مان
غلامن جو عمر پراڻو آڪوش جاڳو آهي
اها تپندڙ نفرت مهان آهي...
ڏنڊ جي اوٽ ۾ ـ
پرڀات کان اڳ ـ اونداهين جي جهنگ مان
۽ سيني جبلن جي چوٽين تان
ڌرتيءَ جي ويران سوٽ مان، اُڃ کان ڦاٽل زمين مان،
مٽيءَ ۽ گاري جي گهرن مان
ڳوٺن مان ۽ شهرن جي نويڪلن اڱڻن مان
ڪٽن تان ۽ پوين ڪوٺڙين مان،
چُلهن مان، ڀنين مان،
اٽي جي چڪيءَ مان، لوهار جي ڌوَڻ مان
۽ سين ڪنيرن جي چَڪن مان
سڙڪن ۽ ڳلين مان لنگهي
پٿرن جي لاهيءَ تان، ڪڏن کوهن، ڇپن ۽ سِرن تان
چوٽين ۽ اوچاين تان...۽ ڪلهن تان
۽ ڀيان ڀيان ڪندڙ وٺڪار مان

---

گِيو مِليوَ: بلغاريا جي هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ 1895ع ۾ جنم ڏنو. اُن وقت فاشي پوليس کيس سندس مشهور نظم 'سيپٽمبر' لکڻ جي ڏوهه ۾ 1925ع ۾ گهٽو ڏيئي صوفيا جي پرسان هڪ کاهيءَ ۾ اُڇلائي ڇڏيو. اها نظم سندس ئي جاري ڪيل اخبار 'ٻاهه جي لپيٽ' ۾ جنوري 1925ع ۾ شايع ٿي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ جهنگ جي پيلن پن ڇڻ ۾ ڇٽيل پنن مان
پٽرن ۽ پاڻيءَ مان
جهوپڙن، واڙين، انگوري باغيچن ۽ جوٽيل پنين مان
۽ رڏن جي واڙن، ڪُنڊ پاسن ۽ اونداهن ڪوهن مان
۽ ڪنڊن ۽ ڪسين تان لنگهندي ـ
هي قاتلِ ڪپڙا پاتل بکيا ۽ ڪومايل چهرن وارا تيز گرمين ۾ پڪل
پاري ۽ لُڪ جا ستايل
آڪڙيل ۽ وات قاتلِ مهاندن وارا
۽ جهڪيل پٺي ۽ سُسيل بدن وارا
ميرن ڪپڙن ۾ هميشہ ڪان اُگهاڙا
لڦون پيرن ۾
داڳن سان ستيل ڇهرا، اڻ پڙهيل، ابوجهہ جهنگلي
ڪاوڙيل ۽ پرندڙ ڪاتين وانگر...
هٿن ۾ نہ ڪو گلاب...
چپن تي نہ ڪو گيت...
نہ گهڙي، نہ گهڙيال
نہ بگل، نہ توتاري، نو ڪو سُرسنگيت...
لباس تار تار
چمڪندڙ تلوارن بدران ڏندا ۽ لٺيون ڪنيو ـ
هي پورهيت
لٺيون، ڪهاڙيون، خنجر، ڏانداريون
کُرپا ڪنيو
۽ ڪي سورج مُکيءَ جا گل ڪنيو
جوان پوڙها ڇتني ڏسن ڪان آيا آهن
جڻ جانورن جا واڙا کُلي ويا هجن...
هي بيشمار ـ مچريل سانَ
سيني ۾ خدا جو سڏ ڪنيو
وات ۾ فرياد ڪنيو
ٽتا آهن بند وانگر ـ اڳتي وڌندا وڃن
سيلاب وانگر اٿل ۽ اٿموٽ
خوفناڪ
مهان ماڻهو!

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نڪولا واپتساروف

بلغاريائي (بلغاريا)

---

## اتهاس جي نالي

اسان گمنام ڪارڪن آهيون، تون اسان جو ذڪر ڪندين؟
پنهنجي ڪنهن پني ۾ اسان جو نالو لکندين؟
بصر ۽ ماني سِنگهي اسان هيءَ ڌرتي ڪيڙيندا رهياسين
۽ زندگيءَ جي منهن تي ٿڪار وجهندا رهياسين.

شُڪر ڪر اسان تو کي خبرون ڏيندا رهياسين
تو کي جنهن جي اُڃ هئي، اسان رت پنهنجي سان ريج ڏيندا رهياسين
ايندڙ وقتن جي شاعرن جا قلم ترقيءَ جا گيت لکندا،
پر پيڙا جي هيءَ ڏکهي ڪٿا اڻ لکيل رهجي ويندي
۽ اسان جي هن زندگيءَ جي ڪا معنيٰ ناهي ڇا؟
زهر جو بس هڪ وَڏُ آهي ـ اسان کي ٻيو ڪجهه چوڻو ناهي.

ڪنڊن جي هڪ واڙ هئي، جنهن جا پاڇولا گهٽندا وڌندا رهيا،
۽ اسان جي ماءُ اسان کي ڇٽي سورن ۾ سڙندي رهي.

پر ڇڻ ۾ اسان مکين جيئن مٺاسين
مائرن جي سور کي رڳو جهنگلي پن ئي ٻڌي سگهيا.

---

نڪولا واپتساوروف: هي بلغاريائي شاعر 1909ع ۾ ڄائو هو. ننڍ پڻ ۽ جواني بلغاريائي ۽ پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ ڏکيا ڏينهن گهاريائين. گورڪي سندس پسنديده ليکڪ هو ۽ ماياڪووسڪي ڪيس اُتساهه ڏنو. 23 جولاءِ 1942ع تي فوجي ٽريبونل ۾ مٿس مقدمو هلائي موت جي سزا ڏني وئي. سندس موت کان پوءِ 1953 ۾ عالمي امن ڪانفرنس ۾ سن سندس لکڻين تي Grand Honorary Prize ڏنو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي باقي رهيو، پگهر سان تر هو
اسان کي ڏکن جيان جو ٿيو ويو
وڏن چيو: اهو ئي آهي بامقصد جيون!

پر اسان جو ڏوهه رڳو اهو جو اسان انهيءَ ڏيک تي ٿُڪيو...
انهيءَ ڏک جي، پيڙا جي، قيمت نتا گهُرون
عيوضي ۾ ڪنهن اجوري، شهرت جي گهُرج ناهي
نه ئي ڪئلينڊر جي تصوير بڻجڻ اٿئون ـ
بس، جي اسان کان پڇن، ڪين ايترو چئجو:
هڪ زندگي، هڪ ڪلپنا، هڪ مورت گهڙيندا رهياسين
روشنيءَ لاءِ، اونداهيءَ ۾ وڙهندا رهياسين.

●●●

# سڀاش مکوپاڌيايہ

بنگالي (ڀارت)

## گهر ڏانهن

هو سارو ڏينهن کيڏندو رهيو

ڪجهہ دير کان پوءِ
اسٽريٽ لائيٽ اچي وينئي
بابو اڃا گهر ڇو نہ موٽيو؟

وڃڻ ويل تہ چئي ويو هو:
جلدي پگهار وٺي موٽندس
۽ اڄ شام
ڏڻ لاءِ
ٽول ۽ سوڪڙيون وٺي ايندس

وڃڻ ويل ائين چئي نڪتو هو
اڃا گهر الائي ڇو نہ موٽيو؟

ساس پٺن ۾ ڇمڇي گهمڻ جو آواز
غير رواجي طرح وڏو آواز
ٺهڪندڙ پاڻي

---

سڀاش مکوپاڌيايہ(Subhash Mukhopadhyay): بنگال جي زندهہ شاعرن مان هڪ سنو حساس، ڪمٽيڊ ۽ اصلوڪو شاعر آهي. کيس نومبر 1984ع ۾ سوويت لينڊ ايوارڊ ملي چڪو آهي. هي نظم 'السٽرٽيڊ ويڪلي آف انڊيا' جي ايڊيٽر پرتيش نندي‍ہ جي انگريزي ترجمي جو ترجمو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن جانورن ۾ اوتيائين
تہ پيرسڙي پيس

چوڪر ڪتاب ڪنيو
۽ تڏي تي ويهي پڙهڻ لڳو
دريءَ مان ٻاهر نهاريائين:

تاريخ جو ورق
خالي اکين اڳيان کُليو رهجي ويس

گهڙيال ٻوڙندو وجي پيو
نل مان پاڻي ٽپڪي پيو
مُڇن واري ٻلي
پٽ ٽپي وجي پئي

ڪتاب جا لفظ
اڳتي چُرڻ کان انڪاري آهن
هوڏي آهن چوڪر وانگيان
جيڪو پٽس جي پيار جو ڪاريل آهي
جيڪو نوَن ڪپڙن جي اوسيئڙي ۾ آهي
جيڪي ڏڻ کان اڳ ڳڻهٽا آهن

بابو ايجا گهر ڇونہ موٽيو؟

رڌ پچاءُ تہ ڪڏهوڪو ختم ٿي چڪو
ماڻس وهنجي آئي
۽ ويهي سويٽر اُڻڻ لڳي
سِلايون ڪري ٽيون پونس
هر هر هٿن مان

آواز ٿيو:
در چيڪاٽ ڪري کُليو
ڪير آهي؟
مان آهيان، امان

هو در پرسان بيهي رهيو
جيڪو گهٽيءَ جي مُنهن تي آهي
ريڊيو تي خبرون ٻه اچي ويون
بابو اڃا گهر ڇو نه موٽيو؟

هو گهٽيءَ ۾ آيو
ڪيس وچي ڳولهڻ گهرجي

چوڪ تي ماڻهن جو ميڙ
ڪاري وئن
زورائتا ۽ تيز تڙڪاٽ
جڻ بارود هجي

ڪهڙو جشن ٿا ملهائين
هو ڏسڻ لاءِ اڳيان وڌيو

رات جو دير سان
بارود جي بوءِ پريل گهٽين مان
گمنام ڳلين مان گوهيون ڏيندو
موت جي منهن مان بچي
سندس پيءُ موٽي آيو

پر پُٽس نه موٽيو

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُنيل گنگوپاڌيايه

بنگالي

## منهنجو سُوَرگ

ندي‌ءَ جي هُن پر،
جتي بيد جو وڻ جهڪيو بيٺو آهي لهرن تي،
اهوئي تہ منهنجو سوَرگ آهي.

وسارڻ جي اونده ۾
اهوئي تہ آهي هڪڙو ٽانڊاڻو...
هڪ اڇو پکي
جيڪو اُڏامي وڃي ٿو جادوئي شام جي اونده ۾

ندي‌ءَ جي هُن پر
آسمان ٻاري رکيون آهن
تارن جون ڦل ڇٽيون...
۽ جيڪي گڏ موتي اڇن ٿيون
پڙاڏي جيان،
هن جي ساهن جي آهٽ،
وکري وڃي ٿي سڪل پنن ۾!
ڪوئي ڪليو
مان چڱي‌ءَ طرح سڃاڻان ٿو هن کي...
ڪوئي جهڪي ويهي رهيو پاڻي‌ءَ جي بلڪل ڪناري
هڪ سپني وانگيان!
مان هِن پر بيٺو آهيان،
پوءِ بہ

---

سنيل گنگوپاڌيايہ (Sunil Gangopadhyay): جنم 7 سيپٽمبر 1934ع، فريدپور (هاڻي بنگلاديش).
بنگالي‌ءَ جو شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار. هن وقت تائين ڏيڍ سؤ ڪتاب شايع ٿيل. ڪيترائي ادبي انعام مليل
'سيئي سميہ' ناول تي بنڪم چندر انعام مليل. بنگالي هفتيوار اخبار 'ديش' جو ايڊيٽر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽنل پُل جي هُن پر
جتي سموري موجودات ئي اُداس آهي،
اهوئي تہ منهنجو سوَرڳ آهي.

## پيو ڪو

جيڪو لکي ٿو، اُهو مان ناهيان ـ
پوءِ مون کي ڇو ڏوهہ ڏين ٿو؟
ڇا مون ڪڏهن ڏمريل شينهن وانگيان
پنهنجي زنجير ٽوڙي آهي؟

جيڪو لکي ٿو
تَنهن جو ننڍپڻ گذريو هوندو ڪنهن ندي ڪناري...
هن سنسار جي پيڄل پتين کي ڏٺو هوندو،
رت سان رڱيل پاڻيءَ ۾
هن پنهنجو آئينو ڳوليو هوندو
۽ پيچي ڇڏيو هوندو!
مان تہ اسڪول ويس، ڪتاب پڙهيم
۽ جڏهن
رستي تي پيل هڪ چهبڪ مليو،
تہ اهو کڻي مون هوا جي ئي سواري ڪئي!

جيڪو لکي ٿو، اهو مان ناهيان،
لکندڙ مان ناهيان!
اهو تہ ڪنهن جبل تي آهي
عورت جي ٻانهن ۾،
هن جي شوخ زبان ۽ شرارت
هوا کان بہ وڌيڪ تيز آهي
هو گهرڻ کان شرمائي ڪونہ،
هو تباهيءَ لاءِ ڏاڍو اُتاولو
ڪنهن سفارتڪار کان بہ ٻچي ڪين

چا اهڙو ڪو
چپ چاپ ڪنڌ جهڪائي
ميز تي ويهي سگهي ٿو
مون وانگيان؟

## سچو سچ

گهٽا ڏينهن ٿيا ـ
مان پرپور چانڊوڪيءَ ۾ هليو ئي ناهيان
يا نديءَ ڪناري
گاهه جو گل پٽي
ان جي لهرن تي اڇليو ئي ناهي...
گهٽا ڏينهن ٿيا، گهٽا ڏينهن ٿيا

پوءِ به مون کي سُڌ آهي ته
اجا تائين چانڊوڪي راتين ۾
آڪاس منهنجي اوسيئڙي ۾ رهي ٿو،
نديءَ جي ڪنارن کي به
اوسيئڙو آهي منهنجي پيرن جي ڇهاءَ جو،
گاهه ۾ اُپريل
هوا ۾ لهرائيندڙ
ننڍڙي گل کي به
منهنجو ئي اوسيئڙو آهي
ته ڪڏهن ٿو مان کيس پٽيان.

مون کي سُڌ آهي ته
نديءَ جون هي لهرون
ڪڏهن نه ڪڏهن مون کي سڏي وٺنديون
۽ انهيءَ سچي سچ جي سهاري
مان جي وڃان ٿو.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پڇاڻي

سڀ ڪجھ هميشھ وانگر آهي
ڪجھ بہ حيرت جھڙو نہ ٿو ٿئي
رڳو ڪجھ ڏينھن لاءِ
هو پنھنجي ڪرسيءَ تي نہ ٿو ويھي
سندس ڪوٽ ڀت ۾ ڪِليءَ تي ٽنگيو پيو آهي

سندس سرنامي تي موڪليل خط
ڪافي ڏينھن تائين مٿي ٽنگيا پيا هوندا هئا
ڇڏيل، ويڳاڻا
۽ اُن ڪان پوءِ غلطيءَ ڪان پڻ
هاڻي اچڻ بند ٿي ويا آهن

۽ هاڻي ڪوئي اڻ ڄاتل شخص
سندس نالي جي پليٽ لاهي بيٺو.

●●●

---

رابن سر(RabinSur): جنم 1934ع. ٽي شعري مجموعا 'انترگت ندي'، 'انوسنگ آرتي آنند' ۽ 'رابن سِري' ڇپيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُڪانت ڀٽاچاريہ        بنگالي (ڀارت)

# هڪ ڪُڪڙ جي ڪهاڻي

هڪڙي ڪڪڙ
ٻن ٽن ڪڪڙين سان گڏ
هڪ شاهي محل جي ڪنڌ ۾ رکيل
پڃري ٽٽل صندوقن جي وچ ۾
ڪنهن طرح اُجهو حاصل ڪري ورتو

اُجهو تہ ڪيس ملي ويو
پر کاڌي لاءِ ڪافي نہ هو
احتجاج وچان تنهنڪري
ٻانگون ڏيڻ شروع ڪيائين
پر بي رحم عمارت کي ڪهل نہ پيئي

پوءِ هن ڪِن ڪچري جا دٻا ڳولڻ شروع ڪيا
اُتان ڪيس ڀَتُ ۽ ماني کاڌي لاءِ ملڻ لڳا
پوءِ هڪڙي ڏينهن ڪجهہ ٻيا ڪڪڙ
۽ ميرن ڦاٽل ڪپڙن ۾ ٻہ ٽي ماڻهو اچي نڪتا
تنهنڪري ڪمزور ڪڪڙ وري بک مرڻ لڳو

ماني - ماني - رڳو هڪ ننڍو ماني ٽڪر!

---

سُڪانت ڀٽاچاريہ(Sukant Bhattacharya): جنم 1926ع، ڪلڪتو. 'پُوروَياس'، 'مِنڪڙا' ۽ 'ڇاڙپتر' خاص شعري مجموعا. 21 ورهين جي ڄمار ۾ 1947ع ۾ اوچتو موت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجبور ٿي ماني کاڌ
هن محل اندر گهڙڻ جي ڪوشش ڪئي
پر هر ڀيري ڪيس بي رحميءَ سان ڀڄائي ڪڍيائون
جيتامڙي ڪڪڙ پنهنجو ڳاٽ اوچو ڪيو
۽ محل ۾ پيل اناج جي گدام جو سوچيائين!

پوءِ هڪڙي ڏينهن سج ٻيچ
هو محل ۾ گهڙي ويو
۽ قيمتي ريشمي ڪپڙي سان ڍڪجي
سڌو ڊائننگ ٽيبل تي آيو
ڪاڌو کائڻ نه
پر ٻين جو ڪاڌو بڻجي

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪِوتا پوءِ ڀلي اچي!

آڪاس اُتي ئي آهي
ها نارنگي سج اُتي ئي آهي
پر زندگيءَ ۾ نه ڪوتا آهي، نڪي وري من ۾ آهي
رڳو سڪٽن شاعرن جي سختي ڏهڪائي ٿي.
وڏن ڪنن وارن گڏهن جا ميڙ
هوا ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڀيا هلن
فريبي، بيهودا ۽ بڪبڪيا گڏهه-
سندن ڪدڙن نر عضون کي وڏين ڪئنچين سان ڪپي ڇڏيو!
بي حرڪت رات بهتر آهي
ايتري قدر جو اُداس خاموش پرڀات به.
او خدا! اسان کي ماٺ عطا ڪر،
انهن شاعرن کي
هڪالي ڪڍ ۽
بيدن اسڪوائر ۾ لڳل لائوڊ اسپيڪر بند ڪراءِ!
او خدا! اسان ۾ پنهنجن ڀائرن کي پيار ڪرڻ جو جذبو عطا ڪر،
اسانجن ڀائرن ۾ اسان کي پيار ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪر،
ذهن جي ناسن کي پوِترتا سنگهڻ جي سگهه ڏي-
ڪِوتا اُن کان پوءِ ڀلي اچي.

●●●

---

لوڪناٿ ڀٽاچاريه(Lokenath Bhattacharya): نيشنل بُڪ ٽرسٽ، نيو دهليءَ ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر آهي.

www.sindhsalamat.com                                   books.sindhsalamat.com

## پهرئين ڏينهن جو سج

پهرئين ڏينهن جي سج
هستيءَ جي نئين پرڪاش کان پڇيو:
تون ڪير آهين؟
ڪو جواب نه آيو

سالن کان پوءِ ڪئين سال لنگهي ويا
ڏينهن جي آخري سج
اولاهين سمنڊ ڪناري تي
سانت شام جي وقت پڇيو:
تون ڪير آهين؟
تڏهن به ڪيس ڪو جواب نه مليو.

●●●

---

رابندرناٿ ٽئگور(Rabindranath Tagore): 7 جنوري 1861ع تي ڪلڪتي ۾ جنم ورتو. هُو بنگالي زبان جو ليجينڊري شاعر، ڪهاڻيڪار، ناول نگار، سنگيت ڪار ۽ ٻين ڪيترن شعبن ۾ هڪ ٽرينڊ سيٽر جي حيثيت سان مڃيو وڃي ٿو. کيس 1913ع ۾ سندس ڪوِتائن جي مجموعي 'گيتا انجليءَ' تي نوبيل انعام مليو ۽ سموري هندستان ۾ ته ڇا پر بين الاقوامي شهرت مليس. سندس ديهانت 7 آگسٽ 1941ع تي ٿيو.
موت کان رڳو ٻارنهن ڏينهن اڳ، جڏهن ٽئگور بستري تي نه ويهي ٿي سگهيو ۽ نه ئي قلم جهلي لکي ٿي سگهيو، تڏهن هُن مٿئين رگ ويد جي شلوڪ تي حيرت ڪاڏي هئي ته سرشٽيءَ جي اها رچنا ڪڏهن ۽ ڪيئن وجود ۾ آئي، جڏهن ته نڪي ڪنهن جو وجود هو، نڪي ابتدائي عدم وجود جو به ڪو وجود هو. هن سوچيو. "هُن اها سرشٽي جوڙي آهي يا نه. هُو جيڪو اوچي آسمان ۾ هن سرشٽيءَ جي نگهباني ڪري ٿو، هو اڪيلو ئي ڄاڻي يا شايد کيس سُڌ ئي ناهي."

www.sindhsalamat.com                    books.sindhsalamat.com

## اُداسين جا گل

اُهي پنھنجون ڪوتائون
تڏهن ئي رچين
جڏهن تهوار اچن
۽ اسان پنھنجون ڪوتائون رچيون
تہ تهوار اچيو وڃن

## ڀُريون پيار

خط مُڪمل
تہ هِتان هُتان رلندو، گهمندو
بي سونهون، بي معرفت –
نيٺ اچي واپس مليو

انهيءَ نياڳي سرنامي ۾ ئي
ڪا غلطي هئي

## اُداسيءَ جا گيت

اوهان اجهو هاڻي
اُداسيءَ جا گيت ٻڌا
جيڪي ويتنام ويولينٿ (wave length) تان
نشر ڪيا ويا
جيستائين اهي ساڳيا ڏک ڀريا گيت

---

تيروُ- ميوُ- ميٿا (Thiru Mu-Metha): چار شعري مجموعا ۽ هڪ ڪهاڻين جو مجموعو ڇپيل. پريزيڊنسي ڪاليج ۾ تامل شعبي جو اُستاد.

www.sindhsalamat.com        books.sindhsalamat.com

ٻيءَ ويوليننٽ تان نشر ڪريون
تيستائين
سيني ٻڌندڙن کي
خدا حافظ!

## هوا جي زبان ڄاڻون ٿا

ڪنهن ويڌن ڪئي آهي
هن عجيب شيءِ سان؟

هر پاسي
سندس چڙيل ۽ پٽيل وارن سان
اهو ڇا ٿي تو سگهي...

ڇو-
اهو ڇا ٿي سگهي ٿو
جو هو اوساري رهيو آهي؟

جيڪڏهن اسان
هوا جي زبان ڄاڻون ها
ته جيڪر اسان پڇي سگهون...

## او آگريون!

جيستائين اکيون رڏل آهن
ٽمڪندڙ تارن سان ڪيڏڻ ۾

او.... آگريون!
دريءَ جي سيخن ۾ تيستائين
آرام سان ته وهو.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مان ڇا ته ڪري سگهان!

دوست!
هتي ڪير آهي
جنهن مون کي ڏڪويو ناهي؟

اُهي ٻار ڪٿي آهن
جن سِڪن تي پٿر وسائي
راند نہ ڪئي؟

اُهي ماڻهو ڪٿي آهن
جن ٻالڪپڻ جي ڏينهن ۾
پوپٽن جا پر پٽي
زندگي ناهي گهاري؟

وڻن تي چڙهي
آکيرن ۾ پکين جا آنا ڀڃي
ڇا راند نہ هئي
ٻالڪپڻي جي؟

---

وڪرما دتين(Vikramaditian): تامل جو شاعر. اصل نالو اي- نمبي راجن. اڄ ڪلهہ مدراس جي پندرهن روزہ "اسويني" جي ايڊيٽوريل بورڊ ۾ ڪم ڪري ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مگر اي دوست!
مان ڇا تو ڪري سگهان
انهن کي
جن منهنجن آدرشن جي اڏامن کي
ساڙيو آهي؟

زندگيءَ ۾
دنيا جي حاصلات جي ڪوڄ ۾
ڪير ٿو سمجهي
دل جي زبان کي؟

اُهي جيڪي
دوائن لاءِ
مور مارين
سي هميشه
زندگيءَ جي ڊوڙ
کٽيو وڃن

مگر ڇا ڪجي؟
رڳو زندگي گهارڻ لاءِ
ڇا ضمير اسان پنهنجو
ٻوساٽي ڇڏيون

هن ڌرتيءَ تي
جتي علم ۾ ڏاهپ
گهاٽي ۾ وڪامن
اسان ڪيئن ٿا
گهاري سگهون؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي دوست!
هن ڪان پوءِ سج ۽ چنڊ ڪٿي آهن
جيڪي منهنجي زندگي چمڪائيندا؟

جيڪڏهن منهنجي لاءِ نه،
ته گهٽ ۾ گهٽ انهن لاءِ
جيڪي مون ڪان پوءِ ايندا
ڪڏهن پوءِ آزاديءَ جو سج اُڀرندو؟

●●●

# شان مُگا سُبيه

تامل (پارٽ)

## پيٽ کان پُڇ

مٿو ڪنڌُ
زبان چِچر ڏندن سان
ڪِلُ
هيٺ جُهڪ
هٿ بَڌُ
۽ پير ملائي رکُ مضبوطيءَ سان

’اهو سڀ ڇا آهي؟‘
بهتر ٿيندو
تون پيٽ کان پُڇ
اهوئي ٻڌائيندو.

## خوش قسمت

ها!
جي ها!
بيشڪ مان خوشقسمت آهيان
پگهار جي ڪرپا سان
ٻه ٻار آهن منهنجا

---

شانَ مُگا سُبيه (Shanmuga Subbiah): ٻه شعري مجموعا ڇپيل اٿس ۽ ڪيرالا يونيورسٽيءَ جي آفيس ۾ نوڪري ڪري ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عجيب ڳالھ آھي
جو ٻئي آھن
پُٽ
تہ؟
مون کي سنڌن جو سور آھي
زال کي سلھ
ڀھريون پٽ
ويچارو بيمار رھي ٿو
ننڍو
اچا تائين ٺيڪ آھي
پر پوءِ جي
ڪنھن کي سُڌ؟
مان ڪلارڪ آھيان
ايترو ڪافي آھي
يا
اوھان کي وڌيڪ تفصيل
کپن؟
اچا بہ .....!!

## محبت جو نظم

ڪاٺ جي صندوق ۾ بند
شھزاديءَ جو اڌ جسم ڪارائيءَ سان ڪپيو ويو
اُھا زندھ رھي
ھو بيٺل پيڙيءَ ۾ ڪئين ورھيہ سُتو رھيو
جڏھن سندس اک کلي
تہ ھن خدا سان جھيڙو ڪيو
۽ گلاب جو گل ڇباڙي ڇڏيو

۽ غصي جي چادر پائي سمهي پيو
محبت جي هوا هن جي چادر ۾
سوراخ ڪري ڇڏيا
۽ هو جاڳي پيو
ايتري قدر جو سندس هڏا
ترڪات ڪرڻ لڳا
هُو ڪِري پيو
هڪ ارڏي شهزادي جي
مجبوري سان گڏ
پنهنجي ڌرتيءَ ۽ پنهنجي شهزاديءَ کي
ياد ڪندي
هوا بارش جي بوندن تي
گيت ڳائي رهي آهي:
’محبت ڪڏهن نٿي بيهي
انهيءَ پاڻي وانگر، جيڪو هميشه
وهندو رهندو آهي
۽ ڪڏهن ختم نه ٿيندو آهي!‘

●●●

## منهنجي زال

هڪ هٿ سان جهلي رکيو اٿائين آسمان کي
ٻئي هٿ سان ٻُچڪاري ٿي ڌرتيءَ کي
هڪ هَٿ سان پڪي ٻٽجي چُڳي ٿي لُڙڪن جا داڻا
ٻئي هٿ سان هٿُ گهمائي دلاسو ڏي ٿي ٽِڪرِ پٽر کي
هڪ هٿ سان ٿالهي پروڇي ڏي ٿي
ٻئي هٿ سان ٻارن کي ڪارائي ٿي
روشني پرئي هڪ هٿ سان اونداهيءَ کان موڪلائي ٿي
تارن پرئي ٻئي هٿ سان سج جي اڳواڻي ڪي ٿي
هڪ هٿ سان ٻاڳ کي گهٽ وڌ ڳالهائي ٿي
ٻئي هٿ سان مُرڪون وکيري ٿي
هتي چؤطرف پنهنجي هٿن جو چڪر ٻڌائي
زندگيءَ جي گاڏي ڇڪيندي
ڊوڙيندي وڃي رهي آهي وڏي شان سان.

●●●

---

اسماعيل(Esmail): تيليگو جو شاعر. اهم مخزنن ۾ شايع ٿيندڙ. ڪاڪي ناڙا ڪاليج جو سابق پرنسپال. حال رهندڙ ڪاڪي ناڙا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪي- گوداوري سرما

تيليگو (ڀارت)

---

### لفظ

سڏو ٿي ڏيان لڳائي
امتحان لاءِ تيار ٿي ويهه
ته لفظ ٻي ڇيا ٿي انڪار ڪيو ڇڏين
ننڍين ٻارن وانگر
جيڪي اسڪول کان گسائيندا آهن

دري پرسان ويهه، ٻاهر نهار
بيت لک چنڊ جي چانڊاڻ ۾
ته لفظ ڊوڙيو اچن
ننڍين ٻارن وانگر
جيئن اسڪول مان موڪل مهل ايندا آهن

●●●

---

ڪي- گوداوري سرما (K. Godawari Sarma): تيليگو زبان جو نمائنده شاعر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## فاروق نافذ ڪئمليبيل
ترڪي (ترڪي)

---

# مسافر ۽ گاڏيءَ وارو

گهر ڪان ڏور
ڪيڏي اوندهه آهي!
سِڪ ڪيڏو سور ٿي ڏي!
گاڏيءَ وارا!
هي رستا ڪٿي ختم ٿيندا؟
مون ساري ڄمار
انتظار ڪيو آهي
ڪنهن به نه ٻڌايو
ته اڃا ڪيترا ورهيه اڃا گهارڻو پوندو

گاڏي تکي ڪاهه
جيئن اُتي جلدي پهچون
جيئن منهنجي محبوبا کي
گهڻو وقت اوسيئڙو نه ڪرڻو پوي
ــ منهنجا درد ايترا بي انت آهن
جيترا هي رودِ جن تي مان پنڌ ڪيان پيو
جيڪڏهن ڪو منهنجو اوسيئڙو ڪري ٿو
ته پوءِ ڪافي دير ٿي وئي آهي

---

فاروق نافذ ڪئمليبيل (Faruk Nafiz Camlibel: 1898-1973): ترڪيءَ جو اهم شاعرن جي گروهه جو هڪ رُڪن، جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ لوڪ بحر استعمال ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ پيرو جيڪر ڳوٺ ڪي
سڄ ۾ جرڪندو ڏسان
اندر ۾ پرندڙ آوي
جيڪر تڏي تي پوي
— تنهنجن رستن
تنهنجن لڙڪن جي جيڪر پڇاڻي تي پوي
ته مان
جيڪر پنهنجي بي قسمت رستي تي
هميشه لاءِ جهومندو رهان.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناظم حڪمت

ترڪي (ترڪي)

## اڄ آچر آهي

اڄ آچر آهي
اڄ، پهريون ڀيرو
انهن مون کي سج جي روشنيءَ ۾ آندو
۽ پهريون ڀيرو پنهنجي جمار ۾
مون آسمان ڏٺو
عجب کاڌم ته ايترو ڏور
۽ ايترو نيرو
۽ ايترو وشال
مان بنا چرپر جي
بيٺو رهيس
۽ احترام وچان
ڪاري ڌرتيءَ تي ويهي رهيس
پٺ سان پُٺ ڀرائي

---

ناظم حڪمت(Nazim Hikmet-1902-1963): جنم سالونيڪا ۾ ٿيس. 1917ع ۾ هيبلي نيول اڪيڊميءَ ۾ گهڙيو ۽ استنبول مان اتحادي قبضي مان **1921** ۾ اناطوليه ڏانهن ڀڄي نڪتو. 1922 ۾ ماسڪو پهتو، جتي يونيورسٽي آف ايسٽ ۾ تعليم حاصل ڪيائين. 1925ع جي وچ ۾ هو ترڪيءَ ۾ موٽي آيو ۽ **1951**ع ۾ آخر خيرآباد ڪيائين. هو ڪميونسٽ هجڻ جي الزام هيٺ جيل ويو. سندس پهريون ڪتاب "8-5 Lines"، 1929ع ۾ شايع ٿيو. هڪ ٻئي پنيان پنهنجن شعري مجموعن ۾ هن سڀ کان وڌيڪ پنهنجي وطن کي اوليت ڏني. موت کان پوءِ به سندس زندگيءَ جي پورهئي کي سندس ڪرشماتي شخصيت کان جدا نٿو ڪري سگهجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي موت جو بہ خيال نہ اٿم
نہ وري آزاديءَ جو،
زال جو،
ڌرتيءَ جو،
سج جو،
۽ نہ ئي پنھنجو...
مان خوش آھيان.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جاهيت ڪُليبي

ترڪي (ترڪي)

---

## پهريون اڌ

ويهين صديءَ جو پهريون اڌ
موت جو دور هو
ظلم جو دور هو
ڪوڙ جو دور هو
ويهين صديءَ جي ماڻهن
ڦاهيون ڏٺيون ۽ ڪنڌ ڪُٺا
جيلن ۾ لاشن جون سٽيون ڏٺيون
۽ دريائن انهن جو رت پيتو
انهن ٻارن کي رئاڙيو
عورتن سان زوري ڪئي
انهن تي ويهين صديءَ ٿي روئندي
پيو ڪير روئندو.

●●●

---

جاهت ڪُوليبي (Cahit Kulebi): جنم 1917ع ترڪي جي پرسان هڪ ڳوٺ ۾ ٿيو. اناطوليه جي نظارن ۽ آوازن سندس شاعريءَ لاءِ مواد مهيا ڪيو. سندس پسنديده ترڪي شاعر ڪارا ڪوگلان ۽ پرڏيهي شاعر گِنلامي اپولي نائر آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نيسيپ فاضل ڪِسا ڪُوريڪ

ترڪي (ترڪي)

## ريلوي اسٽيشن

هتي سڪٽن ڏينهن جي
طوالت آهي
جڏهن اوچتو گهنڊ وڄي ٿو ته
موت جي اُداس گهنڊ ڪان به
وڌيڪ چيندڙ آهي

پوءِ سيٽي واجت ڪري
تتل آواز ۾ چوي ٿي
اڄ ڪين اوهان چاتو
تنهنڪري وڃن ٿا
سياٽي اهي وري واپس ايندا
اجنبي بنجي

## اڪيون

ماضيءَ مان اينگهجنڊي
اڪين ڪان سواءِ بيو ڪجهه نه رهيو آهي
اسان جو سيڪجهه مري ويو آهي

---

نيسيپ فاضل ڪِسا ڪُوريڪ (Necip Fazil Kisa Kurek): جنم 1905ع. شاعر، ناٽڪ ڪار ۽ صحافي. اول هو بادليئري روايت موجب بوهيميئن هو، پر پوءِ صوفي ازم ڏانهن لڙيو. سياست ۾ هو انتهاپسند حلقن جو حمايتي رهيو ۽ "Buyuk Dago" (The Great Earth) مخزن شايع ڪيائين. سندس نظمن ۾ اسلوب ۽ مواد جو گهڻو دخل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ اِجا تائين ڇو جيئريون آهن؟
آسمانن ۾ ستارن وانگر
پولار ۾ ٽمڪندي
موت جي خشڪ مغز ۾
گهوري رهيون آهن اکيون.

●●●

# گولتين آڪِن

ترڪي (ترڪي)

## جيڪي اوچاين تي رهن ٿا

هنن اسان جا گهر اوچاين تي جوڙيا آهن
انهن جو بالڪنيون ڏکيون آهن
پاڻي هيٺ وهي ٿو
وڻن ڪان به هيٺ

هنن اسان جا گهر اوچاين تي جوڙيا آهن
ڏهه هزار ڏاڪا چڙهڻا پون ٿا
نگاهون گهٽو پري نٿيون پهچي سگهن
دوستيون هيٺ رهجيو وڃن ٿيون

هنن اسان جا گهر اوچاين تي جوڙيا آهن
شيشي ۽ سيمنٽ ۾ پوسائيل
اسان ڄاتو ٿي، پر وساري ويٺاسين
زمين گهٽو پري آهي
۽ اُهي به جيڪي زمين تي رهن ٿا

●●●

---

گولتين آڪِن (Gulten Akin): جنم 1933ع ۾ يوزگاٽ ۾ ۽ تعليم انقره ۾. سندس پهريون شعري مجموعو "The Hour of the Winds" 1956 ۾ شايع ٿيل. هن 1961ع ۾ ترڪش لنگئسٽڪ سوسائٽيءَ طرفان ۽ 1971ع ۾ "The Epic of Marasli Okkess" پنهنجي شاعريءَ تي ايوارڊ حاصل ڪيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## امرتا پريتم — پنجابي (ڀارت)

# هلو ته ويران جسم ڀاڻيءَ تي وڇايون!

ڪالهه ـ اسان ٻنهي
هڪ پُل جلائي هئي
۽ هڪ دريا جي ڪنارن وانگيان
نصيب ورهاياسين...

جسم چنڊياسين
ته هڪ جسم جي ويراني هِن ڪناري تي هئي
۽ ٻئي جسم جي ويراني هُن ڪناري تي...

پوءِ رتُن جڏهن به ڪي گل ڏنا ـ
ته تو پڻ اُهي پنهنجي جسم تان هٽائي ڇڏيا،
۽ مون به اُهي رتُن کي موٽائي ڏنا،
۽ ڇٽيل پن وانگر ـ
ڪيترائي ورهيه اسان ڀاڻيءَ ۾ وهائي ڇڏيا...

ورهيه خالي ٿي ويا، پر ڀاڻي نه سُڪو
۽ وهندڙ ڀاڻيءَ ۾ ڀاڇولا ته ڏٺاسين

---

امرتا پريتم (Amrita Pritam): جنم 1919ع، گجرانوالا (هاڻي پاڪستان). پنجابي ٻوليءَ جي مشهور رچناڪار. اٽڪل 24 ناول، 16 شعري مجموعا، 8 ڪهاڻين جا مجموعا ۽ ٻيا ڪتاب شايع ٿيل. آتم ڪٿا 'رسيدي ٽڪٽ' نالي سان ڇپيل. 1956ع ۾ شعري مجموعي 'سينهوڙي' تي ساهتيه اڪادمي جو انعام مليل. 1998ع ۾ 'جن پٿ' انعام مليل. 'ناگ مڻي' نالي پنجابيءَ ۾ مخزن ايڊٽ ڪندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر چهرا نہ ڏٺاسين
۽ انهيءَ ڪان اڳ
جو ڪجهہ پريان بيهي اسان مِنجي وڃون
هلو تہ ويران جسم پاڻيءَ تي وڇايون!
تون پنهنجي جسم تي پير رکج
۽ اڏ دريا تائين هليو اچج
مان پنهنجي جسم تي پير رکنديس
۽ اَڏ دريا چيري
توسان اچي ملنديس...

## مَسچٽو

زندگيءَ جي اصلي عبارت ڇا هئي؟
اُها ريشمي خيالن جهڙي خوشخط هوندي هئي،
پر رت جهڙي گرم
۽ سپنن جي مَس جي آلي عبارت ڪي
جنهن مسچٽي سُڪايو هو۔
اُهو مسچٽو ماڻ پڻ آهيان، تون پڻ،
ڌرتي ۽ سماج پڻ، مذهب ۽ سياست پڻ...
سو، اصلي عبارت جا اکر۔
جيڪي مسچٽي تي هاڻي اُبتا نظر اچن ٿا، مس جي داغ سان،
انهن کي پنهنجين اکين مان گُذاري، ڪجهہ سڌو ڪري،
جيتري بہ عبارت جڙي، اهي جوڙي سگهجن ٿا
اها ہي ڳالهہ آهي تہ منهنجو هيءُ مسچٽو،
پنجونجاهہ فرلانگن جو ٽڪر،
۽ اوهان جو انهيءَ ڪان ڪجهہ نندو يا انهيءَ جيترو ٿينڊو.
ها، ڌرتي ۽ سماج جو،
يا مذهب ۽ سياست جو تمام ڏکو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ڪيترن ئي ٽڪرن ۾ ورهايل
۽ انهن جو جيڪڏهن جوڙ- توڙ ڪريون،
ته لکين ميل ٿين ٿا.
ها، چوڻ لڳي هئي ته هڪ ڳالهه ۾ اهو مسچنتو ـ
منهنجو يا توهان جو، يا ڪنهن جو به، ڏاڍو چمتڪاري آهي...
اهو منهنجي اکين ۾ جيڪو اوچاڳو ڏسڻ ۾ اچي ٿو،
اهو ابتو اکر آهي،
انهيءَ اکر کي سڌو ڪريان ته ڏسي سگهان ٿي ـ
ته منهنجي عمر جو اهو هڪ حسين سپنو هو
سو، انهيءَ رات جنهن به مسچنتي تي
جيڪي به اکر آهن ـ
اهي اصلي عبارت جا اُبتا اکر آهن.
اهي اکر جيڪي ڇاتيءَ جي اوندهه آهن،
اهي سچ جي اُس هوندا هئا،
۽ روح جو عالم، جيڪو اڪثر دانهن ڪري اُٿي ٿو ـ
اهو تڙندڙ ڳل وانگر خاموش هوندو هو
هي پيرن جا ڦٽ، راهن جي پياس هوندا هئا
هي هٽ- تريءَ جون ريکائون،
ڪمن جون آس هونديون هيون.
هي مٽي جي ليڪ ـ جيڪو گهنج نظر اچي ٿو ـ
هڪ گهري سوچ وانگر هوندو هو،
۽ پنيهن ڏندن جي وچ ۾ جيڪا چپ دبيل آهي
اها زندگيءَ کي سڏي سگهي ٿي
هي ٽٽل ليڪون ـ ۽ تارن سان ٽڪرائيندڙ دانهون
۽ ڌرتي ۽ سماج جا، يا مذهب ۽ سياست جا،
هي لکين ميل جيڪي مسچتا آهن
اهي اُبتين ليڪن سان ڪارا ٿيل آهن
هي سِرن تي لٽڪيل ڏينهن ـ

هي ڇاتيءَ ۾ ٽٽندڙ راتيون
۽ هر پيڙهيءَ کي ورثي ۾ ملندڙ- زخمن جون ڳالهيون.
۽ هي جيڪي جوانين جا ٻُٽ ۽ واريا سا صحرا آهن
۽ انهن ۾ سدا وهندڙ رتُ جا دريا آهن،
اهي ٽڏيون ۽ اُبتيون ليڪون آهن.
۽ مسچٽا جيڪي ليڪن سان ڪارائيل آهن،
بس اهي ئي اصلي عبارت جا حوالا آهن،
اُها اصلي عبارت تہ ڪڏهوڪو وڃائجي چڪي آهي...

## هُن منهنجي وجود کي ڇُهيو...!

تنهنجون سارونٽيون
گهٽا ڏينهن ٿيا جو جلاوطن ٿيون
جيئريون آهن يا مري ويون- ڪا سُڌ ناهي

رڳو هڪ پيرو- هڪ اتفاق ٿيو
خيالن جي رات ڏاڍي ڳهري هئي
۽ ايڏي ماٺ هئي
جو پن بہ ڇُري
تہ ورهين جا ڪَن اُيا ٿين

پوءِ ٿي پيرا لڳو ڇڻ ڪنهن
ڇاتيءَ جو در ڪڙڪايو
۽ دبيل پيرن سان ڇت تي چڙهيو
۽ نهن سان پُنين پيت کي ڪرڙيو

ٿي پيرا اُتي مون ڪڙا ڇَڪاسيا
اوندهہ کي ڇڻ ويم جا سُور هئا

هن ڪڏهن ڪجهه ئي چيو
۽ ڪڏهن چپ ٿي ئي وئي
جڏهن پنهنجو آواز ڏيندي مان ٿي پيڪوڙيائين
۽ پوءِ جيئري جاڳندي ڪا شيءِ
۽ جيئرو جاڳندو آواز!

"مان پراڻهين پنڌ کان آئي آهيان!
جبلن جي اڪ ڪان هن جسم کي لڪائي
هوريان هوريان آئي آهيان
سڌ اٿم تہ تنهنجي دل آباد آهي
پر ڪٿي ويران اڪيلي ڪا جاءِ منهنجي لاءِ آهي"

"ويراني ڏاڍي آهي پر تون..."
چرڪي مون چيو:
"تون جلاوطن... نہ، ڪا جاءِ ناهي
مان چوان ٿي، ڪا جاءِ ناهي تولاءِ
هي منهنجي مٿان منهنجي مالڪ جو حڪم آهي."

۽ پوءِ جڏهن سموري اونده ڏکي وچي ٿي
هوءِ پوئتي وري
پر وڃڻ کان اڳ ڪجهه ويجهو آئي
۽ منهنجي وجود کي هڪ پيرو ڇُهيائين
هوريان
ايئن، جيئن ڪو وطن جي مٽيءَ کي ڇهندو آهي.

# ڪُتو

ڪئين ورهين جي ڳالهه آهي

جڏهن تون ۽ مان وچڙياسين
ڪو پڇتاءُ ناهي
رڳو هڪ ڳالهه
ڪجهه سمجهه ۾ نٿي اچي

تو ۽ مون جڏهن موڪلايو پئي
۽ اسان جو گهر وڪامي رهيو هو
رڌڻي جا خالي برتن اڱڻ ۾ پيا هئا
شايد منهنجي يا تنهنجي اکين ۾ ڏسندي
ڪي اُبتا ۽ ٽيا پيا هئا
شايد منهن لڪائي رهيا هئا

دروازي تي هڪ ول هئي، ڪُومايل ڪُومايل
شايد مون کي ۽ توکي ڪجهه چئي رهي هئي
يا پاڻيءَ جي نلڪي کي طعنو ڏيئي رهي هئي

اهو سڀڪجهه ۽ اهڙو ئي
ڪڏهن ياد نٿو اچي
رڳو هڪ ڳالهه ڪجهه گهڻو ياد ايندي آهي
ته هڪ گهٽيءَ جو ڪُتو
ڪيئن ڪجهه سنگهندو
هڪ خالي ڪمري ۾ گهڙي ويو
۽ ڪمري جو در ٻاهران بند ٿي ويو

پوءِ ٽيئن ڏينهن
گهر جو سودو طئه ٿي ويو
۽ ڪُنجيون ڏيئي اسان نوٽ ورتا
نئين مالڪ کي ڪُلف جڏهن حوالي ڪَياسين.

۽ هڪ هڪ ڪمرو ڏيکاريو سين
نہ هڪ ڪمري ۾ انهيءَ ڪتي جو لاش هو...

مون ڪيس پونڪندي ڪڏهن نہ ٻڌو
رڳو سندس بوءِ سنگهي هئم
۽ اها ئي بوءِ اچا بہ اوچتو
مون کي ڪيترن ئي شين مان ايندي آهي.

## مات جي سازش

رات سمهي پيئي آهي
ڪنهن انسان جي ڇاتيءَ ۾ ڪات هڻيو آهي
هر چوريءَ کان پيانڪ
اها سپنن جي چوري آهي

چوريءَ جا نشان ـ
هر ديس جي هر شهر جي
هر سڙڪ تي موجود آهن
هر ڪا اک ڏسي نٿي، نہ ڇرڪي ٿي
رڳو هڪ ڪتي وانگر هڪ زنجير ۾ ٻڌل
ڪنهن وقت ڪنهن جو ڪو نظم پونڪي ٿو.

## هڪ ملاقات

ڪيترن ورهين کان پوءِ اوچتو هڪ ملاقات
اسان ٻنهيءَ جو جسم هڪ نظم وانگر ڪنبيو...

سامهون سموري رات هئي
پر اڌ نظم هڪ ڪنڌ ۾ سميٽيل رهيو
۽ اڌ نظم ٻيءَ ڪنڌ ۾ سميٽيل رهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پوءِ صبح ساجهر
اسان ڪاغذ جي ٽڪرن وانگيان ملياسين
مون پنهنجي هٿ ۾ هُن جو هٿ جهليو
هُن پنهنجي ٻانهُن ۾ منهنجي ٻانهن ورتي

۽ پوءِ اسان ٻئي هڪ سنسر وانگر ڪلياسين
۽ ڪاغذ کي هڪ ٽڏي ميز تي رکي
انهيءَ سموري نظم تي ليڪ ڏيئي ڇڏيسين.

## ويراڳ

عرصي کان هڪ ڳالهه هلندي آئي هئي
ته وقت جي طاقت رشوت ڏيندي هئي
تاريخ کان لکي تاريخ جا ورق خريد ڪندي هئي
هوءَ جڏهن به گهُرندي هئي
ڪجهه سٽون بدلائيندي هئي ۽ ڪجهه مٽائيندي هئي
تاريخ ڪِلندي رهي ناراض ٿيندي رهي
۽ هر تاريخدان کي هو معاف ڪندو رهيو
پر اڄ هو ڏاڍو اُداس آهي
سندس هڪ هٿ انهيءَ جو جُلد ڪٽي
ڪجهه ورق ڦاڙي
انهن جي جاءِ تي ڪجهه پيا پنا سِبي رهيو آهي
۽ تاريخ ـ مانڙي ڪري انهن ورقن مان نڪري
هڪ وڻ جي هيٺان ويهي
سگريٽ پي رهي آهي...

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ترلوڪ سنگهه آنند

پنجابي (ڀارت)

## سفر کان پوءِ جو سفر

هڪ سپني جو سفر ته
اسان طئه ڪري ئي آيا آهيون
بيحد حقيقت جي واديءَ ۾
اڄ، اسان ٻئي مڙئي اچون
هاڻي هن گهر جي هوا ۾ آهي
اڄ اسان ٻئي گڏجي
نئين سر
هِن گهر کي سجايون

گهر جي ڀاتين کي ڪارنهن جو ليپو ڏيون
ڊُڪيل سگريٽ مينٽل پيس تي رکي
اُن تي ايش ٽري اُبتو رکون
۽ ميڻ بتيون ٻاري
ڇت کان هيٺ لٽڪايون
فرش جي بلڪل وچ تي
پنهنجا گندا پنل ڪچا
سڪڻ لاءِ وجهون

جنهن آئيني جو پاڻي مري چڪو هجي
اهو
ڪمري ۾ لٽڪايون
اُن ۾ پنهنجا چهرا پسون
پوءِ ڏسون اسان هڪ ٻئي کي
ڪِلون ۽ شرمايون

●●●

---

ڊاڪٽر ترلوڪ سنگهه آنند(Dr. Triloksingh Anand): پنجابيءَ جو سهيوڳي شاعر ۽ ڪهاڻيڪار. هڪ شعري مجموعو 'اِڪ بيان حلفيه' شايع ٿيل. پنجاب يونيورسٽي پٽيالا ۾ پنجابيءَ جو اُستاد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جگتار

پنجابي (ڀارت)

## پولار ۾ ڦهليل هٿ

هوا سان ڪريل ميوي وانگر
تون جڏهن مونکي مليئن ۽
تڏهن ايئن لڳو هوم
ڄڻ سڀ رتون منهنجي مُٺ ۾ هيون

وقت هو ڪاٺ جو گهوڙو
۽ ڏينهن پاڻي- ڦوٽن جهڙا
سرسبز کيتن ۾ چرندڙ اُٺ مون کي
گلن جون وليون لڳا هئا.
بنا پنن جي ٽارين تي ڪُلندڙ اکيون
سائي برسات ۾ اٽڪيل بوندون لڳيون هيون
ٽانڊاٽا لفظ لڳا هئا،
پوپٽ- ٻول جهڙوڪر تنهنجا هئا

مان پنهنجي مرضي پٽاندر
مُٺ کوليندو هئس جنهن ۾ سڀ بند هوندو هو
جڏهن تون اکيون ٻوٽي ڇڏيندي هئين ۽
ته مان مُٺ بند ڪري ڇڏيندو هوس

جگتار(Jagtar): مشهور پنجابي شاعر، گيتڪار، غزلڪار. ڪئين شعري مجموعا شايع ٿيل. اردو- فارسيءَ جو ڄاڻو. اسڪول ۾ پڙهائڻ کان پوءِ ڇهن سالن کان گورنمينٽ ڪاليج هوشيارپور ۾ پنجابي شعبي سان وابسته. پاڪستان جي پنجابي ساهت تي ڪم ڪري چڪو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ءِ جذهن هڪ ڏينهن
هوا ۾ اڏرندڙ پن وانگر
تون هلي وئينءِ ۽ نه موٽئينءِ
لڳو هو مر ته منهنجي مُٺ ۾
نه موسم آهي، نه سج.

سڪل وڻ تي ساروٽي ٻڇي
لٽڪيل اڪ وانگر هاڻي ته
مان هڪ مسرت پري اڪ آهيان،
پولار ۾ ڦهليل هٿ آهيان

هوا گذريل وقت جي ياد آڻي
جسم مان اٿين گذري تي
جيئن ڪو پکي سُرنگهه مان پيچي نڪري.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُرجيت پاتر

پنجابي (پارت)

### ٻالھ ٻولھ

منھنجي لاءِ صليب ناهيندين، يا رباب
سائين! يا هيئن ئي مان بيٺو رهان ساري ڄمار
ناهيندو رهان پنن ۾ موسمن جو حساب ڪتاب
سائين، ڪو ته ڏي جواب

مون کي ڪهڙي سُڌ،
مون کي ناهي فرق
مان ته پاڻ آهيان هڪ وڻ
تون هيئن ڪر، اڄ جي اخبار ڏس

اخبار ۾ ڪجھ ناهي، ڪِريل پن آهن

پوءِ ڪو ڪتاب ڏس
ڪتاب ۾ ٻج آهن

ته پوءِ سوچ، سوچ ۾ گھاءُ آهن
ڏندن جا نشان آهن،
واٺڙن جي پيرن جا نشان آهن

---

سرجيت پاتر(Surjeet Patar): نئين پيڙهيءَ جي سهيوڳي پنجابي شاعر، غزلڪار. 'هوا وچ لکي حرف' غزلن جو مجموعو شايع ٿيل. لڌياڻه ۾ پنجاب ائگريڪلچر يونيورسٽيءَ ۾ پولي، ساهت ۽ ڪلچر جي شعبي سان وابسته.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا منهنجا نَهن، جيڪي پنهنجي بچاءَ لاءِ
ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ ۾ کوڙيا هئم

سوچ، سوچ ۽ سوچ ــ سوچ ۾ قيد آهي
لڳي ٿو ڌرتيءَ سان ٻڌل آهيان مان

وڄ، وڃي ٽُٽي پئو.

ٽُٽي ٻه ڇا ٿيندو؟ هڪ ئي ته ڪائنات آهي
وڻ نه ته رک سهي، رک نه ته ريتي سهي
ريتي نه ته ٻاڦ سهي

ڇڱو ٻوءِ مات ڪر

مان ڪڏهن ٿو ڪچان،
هي ته منهنجا خط آهن
ــ هوا ۾ لُڏن ٿا!

●●●

## ويرسنگهه

پنجابي (ڀارت)

# بکاريءَ جو ڪشڪول

۽ مون پنهنجي من کي بکاريءَ جو ڪشڪول ڪيو
در در تان علم جي ڀيک پنيم؛
علم جي گهرن تان جيڪي ٽُڪر مليم
تن سان پنهنجو پيٽ ڀريم
ڏاڍو ڏڏو ٿيو.
ڪنڌ ايمان وڃان اُپو ٿي ويو،
مان وڏو عالم ٿي ويو هوس.
بادلن تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪيم،
پر ڌرتيءَ تي ئي ٿابڙجي پيس.
هڪ ڏينهن پنهنجي مرشد وٽ حاضر ٿيس
۽ پنهنجو ڪشڪول ڪيس پيش ڪيم.
”گند،“ هن چيو، ”گند“
۽ اونڌو ڪري ڇڏيائين
منهنجا ميڙيل ٽڪر سڀ اُڇلي ڇڏيائين،
واريءَ سان ڪشڪول ماجي
پاڻيءَ سان وڇيري
علم جي گند کان پاڪ صاف ڪري ڇڏيائين.

●●●

---

ويرسنگهه(Veersingh): جنم 1872ع ۾ امرتسر ۾ ٿيس. ڪيس جديد پنجابيءَ جو ابو مڃيو ويو آهي. اڻويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ وارن ڏهاڪن ۾ ساهت جڳت ۾ داخل ٿيو. سندس اٺ شعري مجموعا ۽ چار ناول شايع ٿيل آهن. انهن ڪتابن کان سواءِ هن سوانحي ۽ عالماڻا ڪتاب پڻ لکيا آهن. سندس ادبي خدمتن جي موٽ ۾ سندس ڪتاب ”ميري سائيان جيئو“ تي کيس 1955ع ۾ ساهتيه اڪادمي طرفان ايوارڊ سان نوازيو ويو. سندس ديهانت 10 جولاءِ 1957ع تي امرتسر ۾ ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# امرجيت ڪونڪي

پنجابي (ڀارت)

---

## هل ته گهر موٽي هلون

هر روز ٻارن وانگر ضد نه ڪبو آهي
هل ته گهر موٽي هلون

ڏس ننڊ ۾ آهن روڊ تي روشنيون ـ
سُتا پيا آهن سڀ فُٽپاٿ
رات جي حَوسي عورت لاهي رهي آهي
تهه در تهه پنهنجو ريشمي لباس
ڪنهن جي ڪوچ ۾ آهين تون
روڊ اندر روڊ، اونداهي اندر اونداهي
ڪجهه به نه موٽندو هاڻي
هل پٿرن سان پريت لڳاءِ...
.....
.....
.....
اڪيلو ڇڏي ڏي مون کي تون موٽي وڃ
مان به موٽي ايندس ڪڏهن نه ڪڏهن
ثابت يا اڌورو

انهن ڪتي به نه پڇي سگهندڙ رستن ڪان بچي

---

امرجيت ڪونڪي (Amarjeet Konke): پنجابي زبان جو مشهور شاعر. تعليم: ايم. اي. 'دائريان دي قبر وچون'، '1986ع کي چوٽوين ڪوِتا' ۽ 'نرماڻ کي تلاش' شايع ٿيل. لڌيانه ۾ اُستاد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي جيڪا منهنجي اندر ۾
هڪ مسلسل لڙائي جاري آهي
مون کي ناهي خبر
انهيءَ جو ڪير هيرو آهي
ڪيروليئن
ها زخميو هر پيري مان ئي آهيان
گهمسان جي انهيءَ لڙائي ۾
.....
منهنجن پيرن ۾ ڪو چڪر آهي
مون کي نه گهر ۾ چئن آهي
نه ٻاهر آرام
گهر وڃان ٿو ته بيزار ٿي موٽي اچان ٿو
پرائي شهر ۾ بي سبب دير تائين رستن سان
چنبڙيل رهان ٿو

يادن ۾ جيڪي پراڻا پاڇولا خاموش ڦرندا آهن
انهن ٿڪل نظرن لاءِ مان ڇانوَ بڻجي نه سگهيس
ڇانوَ بڻجي سگهيس ٿي –
پر تڏهن گهر جي ڇت ٽِمندي هُئي
ڇانوَ ٿي سگهان ٿو
پر پير ويڳاڻن روڊن ۾ ڦاسي ويا آهن.
روڊن چار اُٺي
پيرن کي غلط جوڙ ۾ وجهي ڇڏيو آهي.

پوڙهي ٻيءَ، جڏهن چاهيو
ته مان وٽس ويهي
ڍنگ جي ڪا ڳالهه ڪريان
ته ڪيس مهيني ڪان پوءِ ڏنل

ڪُجهه رڀين جي آڪڙ ۾ گهيرجي
ڏيان پنهنجي ۾ مست رهيس
امان چاهيو ـ رڌڻي ۾ ويهي تازي ماني ڪارائڻ
۽ مان
لُڙڪن جي ڇُلَه جي دونهين ۾ لڪائي ڳڙڪائيندو رهيس
سادي سبزيءَ سان گڏهه
رولاڪي پيرن ۾ پيري
مان مانيءَ جي ڳولا ۾ رهيس
ماني ملي تہ
مؤت جي فلسفي ۾ گهيرجي ويو آهيان

منهنجي مٽيءَ ۾ وهندڙ نديون
ڏارين جي پُلين هيٺان گذرن ٿيون
انهن جي ڇل ڇل منهنجي ناهي

مون وٽ پنهنجي ويراني باقي آهي
يا پنهنجي آڪاش جي سج مون وٽ آهي

منهنجي جهنگ ۾ هر هر جيڪي نالا گونجن ٿا
انهن جو عنوان ڪڏهن مون وڃائجي ويل جي تلاش نہ رکيو.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارنيسٽ ٽولر

جرمن (جرمني)

## جيئڻ جي نالي

ڪُندن توکي نٿو سونهي
۽ نہ تي سونهي توکي دير
توکي جيڪا وراثت ملي آهي
لٽڙيل آهي رت سان
وهيو آهي جيڪو تنهنجي پيءُ جي دل مان...
پريل گلو
تڪي ٿو راهہ ـــ توهان سين جي
وقت جو تمام ڳورو بار
توهان جي سِرن تي اڃي ٽنو آهي
کولي ڇڏيو طاق
بند آهن ڪپاٽ
چمڪندڙ صبح جا!

●●●

ارنيسٽ ٽولر: 1893ع ۾ ڄائو. جرمن زبان جو شاعر ۽ ناٽڪ ڪار. پهرين عظيم جنگ ۾ ڦٽجي پيو. سماجوادي خيالن جوا ثر ٿيس. 1939ع ۾ خودڪشي ڪيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## يُوڪيو مِشيما جاپاني (جاپان)

# هڪ نظم جي پڇاڙي

هر سانجهي پنهنجي دريءَ ۾ بيٺو مان
عجيب حادثن
اَپسوڻن جي آشا ڪريان ٿو
هڪ ريتيهاڻو واچوڙو
ڳلين ۾ گهمريون کائيندو رهي ٿو
۽ رات جو
ست رنگو جهولو جهولڻ لڳي ٿو...

●●●

يُوڪيومِشيما (Yukio Mishima): 1925ع ۾ ٽوڪيو ۾ جنم. سندس اصل نالو Kimitake Hiraoka هو. ڪيس اولهه جي روايت جو جپان جو جديد ناول نگار مڃيو وڃي ٿو. ونس هڪ لحاظ کان قديم ۽ جديد سهيوڳي ادب جو امتزاج مليو ٿو. ڪيس عام طور تي جپان جي 'گم ٿيل پيڙهيءَ' جي آواز طور سڃاڻپ حاصل آهي. جپان جي هن ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ فلمساز پنهنجين تخليقن ۾ خودڪشيءَ کي اوپاريو آهي ۽ نيٺ 1970ع ۾ پاڻ به خودڪشي ڪيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جوليئس فيوچڪ

چيڪ (چيڪ)

---

## هڪ جيل ڊائري- هڪ نظم

ڪنن ۾ آواز ٻُري ٿو-
جڏهن سج جي گرمي ۾ تارن ڀري چانڊوڪي
اسان وٽان لنگهي وڃي ٿي- لنگهي وڃي ٿي
تہ آئنما ڪيڏو نہ خوشيءَ وچان اُڏامي ٿي.
اوچي آسمان ۾ - ڪليل آسمان ۾
جتي رات جي اونداهي نٿي هجي
رڳو ڏينهن جو اُجالو ئي هجي - رڳو اُجالو...
ہ شخص ڪٿي اهو موت جو گيت پيا ڳائين
پر اُتي رڳو اُهي آهن: ۽ مان.
اي معزز لوڪو! مان اڃا مئو ناهيان، جيئرو آهيان
مون کي هينئر نہ دفنايو،
اهي منهنجو آواز ٻُڌي نٿا سگهن
ڇا مان سچ پچ مري ويو آهيان؟
ڇا منهنجو جسم ائين ئي اونڌو پيو هوندو
۽ مان پنهنجو پاڻ کي دفنائجندي ڏسندو رهندس؟...
منهنجي ڪوٺڙيءَ کان ٻاهر جرمن سنتري گهمن پيا
۽ ٻاهر ڪٿي سياستدان ويساهہ گهاتيءَ جا ڌاڳا اُٽين پيا.

---

جولينس فيوچڪ(Julius Fuchik-1903-1943): هي صحافي ليکڪ 1903ع ۾ ڄائو هو. سياسي نظرين جي ڪري، ڪيترا ئي ڀيرا جيل ۾ وڌو پيس. 'جيڪوسلوواڪيا تي نازين جي حڪمراني دوران 8 سيپٽمبر 1943ع تي ڪيس گولي هڻي ماريو ويو. "ڦاسيءَ جي تختي تان" جيل جي ادب جون اهي سارونيون آهن، جيڪي هن ڦاسيءَ جي تختي جي ڇاتوَ هيٺ لکيون هيون، جيڪي سندس موت کان پوءِ گڏ ڪيون ويون. جتي هو هڪ مفڪر هو اُتي ڌرتيءَ سان پيار ڪندڙ هڪ شاعر بہ هو. سندس نثر بہ نظم جهڙو گهرو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن جون اکيون ڪولڻ لاءِ ڪيترين صدين جي ضرورت ٿيندي؟
اڳيرو ٿيڻ لاءِ انسان جيلن جون ڪيتريون ڪوٺڙيون پار ڪري چڪو آهي.
۽ ڪيتريون اڃا پار ڪرڻيون اٿن؟...
بهادرن جي خاندانن جا خاندان ماريا ويا آهن
انهن مان ڪنهن هڪ کي پيار ڪرڻ لاءِ چونڊيو
انهن لاءِ نيڪ انهيءَ ماءُ کي محسوس ڪجو
جيئن توهان ڪنهن انهيءَ وڏي ماڻهوءَ لاءِ محسوس ڪيو هجي...
جيڪو مستقبل جيَ ساڏنا ۾ جيئرو رهيو هجي...
اهي، اڄ رات منهنجي ڳُستينا کي
گيهلينڊا پولنڊ وٺي ويندا
غلاميءَ لاءِ، ٽائيفس سان مرڻ لاءِ.
هر روز سانجهيءَ جو مان
هن جا سڀ کان پيارا گيت ڳايان ٿو.
نيري نيري ڳاهه جا گيت، گوريلن جا گيت
۽ انهيءَ قزاق ڇوڪريءَ جا گيت،
جيڪا پنهنجي مڙس سان گڏ
آزاديءَ جي ويڙهه وڙهندي مارجي ويئي...

●●●

# تصوير

جنهن کي مان هر هر پيئان ٿي
جنهن ۾ ٻُڏي گم ٿي وڃان ٿي
رت جو هڪ ڍُڪ آهي دوست
ڏينهن جو هڪ پهر آهي دوست.

جڏهن اها رت جي هڪ بوند
تنهنجي پگهر سان ملي وڃي ٿي
تڏهن لوهه جهڙي منهنجي سگهه
پاڻي وانگي وهي وڃي ٿي

اها لوپ کهڙو آهي دوست
جڻ جبل جي اوٽ ۾
رات جو
باهه جي هڪ سرخ جيڀ
پاڻيءَ جي ڦوٽي جهڙي هلڪي
چپ چاپ وسامي وڃي ٿي
جڻ هي پورو چنڊ
اٿين ٽيو هجي جيئن ڪا بيمار عورت.

---

پدما سچديو(Padama Sachdev): جنم 1940ع، ڄمون. ڊوگريءَ جي مشهور شاعرا. هنديءَ ۽ اردوءَ ۾ به لکندي آهي. ڊوگريءَ ۾ ڇهرئين شعري مجموعي 'ميري ڪوِتا ميري گيت' تي 1971ع جو ساهتيه 'اڪادمي جو انعام مليل. 'گوديري'، 'تهيريان گليان'، 'توي تي چنهان'، 'پوتا پوتا نبل'، 'اُتر بهيني'، 'ديوانخانه'، 'متواتر' (ملاقاتون) 'سُبد ملاوا' ڇپيل اٿس. اڳ ۾ آڪاش واڻيءَ سان وابسته. هاڻي دهليءَ ۾ رهي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ کهڙي باهه آهي دوست
جيڪا ڪنهن اهڙي جهنگ ۾ لڳي آهي
جنهن جي سڙي وڃڻ جو
ڪنهن کي افسوس ناهي
وسنديءَ ۾ رڳو ايترو چوپول ٿيو
ته جبلن ۾ باهه لڳي آهي.
اڄ رات ڏاڍي گرمي ٿيندي.

هيءَ عشق کهڙو عشق آهي دوست
جنهن جو ڪٿي ڪو ذڪر نه ٿيو
جڻ ڪنهن ويراني ۾
هڪ هرڻيءَ جي گهر
ڦريون لال اکيون ڪوليندو آهي
پنهنجي پاڻ کان ڀڄندي
ڪوئي ريبدار
پنهنجي پاڻ کان پڇندو هجي

لوپ اکين ۾ ايئن
وجهي رهيو آهي
جڻ ڳاٻي کان پري رکيل ڳٽون جي
اکين ۾ ڪير
ڳاٻي کي سڏي رهيو هجي
هڪ نئون اڪيلو بادل
سڄ لهڻ کان اڳ (ڏسڻ ۾ اچي)
سوڙ جي سرخ ململ جهڙو!

لوپ اهو
غفائن ۾ پَليو آهي
نشو نشي ۾ پڏي ويو آهي
تنهنجي پيار ۾ منهنجي رت جو هيءَ رنگ

ٻاڙهو تي ويو آهي
رت جو هيءُ ڏُک اهو رنگ آهي، جنهن ۾
پنهنجون آڱريون ٻوڙي ٻوڙي
غفا جي ديوار ديوار تي
مون هڪ تصوير ٺاهي آهي.

## گناهه

سچ ڪي چئو اڄ نه اُڀري
روشنيءَ ڪي به پاڻ سان ڪنيو وڃي
اونداهي ٽيڻ ڏي
ڇو ته روشنيءَ ۾ گناهه نٿو ٿي سگهي
۽ مان اڄ گناهه ڪرڻ چاهيان ٿي.

ها، اهو گناهه آهي
اکيون ٻوٽي انهن سيني راتين تي پيهر هلڃ
جيڪي ختم ٿي چڪيون آهن

اکيون ٻوٽي اهي سڀ چهرا ياد ڪج
جن جا چهرا هاڻي متجي چڪا آهن
اکيون ٻوٽي وري هڪ پيرو
هن ڪي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ چئج
جيڪو پٿر آهي
پراڻو پيرآهي
۽ خزاني تي ويٺل نانگ آهي!

## همٿ جي گهڙي

اسان جي ٽڪريءَ جي ساڄي پاسي
هڪڙو ڪوهه آهي
اجرو ۽ تار

گدريل ورهيه
اونهاري ڪيس انبن جي ٻور سان
ڍڪي ڇڏيو هو
جنهن هڪ گابي کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو هو
گابو منجهس ڪِري پيو ۽ مري ويو
اُن ڪان پوءِ
ڪوبه انهيءَ کوهه جو پاڻي ڪونه پيئي

رات جو
چورن وانگي
مان سنان ڪندي آهيان
ٻُڪ ۾ پاڻي پيئندي آهيان
پر نڪي سِڪ گهٽجي ٿي
نه اُڃ اُجهامي ٿي

کوهه جي گهري اوندهه ۾
اُڪنڊ پريا پاڇا
انهن ڪُنوارين جي اوسيئڙي ۾ آهن
جن رسي اٽڪائي ڦاهو کاڌو هو
پر ڪڏهن پاڻي پرڻ لاءِ
واپس نه وريون

کوهه جي اونداهي
انهيءَ گهڙيءَ جي اوسيئڙي ۾ آهي
ته سيني جي سامهون
منهنجا هٿ
ڪڏهن ٽا پاڻي پيئڻ لاءِ
ڏانهس وڌن.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مڌوڪر

ڊوگري (ڀارت)

## آئينو

ڪير ٿو جهاتي پائي آئيني ۾
ڪنهن جو عڪس آهي اهو؟
منهنجو؟
نه، مان نٿو ٿي سگهان،
مان گياني، داني، پراڪرمي
دنيا جو سچو اُپڪاري
اهو منهنجو عڪس ناهي

هي ڪوچور، لُچو
ڌاڪو حملہ آور آهي
هي بي رونق - ڪارو چهرو
(پر)
هن ڪمري ۾ مان ٿي اڪيلو
پوءِ هي ڪير جهاتي پائي ٿو
آئيني ۾؟
ڪنهن جو عڪس آهي هي؟
منهنجو؟
نه، مان نٿو ٿي سگهان.

---

مڌوڪر(Madhukar): ڊوگري زبان جو شاعر. انيڪ رچنائون ۾ ترجما شايع ٿيل. انيڪ صنفن ۾ لکندو آهي.
ڪجھ رچنائون هنديءَ ۾ شايع ٿيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي اک جي اشاري سان
روز هڪ نئون اتهاس لکيو ويندو آهي
منهنجي هر وک تي منزل آهي
مان بي غرض، بي لاڳ،
شاعر، ليکڪ
سموري دنيا مون کي مڃي
هي منهنجو عڪس ناهي
هي ڪو دوکيباز، ٺڳ
ڪوڙو، گوسڙو
جنهن جي اکين ۾ چالاڪي
ڏسجي ٿي
(پر)
هن ڪمري ۾
مان ئي اڪيلو
پوءِ ڪير تو جهاتي پائي
آئيني ۾؟
ڪنهن جو عڪس آهي اهو؟
ها (شايد)
هي آئينو ئي ميرو آهي
ڏي هن آئيني کي ڏوئي ڇڏيان
پر ٻُڌ ته
ڇا پيو چوي هي ـــ
مون کي ڏوئڻ کان اڳ، پنهنجي دل کي ڏوءِ!
●●●

# ايرِڪ اسٽِي نَس

ڊئنش (ڊينمارڪ)

## ڪانڊيرو

تنهنجي چمڙيءَ جون اکيون
تنهنجي جسم جي روشنيءَ جو وسيلو
تنهنجي پاڇي جي ملڪيت ڪي ماپين ٿيون
تنهنجو هڳاءُ
ڏُونهين ۾ پٽر تي
ليڪو ٿو پائي

چٽيءَ سان هيءَ عورت
ڻ هلندڙ وڻ!

## ڪالوني

ستن ورهين تائين
مقدر اسان ڪي
ظُلم اسان ڪي ڏڪائيندو رهيو

سَتن ورهين تائين،
اسان ۾ ايتري همت نہ هُئي

---

ايرڪ اسٽي نس (Eric Stinus): جنم 1934ع. ڊئنش ٻوليءَ جو شاعر، سفرناما لکندڙ نقاد ۽ مترجم. دنيا گهميو آهي. هن حڪمت، پريمچند، خوشونت سنگهه ۽ سيتا ڪانت مهاپترا کي ڊئنش ۾ ترجمو ڪيو آهي. سندس سفرناما 'The Sun From Behind' ۽ 'Darkness Over Akropolis' مشهور آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ٻرندڙ واهڻن جي چوڌاري
ڦيرا ڏيئي افسوس ڪريون

ستن ورهين تائين
آسمان ۾ تارن
ماڻهن جي دعائن بند ٿيڻ جو
انتظار ڪيو

ستن ورهين تائين
ملڪ کي بک نپوڙي ڇڏيو
۽ ڊپ ۾
بڪايل وسري ويا

۽ هاڻي
گهاٽي جهنگ مان
گجگوڙ جا آواز پيا اچن
هڪ تير ـ
هڪ ترڪش
زمين ۾ پوکجي چڪو آهي.

●●●

# ماريا گياڪوبو

ڊئنش (ڊينمارڪ)

## زبان

پر ماڻهو-
(جتي ماڻهو آهن)
ماڻهو خوشيءَ وچان رڙيون ڪن ٿا
جڏهن ڪين
اسيمبليءَ جي عمارتن ۾ سڏيو وڃي ٿو
ماڻهو ٻُڌن ٿا
۽ ڪجهه به نٿا سمجهن
ڇو جو هُو جيڪا زبان ٻڌن ٿا
اُها اُنهن جي پنهنجي زبان ناهي
ماڻهن جي زبان
چوي ٿي ماني
مانيءَ کي
۽ شراب کي
چوي ٿي شراب
پر اُهي شراب چون ٿا
جنهن مان مراد اٿن 'غلامي'
اُهي ماني چون ٿا

---

ماريا گياڪوبو (Maria Giacobbo): اٽليءَ جي ليکڪا، نيورو، سارڊينيا ۾ جنم ورتو، خاص ڪري پنهنجن ناولن جي ڪري مشهور آهي، جن تي ڪيس ڪيترائي ايوارڊ مليا اٿس، جن مان 'Premio Vio-reggio Opera Prima (1957) ۽ Villa San giovanni' (1967) مشهور آهن. هوءَ 1958ع کان ڊينمارڪ ۾ رهندي اچي ۽ سندس شاعريءَ جا ٻه مجموعا ڊئنش ٻوليءَ ۾ ڇپيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ جنهن مان مراد اٿن ’غربت‘
اُهي ماني ۽ شراب چون ٿا
جنهن جي معنيٰ آهي لذت

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جوزف سيمئن ڪاٽر جونيئر

ڊئنش (ڊينمارڪ)

### ۽ تون ڇا چوندين؟

پاٽرا، اچ!
هل تہ خدا ڏانهن هلون.
جڏهن سندس اڳيان بيهنداسين
تہ مان کيس چوندس:
"اي مالڪ، مان نفرت ڪريان ڪين
هُو مون کان نفرت ڪن
مان ڪنهن کي ايذايان ڪين
هُو مون کي ڇهبڪن سان مارين
مان ڪنهن جي ٻني تڪيان ڪين
هو منهنجي ٻنيءَ جي تاڙ ۾ رهن
مان ڪنهن تي چٽرون ڪريان ڪين
هو منهنجن ماڻهن تان ٺوڪون ڪن."

۽ پاٽرا، تون ڇا چوندين؟

●●●

---

جوزف سيمئن ڪاٽر، جونيئر (Joseph Seaman Cotter, Jr.) 1895ع ۾ جنم ورتو ۽ 1919ع ۾ گذاري ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## لينگسٽن هيوزُ

ڊئنش (ڊينمارڪ)

### گدو

منهنجو پوڙهو پيءُ گورو
۽ منهنجي پوڙهي ماءُ حبشڻ
پوڙهي ڪي جي ڪڏهن نِنديو اٿم
ته پنهنجا لفظ واپس وٺان ٿو

پوڙهيءَ حبشڻ کي جي نِنديو اٿم
۽ ڪڏهن ڪيس چيو اٿم
'وڃي ڏوزخ پاءِ'
ته افسوس اٿم
۽ هاڻي هُنن لاءِ دل صاف اٿم

پوڙهو پيءُ اُوچي عمارت ۾ گذاري ويو
امان لوهي پيڙين ۾ مري ويئي
مان حيران آهيان.
مان ڪٿي مرندس
مان نه گورو نه ڪارو

### ڪاري ڇوڪريءَ جو گيت

هيٺ ڏاکڻي رستي تي ڍڪسي ۾

---

لينگسٽن هيوز (Langston Hughes): جنم 1902ع ۾ ٿيس ۽ 1967ع ۾ گذاري ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(منهنجي دل نپوڙي ڇڏ)
منهنجي ڪاري محبوب کي
چوراهي تي وڻ ۾ ٽنگي ڇڏيو اٿن

هيٺ ڏاڪڻي رستي تي ٻڪسيءَ ۾
(چٽيل جسم هوا ۾ ٽنگيل)
گوري پيغمبر عيسيٰ کان پڇيم:
عبادت جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي؟

هيٺ ڏاڪڻي رستي تي ٻڪسيءَ ۾
(منهنجي دل چيپاتي ڇڏ)
پريت هڪ اگهاڙو پاڇو آهي
ڳنڍيڙ ۾ اگهاڙي وڻ جو

## آزادي

آزادي نه ايندي
اڄ، هن سال
ها!
ڪڏهن به نه ايندي
ڏاهه ۾ خوف سان

مون کي اوترو ئي حق آهي
جيترو ٻئي ڪنهن کي
بيهڻ جو
پنهنجن ٻن پيرن تي
۽ ٻنيءَ جي مالڪ ٿيڻ جو

مان اهو ٻڌي ٿڪجي پيو آهيان:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

'يلي ڳالهه پنهنجو رُخ اختيار ڪري
سياڻي ٻيو ڏينهن پيو آهي'
مون کي اها آزادي نہ گهرجي.
جڏهن مان مري وڃان
مان سياڻي جي مانيءَ تي
جيئرو رهي نٿو سگهان

آزادي
مضبوط ٻِج آهي
پوکڻ بيحد ضروري آهي
مان پڻ هتي ٿي رهان ٿو
مون کي آزادي گهرجي
بلڪل تو وانگر.

●●●

## پالي مُري — ڊئنش (ڊينمارڪ)

# مان ڪجهه به ناهيان

مان ته ڪجهه به ناهيان
پن ڇڻ جي ڀڏندڙ سج
مون ڪان منهنجو نالو ڪسي ورتو آهي.

ڪو فيصلو ڪري وٺ گهوگهيتا
تون اڃا پنهنجي گهر ۾ آهين
۽ اڃا ٻاهر

برف باريءَ ۾
ڪِلندڙ ٻار
پنهنجون ٻئي تريون ڪولي ڇڏيون
اچيون ٿيڻ تائين!

هِن اڏيءَ هينان سِٽو ٿي بيهه
پوءِ سلچي قِرُ
جتي مِلندءِ
ٽِڙيل بادام جو وڻ

سيٽيل نڪَ سان
ڪُتو ٽيليگرام پڙهي تو

---

پالي مُري (Pauli Murray): ڊئنش زبان جو شاعر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آلي وڻ جي ٽُڙ تي

بهار آئي آهي
پُسيل ٻُنڊ جي خوشبو ۾
جو اُس ۾ سَڙي پيو

ڪھڙو شھر ڇڏي
او وحشي ہوڙيندڙ بھار برسات
ڪيڏانھن ٿي وڃين ؟

ڪانءُ تيزيءَ سان اُڏريو
ڇڏي ويو
پوپيان پنن ۾
هيڪل آواز
’ڪان‘

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گلوريا سي- اوڊن

ڊئنش (ڊينمارڪ)

## باغي

جڏهن مان مرندس
تہ مون کي پڪ آهي
جنازو شان سان ڪڇندو

پر جلسُوس
اها پڪ ڪندا
تہ واقعي آئون مٿو آهيان

يا رڱو
مصيبت پيدا ڪرڻ جي
ڪوشش ڪئي اٿم.

●●●

گلوريا سي – اوڊن (Gloria C. Oden): ڊنش زبان جي شاعرا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بينجامن فيدوئِيانو

رومانيائي (رومانيا)

## هڪ سادو سودو گيت

هڪ شام جو مان هليو ويندس
چاڻ نہ اٿم تہ ڪيڏانهن پيو وڃان
۽ جي اهو وقت جنگ جو هوندو
تہ مان ماٺ جي هيٺان ائين دٻجي ويندس
جيئن ڪو مٽيءَ هيٺان دٻجي وڃي...
۽ تون شام جو ايندينءَ هميشہ وانگر
۽ هڪ سرد پاڇو ايندو توسان گڏ
پاڻيءَ ۾ ٻڏندڙ پنن جهڙو
۽ تون سڀڪجهہ سمجهي ويندينءَ...
'ڪجهہ' منهنجي سر ۾ جلندو رهندو
ڪنهن پهرين ميڻ بتي وانگر...
۽ تون ڪنهن ڪان ڪجهہ پڇي نہ سگهندينءَ
تہ تنهنجا ڳوڙها، ڪنن جا جهومڪ ۽ حسين روح
اڄ ايڏا ڳورا ڇو آهن...
بس چپ چاپ ويٺي رهج
نين راهن، نڪور لفظن کي ڳوليندي رهج

---

بينجامِن فيدوئيانو: هي رومانيائي شاعر 1918ع ۾ ڄائو هو. سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو 'لينڊ اسڪيپس' 1930ع ۾ شايع ٿيو هو، پر ادبي ڪيتر ۾ ايڏي ميڃتا نہ مليس، جنهن ڪري هو پيرس هليو ويو، جتي هو دادا وادي جي لهر ۾ شامل ٿي ويو ۽ انهيءَ نئين لهر بابت يورپ ۽ لنڊن امريڪا ۾ ليڪچر ڏيندو رهيو تہ ڪيس اُتي ميڃتا بہ مليس. اُتي هو بينجامن فادين جي نالي سان لکندو هو. فرانسيسي فوج سان وڙهندي، هي شاعر نازين جي ور چڙهي ويو ۽ کيس 1944ع ۾ گيس چيمبر ۾ مرڻو پيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شايد تنهنجي اندر
ڪجهه ٻوڙو تي ويو آهي
يا ڄڻ واڇوڙي جهڙين تيارين ۾ هجي...
پر انسان جي هڪ رڙ وانگي
مان توکي پيار ڪريان تو
۽ هر انهيءَ پٿر سان پيار اٿم
جتي بہ هڪ يهوديءَ جو نالو اُڪريل آهي...
غريبيءَ جي قبرستان ۾
ماڪيءَ جي مکين جو مانارو
جيڪو پري پٿرن تائين ڦهلبو تو وڃي...
اهو عجيب نظارو
دنيا جو مُرڙيل نقشو آهي
مان موت کان هاڻي لڪيل رهي نٿو سگهان.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مڻي مڌوڪر

راجستاني (ڀارت)

## وسنت

(1)

بوند جيترو پاڻي
ڇهنب ۾ جهلي اُت
اڏامندڙ جهرڪي
اوندهہ سان رڱي چڏيا ٻئي پک

بيزاريءَ مان ٿڌي ڪنڊائين آڪيري ۾
ڦاسجي
ڏنل وڻ
گمبڏن جي ڀنل اُداسيءَ کي
جلائي
رک ۾ بدلجندڙ
پراڻي ڏينهن جي نڙيءَ ۾ ڦاٿل ڪِل.

تازي گاهہ ۽ ساهہ ۾
ڇٽڪون پيدا ڪندڙ خوشبو
ٽنگٽيءَ تي ڪنبدڙ

---

مڻي مڌوڪر(Mani Madhukar): جنم 1942ع. هنديءَ ۽ راجستانيءَ ۾ هڪجيترو مشهور شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ناٽڪ ڪار. انيڪ هندي ۽ راجستاني اخبارن ۽ رسالن جو ايڊيٽر ٿي رهيل. دڪشڻ ساهتيہ سنگم، راجستان للت ڪلا اڪادمي، ساهتيہ اڪادمي ۽ ٻين انيڪ انعامن سان نوازيل. 'سفيد ميمني'، رس گندرو' 'پاگفيرو'، 'گهاس ڪا گهرانا'، 'پڇلا پهاڙ' ۽ 'ڪيلا پولمپورو دلاري ٻائي' خاص ڪتاب آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سايون چُنريون

هڪ هيڪل لفظ جي پويان
پٺتي
ماٺ تي وڃي ٿو
منهنجو وقت
منهنجو چهرو
منهنجي مينهن جو پاڻي!

(2)
اڃا به آهي
مڇين وٽ
ڪانچ جو ننڍڙو گهر

اڃا به
مونجهاري ۾
بيٺل آهي
اندر جو رِٽ

اڃا به گهوڙا ڊوڙ جي ميدان ۾
ڏڪي رهيون آهن
ڪِولين جون دلچسپ ٽنگون
۽ سپاهيءَ جو ٻڌاپڻ
اُس ۾ چمڪائي
ڏيکاري رهيو آهي
پنهنجيورديءَ جو نوجوان ڪَلف

سوراخن مان
پروڙ ٿي ويا آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جبلن جا سينا
۽ گولين جو آواز
ڪٿي ٻڌڻ ۾ نٿو اچي
البت ڪيسي مان ڪڍي رومال
جڏهن مان پيشاني اُگهان ٿو
تہ سيڪجهہ تي وڃي ٿو
رتو رت

اجا بہ
بند ڏاڪڻين ۾
بند ڪمرن ۾
بند نر-مادين جي
اُٻرندڙ گوشت جي بوءِ

اجا بہ ٻار ڇپي رهيا آهن
چوسي رهيا آهن
ڪپيل آڱوٺا
ٽٽل تاريون
۽ مان وهي رهيو آهيان
پنهنجي ايذاءَ جي پاڳل جهرڻي ۾

(3)
ڪجهہ بہ نہ ٿيو
اُتي ئي پاڻي آهي
اُتي ئي ڏُهڻ آهي
۽ اُتي ئي من
آڪاس جي خلاف
ڪاري ڏاٿقي ۾ ڪِريل
وقت کي پيئندو رهڻ جي مجبوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ پيالي جي شڪل ۾
بيتل سج جو لهڻ
شيشي ۾ باهه
باهه ۾ شيشو

رڳو درزين وٽ آهي
ماڻهن جي
هٿن پيرن جي ماپ
رڳو عمارتن ۾
دانهيندڙ پٿرن کي خبر آهي
پريم جي بيگار جي معنيٰ

هڪ عياشي پريل ڪورس
ڳولي رهيو آهي
وهنجڻ جي جاين ۾
سويمور جا اڇا داغ
۽ دريا جا گل

ڪجهه به ٿيو
صوفي تي ڏوڙ ڪٽي
چڙهي ويئي بيهودي ڳالهه ٻولهه
۽ مان انهن وچ ۾
هڪ ڪورٽيڙي جي چار ۾ قاتل
سنهڙن جي
آخري بنسريءَ کي
تڪيندو رهيس، رڳو!

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چندر پرڪاش ديوَل
راجستاني (ڀارت)

## وصيت

هن پڇاڙيءَ جي وقت
اڄ منهنجا پٽ
منهنجي پرسان ويهه

ساري سنڀالي ڏيان تو کي
پنهنجي سموري وراثت

هيءَ عينڪ
هيءَ ڇٽي
هان وٺ! سنڀالِ اهي اڌورا سپنا
۽ اُهي پيا اٿئي منهنجي پيرن جا نشان
ٻيهه ٻيهه
جتن سان هُو ٻهو سنڀالي وٺج
هيءَ منهنجي اُڃ
ها هاڻي مان مري سگهان ٿو چئن سان
منهنجي پوري ٿي وصيت وڏڙن جي

مون کي خبر آهي پُٽ

---

چندر پرڪاش ديول(Chander Prakash Deval): جنم 14 آگسٽ 1949ع. ڳوٺ گوٽيپا، اُديه پور. راجستانيءَ جو شاعر. هيل تائين شاعريءَ جا ڪيترائي مجموعا شايع ٿيل. "پاڳي" شاعريءَ جي مجموعي تي 1979ع جو ساهتيه اڪاڊميءَ طرفان انعام. جواهرلال نهرو آيروگيان يونيورسٽيءَ اجمير (راجستان) ۾ ملازمت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهرڪيون پنهنجن ٻچن کي
اک کلندي ئي
آکيرن مان ڏيئي ڇڏينديون آهن ڌڪو
شيون نہ ڏينديون آهن
نہ ڏينديون آهن عقل
نہ ڏينديون آهن پنهنجي چاڻ
ڇو جو کين خبر آهي
چِتي چِتي
تہ وٽن ناهن
نہ اُهي رکڻ چاهينديون آهن عينڪ
نہ ڇتي
نہ سپنا
نہ ئي اُچ!

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بورس پئسترنڪ
روسي (روس)

### جدائي

هُو پنهنجي گهر جي چانئٺ تي بيهي
گهر پنهنجو ئي سڃاڻي نہ سگهيو
هوءَ اصل اُڏامندي پئي وئي
بربادي پنهنجو هر هنڌ نشان ڇڏيو

ڪمرن ۾ هر هنڌ ويراني هئي
اکين ۾ لڙڪ تري آيس
کيس ڪو اندازو نہ هو
تہ ڪيتري تباهي آئي هئي

صبح کان ڪنن ۾ گجگوڙ گونجي هئي
هو سُتل آهي يا سپنو پيو ڏسي
سمونڊ جو خيال هر هر ڇوٽو اڇي
اَروڪ تي سندس من ۾

هوءَ کيس ڪيتري پياري هئي
هر ڳالهہ ۾، هر موڙ تي
ڪنارن وانگر،
جن جي گجيءَ جي سموري ليڪ
سمونڊ سان لڳل هوندي آهي

---

بورس پئسترنڪ(Boris Pasternak-1890-1960): کيس روس جو 'فطرت جو شاعر' ڪوٺيو ويجي ٿو. 1958ع ۾ سندس ناول "ڊاڪٽر زيواگو" تي ادب جو نوبيل انعام مليس. انهي ناول تي ساڳئي نالي سان فلم پڻ ٺهي، جيڪا نهايت مقبول رهي. هن روس جي اسٽالن جي دورِ حڪومت ۾ پاڻ کي شاعري ۽ ترجمن سان واڳيل رکيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طوفان کان پوءِ بنسري جو آواز ٻُڌي ويو
هن جو چهرو هن جي شڪل
روح جي گهراين ۾ گهڙي وئي

جيل وارن ورهين دوران
جيڪا زندگي سوچي به نه هئي
مون کان گهر تي ويئي
سمونڊ جي پيٽ مان آيل
تقدير جي ڇوليءَ ۾

بي انت مصيبتن وچ ۾
خوف جي پرسان گذرندي
ڇولي ڪيس ڪٺي ويئي
۽ پوءِ سچ پچ وٽس ڇڏي ويئي

۽ هاڻي، ڏس هوءَ ڪيس ڇڏي ويئي
شايد زوري
جدائي ٻنهيءَ کي کائي ويندي
پيڙا ڏند ڪرٽي سندس هڏيون کائيندي

۽ هو ڇوڏاري نهاري ٿو
جدائي جي گهڙيءَ ۾
هو پنهنجي ڇاتيءَ جا خانا
سڀ هيٺ ڪيرائي ڇڏي ٿو

هو اونداهي ٿيڻ تائين ڇوڏاري نهاري ٿو
وڪريل ٽڪرا واپس خانن ۾ وجهي ٿو
۽ اهو رستو به جيڪو هن هيٺ ڪولي ڇڏيو هو
پاڻ کي ايذائيندي
هو اوچتو سڀڪجهه ڏسي وٺي ٿو
۽ ماٺ ميٺ ۾ روئي ٿو.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نتاليا گوربنيوَسڪايا

روسي (روس)

## معاف ڪج!

معاف ڪج، معاف ڪج هميشہ
جو مان
الوداع چوڻ لائق ناهيان
منهنجا دوست

مان ترسڻ جهڙي بہ ناهيان
جو مان اُڌامر وچ ۾
رڙ ڪري يا سرد آهہ ڀري سگهان
يا پنهنجو رومال ئي لوڏي سگهان.

مان سرد آهہ نٿي ڀريان
جو مان جاڳيل بہ ناهيان
ننڊ ۾ بيٺل اوچو گاهہ
ڪيئن ٿو محسوس ڪري
يا سندس ڪهڙو سواد اٿس.

●●●

---

نتاليا گوربنيوَسڪايا (Natalya Gorbanevskaya): جنم 1936ع. ليننگراڊ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيل. 'ٽيڪنيڪل انفرميشن' جي ايڊيٽر ۽ مترجم ٿي رهيل. شهري حقن جي جدوجهد ۾ 1970ع کان 1972ع تائين جيل ۾ رهيل. سندس شاعريءَ ۾ درد، وڇوڙي ۽ اڪيلائيءَ جو عڪس ملي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بُولَت اوڪود زهاوا

روسي (روس)

### ڦوڪٽو اُڏامي ويو!

ننڍڙي نينگر روئي ٿي، سندس ڦوڪٽو اُڏامي ويو
ماڻهو ڪيس آٿت ڏين ٿا، پر ڦوڪٽو اُڏامي ويو

جوان نينگر روئي ٿي، ڪير ساٿس لاٿون لهي
ماڻهو ڪيس آٿت ڏين ٿا، پر ڦوڪٽو اُڏامي ويو.

هوءَ روئي ٿي، مُڙس ساٿس بي وفائي ڪئي
ماڻهو ڪيس آٿت ڏين ٿا، پر ڦوڪٽو اُڏامي ويو.

ڏاڏي روئي ٿي، جيون هيترو ٿورڙو
ڦوڪٽو موٽي آيو، آڪاس نيرو ٿي ويو.

●●●

---

بولت اوڪود زهاوا (Bulat Okudzhava): جنم 1924ع. آرمينيائي ۽ جارجيائي نسل جو هي شاعر روسيءَ ۾ لکندو آهي. هو پنهنجي مخصوص اسلُوب سبب سڃاتو وڃي ٿو. ڪيس غيرمعمولي ۽ اهم شاعر جي حيثيت حاصل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اولگا برگالٽز

روسي (روس)

## گيت ڏانھن

جيئن جاڳين ته جاڳ منهنجي اندر ۾
منهنجي اندر جي سردخاني ۾
بي آواز گھرائي ۾

مان لفظن جي بيک نٿي پنان
پر ڏينم رڳو هلڪو اشارو
ته جيئري ٿي پوان

گھڻو ڪٿي نه —
فقط هڪڙو پل ڏينم
نظم ڪٿي نه
رڳو سرد آھ ڏينم
رڳو هڪ دانھن يا هڪ فرياد
رڳو هڪ پٽڪو
يا رڳو ورلاپ
رڳو توکي ويڙهيل زنجير جو
هڪ ڪڙڪو

●●●

اولگا برگالٽز(Olga Berggolts): جنم 1910ع. ننگراڊ جي هن شاعرا جي شاعريءَ ۾ درد جو گهرو احساس ملي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ولادِمير ماياڪووسڪي

روسي (روس)

## مان پيار ڪريان ٿو

مون ڪي سُڌ آهي
جتي ٻين ڪي دل ٿي هجي
سيني ۾ —
جيئن سڀن ڪي سُڌ آهي
پر منهنجو وارو آيو
ته رچنا جو وڳيان پاڳل ٿي پيو
مان سمورو دل ٻڻجي ويس
۽ سموري جسم ۾ ڌڙڪڻ لڳس

## پاڻ

هميشه چمڪڻ
۽ هر جاءِ چمڪڻ
۽ انت تائين چمڪڻ
اها سج جي ڪِرت آهي
— ۽ منهنجي به.

---

ولاد مير ماياڪوسڪي(Vladimir Mayakovsky): روس جي هن شاعر 1893ع ۾ جنم ورتو. هُن روس جي انقلابي شاعريءَ جي لهر' فيوچرزم' جي اثر هيٺ قديم جي پاڙ پٽي، نئون شعور پيدا ڪرڻ چاهيو ٿي ۽ انهيءَ جي اثر هيٺ گهڻيئي نظم ۽ ناٽڪ لکيا پر تصوراتي آزاديءَ جي عمل ۾ آيل روپ مان هو مايوس ٿي ويو ۽ 1930ع ۾ خودڪشي ڪيائين.

# چَپ پوءِ ڳائيندا زندگيءَ جو گيت!

بوندن سان پنل شام
بادلن جي گهيريل پيڙ
ٿڪل ٽٽل سمهيل مزدور
ساڻ سُتي آهي ننڊن اندر جي پيڙا.
بوندن ڇيڙي پاڻ ۾ ڳالهه —
ڏس، پُراڻي گاڏي جا ڦيٿا
ڪيئن ٿا ٿاهين نٿين راهه!
ورڪا- ڊاراتون ڇَون ٿيون سپن ڪي وسار —
ڇٽن ورهين ڪان پوءِ
هن ڌرتيءَ تي ڪڙندا واڙيءَ ۾ گل.

ورڪا جون اهي ڏکيون تارون
ڪري ويون اونداهي رات
وسامي ويون آليون ڪاٺيون —
ڏيئي اُٿندڙ شعلا
ڇڏي ويون سياري جي بات.
گپ جي آلاڻ سان باهه وئي ٿڌي ٿي
ڇٽن ورهين ڪان پوءِ
هن ڌرتيءَ تي ڪڙندا واڙيءَ ۾ گل.

سُجيل ٿڌن، نيرن چپن مان اچي ٿو آواز —
سرجيندڙ انهن هٿن جي رڪٽي آهي لڄ
اندر آلاڻ پريل،
ٻاهر سوڪهڙي جو ته
جمي ويٺي آهي هر شيءِ
۽ مانيءَ ڪي ٻه گهيريو آهي ٻوڏ

جا اک چيري اوندهہ جو پردو
جنهن جو سهي نہ سگهي تاب
اها ملڪيت ڪي ڪيئن ڪندي —
اڃي ڪي ڪارو؟
پٿرن جي مُڙي تي نوڪ —
وِک وک تي جنهن رکيو آهي بارود!

تڪو، ڌرتيءَ کي چيريندو، ڪوئل وانگيان،
پوءِ گڏجي چپن تي اُبريو
توتاري جو گيت...

اي سچ!
ڌرتيءَ جي سرد اڱڻ کي ڪوسو ڪر
ٻنين جي منهن ۾ جڳمڳ چمڪ، سؤ سؤ چلهن جي.

چت پنهنجي هٿ سان چانوَ ڪندي، ڪٽوري پيريل ماني،
سونهن جي ڪُک مان هڪ دري اسان ڪولي ڇڏيون
هن تائيگي نديءَ جون لهرون
ڌرتيءَ کي ڏين ٿيون رستو
اڄ ڪا اک اونداهيءَ جا چوڙا لاهيندي
۽ مٿل ۾ پوندو ساهہ.

ڌرتيءَ جي ڇاتي ڌڙڪندي، اُبرندو هڪ شهر
سرد ويران خالي اڱڻ ۾— سونهن ڌريندي پير
مستقبل جا چپ پوءِ ڳائيندا زندگيءَ جو گيت
چٽن ورهين ڪانپوءِ
هن ڌرتيءَ تي ڪڙندا واڙيءَ ۾ گل.

●●●

# ڪانسٽينٽن ونشينڪِن

روسي (روس)

## واپسي

مڙس جنگ تان موٽيو هو
مٽ مائٽ ۽ مهمان هليا ويا هئا
نرم بستري ۾ اڳيئي ليٽيل
هو پنهنجي زال جي قدمن جي آهٽ ٻڌي رهيو هو

هُن پليٽون گڏ ڪري هڪ پاسي رکيون
جُهڪي سگريٽن جا ٽوٽا گڏ ڪيائين
ٽيبل تان ڪپڙو لاٿائين
۽پوءِ چپ ڪيائين

هن اوور ڪوٽ جي ٻانهن کي ڇهيو
۽ اُن سان پنهنجو ڳل دٻايائين
تہ اُهو لڙي پيو
پوءِ پراڻي وارڊ روب وٽان لنگهي
بتي بند ڪري
ڪپڙا لاهي ڇڏيائين

ڪانسٽينٽن ونشينڪن(Konstantin Vanshenkin): 1925ع ۾ ماسڪو ۾ جنم. 44-1942ع کان يوڪرين محاذ تي فوج ۾ نوڪري ڪيائين. 1951ع ۾ سندس پهريون مجموعو 'Song About the Guards' شايع ٿيو. سندس نظم 1965ع ۾ شايع ٿيا، جيڪي موسيقيءَ سان هم آهنگ هئڻ ڪري گهڻو مقبول ٿيا. سندس محبت جا نظم ايڏا گهرا ناهن، پر موقف جي مناسبت سان حقيقي آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# محبت جي پڇاڻي

هنن هڪٻئي کي هر طرح
خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي
هاڻي وقتي جدائي مهل
هنن پنهنجون تصويرون
هڪ ٻئي کي واپس ڪيون
جن جي هاڻي ڪا ضرورت نہ هئي.

هُن ڪيس اُهي سمورا تحفا واپس ڪيا
جيڪي هُن ڪيس ڏنا هئا ـــ
منڊي ۽ بروچ
۽ پوءِ هن اُهي سڀ ملائم خط واپس ڪيا
جن ۾ دل پڇائڻ جي قوت هئي.

جدائيءَ جي اهڙين گهڙين ۾
ٻُسين ۽ پڙاڏجندڙ پيتين وچ ۾
هنن پنهنجون ٽرافيون هڪ ٻئي کي ڏنيون
جنگي قيدين وانگر.

وري اسان هڪ ٻئي جي پاسي ۾ ويٺا آهيون
وري هڪ ٻئي جا هٿ جهليا اٿئون
پوءِ بہ تون پنهجين خالي اکين سان
ڏور ڏور گهوري رهي آهين.

" ڪتي گم آهين هينئر؟" مون پڇيو
پر تون ڪو جواب نٿي ڏين،
"تون ڪنهن سان گڏ آهين؟ تون منهنجي سوال
جو جواب نٿو ڏين"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي دانهن ۾ سڀ ڪجهه هليو ويو تو
منهنجو سمورو رنج
پر اهو سڀ اجايو آهي
جهنگل جي گهاٽاڻ ۾ جيڪي ماڻهو غائب ٿي ويا
اُهي اُڏامندڙ جهاز ڏانهن واڪا ڪن ٿا.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ائنا اخماتووا

روسي (روس)

## پڙاڏو

ماضيءَ ڏانهن ويندڙ رستا
گهڻو اڳ بند ٿي ويا آهن
۽ هاڻي منهنجي لاءِ ماضي ڇا آهي؟
اُتي ڇا آهي؟
رتهاڻا تختا،
يا سِرن سان ڇٽيل دروازا،
يا هڪ پڙاڏو
جيڪو اڃا تائين ماٺ نه ٿي سگهيو آهي
جيتوڻيڪ مان گهڻو ئي چوان ٿي...
ساڳي ڪار آهي پڙاڏي سان
جيڪو آئون پنهنجي دل ۾ کڻي هلان ٿي.

●●●

---

ائنا اخماتووا (Anna Akhmatova- 1889-1966): 1910ع کان 1920ع دوران جي شاعرن کي 'پهرين پيڙهيءَ' ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. اُهي اسٽالن ۽ لڙائيءَ وارن سالن کان پوءِ زنده رهيا ۽ 1933ع کان پوءِ ادب کي نئون موڙ ڏيڻ ۾ وڏو حصو ورتو، جن ۾ بورس پسترنڪ ۽ ائنا اخماتووا جا نالا اهم آهن. هوءَ لينن گراڊ ۾ رهندي هئي. روسي زبان جي وڏي شاعرا طور سندس نالو اهم آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اوسپ مئنديلستام

روسي (روس)

### اڇو پائرو!

اڇو پائرو! آزاديءَ جي جدوجهد جو گيت ڪو ڳايون
هي ڏنڏلو ورهيہ مهمان آهي...
رات جي تپندڙ پاڻيءَ ۾
ڄار جو جهنگ وڇايل آهي
۽ توهان- اُداس ورهين ۾ اُٿندا ڏسجو ٿا...
اي سج! اي نياڪاري! اي لوڪو!
اڇو هن ڏنڌ جا جس ڳايون
جنهن ڪي لوڪن جا اڳواڻ اکين تي ڪنيو بيٺا آهن
۽ طاقت جي ڪاري ڏُنڌ جا جس ڳايون
جن ڪي ڪٺڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.
اي وقت، تون بہ ٻُڌ! تنهنجو ٻيڙو ٻُڏڻ وارو آهي...
اسان سڀ اَپمان ٻي چڙهيا
۽ ڪين جنگي لشڪر تائين وڃي وياسين

●

هاڻي سج نٿو ڏسجي ڪٿي
۽ سيڪجهہ هڪ ڄار ۾ لٽڪي پيو جڻ
هڪ گهاٽي ڏُنڌ ۾ جهلجي پيو آهي جيئرو
سج ڪٿي ڏسجي نٿو- ۽ ڌرتي تمام ڏور وهي پيئي

---

اوسپ مئنديلستام(Osip Mendalstam): هي روسي شاعر وارسا ۾ 1891ع ۾ ڄائو هو. اسٽالن جي باري ۾ طنزيہ ۽ مزاحيہ نظم لکڻ ڪري کيس ملسڪو ۾ ڪانسينٽريشن ڪئمپ ۾ رکيو ويو، جتي 1938ع ۾ مري ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي...جتن نہ ڪريو!
ڳوڙا، ٻچڙا، رڙندڙ ونجهہ تہ هٽ ڪريو
ڌرتي وهي پيئي..مَردو، حوصلو رکو!
سمنڊ کي ڪيڙيون جيئن هر ٽا کاهيون
۾ ’لينٿي‘ جي سيءَ ۾ بہ ياد رکنداسين
تہ اسان ڌرتيءَ جي قسمت ڳڏي هئي —
پورن ڏهن بهشتن عيوض.

●●●

★ لينٿي: پاتال لوڪ جي هڪ ندي آهي، جنهن جي پاڻيءَ ۾ گڏريل ڳالهيون وسري وينديون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# موسيٰ جليل

تاتاري (روس)

## دوست جي نالي

دوست، افسوس نه ڪج ته اسان هيئن وڇڙي وياسين
ڌرتيءَ تي هر ڪنهن جي پاڳ ۾ موت لکيل آهي
هر ڪو پنهنجي ڄمار جي ورهين جي سرحد پاڻ ٺئي ڪري ٿو
پر ورهيه جيون جي گاڏيءَ ۾ ساٿي نٿا بڻجن
نه ئي ڪنهن جو جنم ڪان موت تائين جو وقت گاڏيءَ ۾
ساٿ جو عرصو آهي

سچي مقصد ڪاڻ وهايل رت سروپچن کي امر ڪري ٿو
۽ سندن مقصد کي ديوي طاقت ٿي بخشي.

## هڪ پيو نظم

منهنجي گيتن سيکاري آهي
آزاديءَ سان محبت
۽ گيت ئي سيکاريا ويندا ــ بي ڊپو موت
منهنجي زندگي لوڪ جو هڪ گيت هئي
۽ منهنجو موت، لڙائيءَ جي للڪار هوندو.

---

موسيٰ جليل(Moosa Jaleel): هي تاتاري شاعر 1906ع ۾ ڊرين برگ پرسان هڪ ڳوٺ مستافنو ۾ هڪ هاري جي گهر ۾ ڄائو. ساميه وادي سوچ رکندڙ شاعر هو. هو لڙائي ڇڙنديني فوج ۾ ڀرتي ٿي ويو ۽ محاذ تي هليو ويو، جتي دشمن جي گهيري ۾ اچي ويو ۽ تمام گهڻو زخمي ٿي پيو. مختلف جنگي قيدين جي ڪيمپن ۾ رهائڻ کان پوءِ وارسا جي جيل ۾ 1944ع ۾ ڪيس قتل ڪيو ويو. هن جيل ۾ رهڻ دوران 115 نظم لکيا، جن مان ڪجهه هتي ڏنل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دشمن ڏانهن!

قاتلو! مون کي گوڏن ڀر ڌسڻ ڏيو
سر ٽوڙ ڪوشش نه ڪريو!
اڃو! مون کي ڏيئو نه گهرجي
تنهنجو رت سان رڱيل هٿوڙو
منهنجي اک کي نه چنياڻيندو
مان ويهي نه، بيهي مرندس

●●●

# فروغ فرخزاد

فارسي (ايران)

## راتاهو

پوءِ
سج تڏو ٿي ويو
۽ دنيا مان
برڪت هلي ويئي
ميدانن مان گاهه سُڪي ويو
سمنڊن ۾ مڇيون خشڪ ٿي ويون
۽ زمين پنهنجن لاشن کي
ٻاهر اُڇلائي ڇڏيو

رات هنڌين درين ۾
لاڳيتي ڏنڌ وڏندي ويئي
پکڙبي وئي
هڪ شڪي خيال جيان
ڏکيون ۽ ڪشاديون سڙڪون
اوندهه ۾ ٻڏي ويون
گم ٿي ويون

هيڪلائي ۽ نويڪلائي جي غفائن ۾

---

فروغ فروخزاد: (Farugh Farrokhzad-1934-66). ايران جي مشهور شاعرا. هڪ فوجي ڪرنل جي ڌي. 16 ورهين جي ڄمار ۾ شادي ڪيائين. 17 ورهين جي ڄمار ۾ سندس ڪلام جو پهريون مجموعو 'قيدي' شايع ٿيو. اُن کان پوءِ 'ديوار' ۽ 'باغي' نالي مجموعا ڇپيا. 32 ورهين جي ڄمار ۾ ڪار جي حادثي ۾ وفات ڪيائين. مرڻ کان پوءِ سندس رهيل ڪلام جو مجموعو ڇپيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيڪاريءَ جنم ورتو
رت مان پينگ ۽ آفيم جي
بدبو پئي آئي
ڳورهارين عورتن
منڊيون لتل ٻارڙن کي جنم ڏنو
۽ پيينگهن شرم وچان
قبرن ۾ پناهه ورتي

۽ اُنهيءَ خاموش ۽ مرده ٽوليءَ ۾
جڏهن ڪا چٽنگ
معمولي ۽ بيڪار چٽنگ
اوچتو ئي اوچتو
پڇي پُري، پرزا پرزا ٿي وئي ته
تڏهن هنن هڪ ٻئي تي حملا ڪيا
هنن چرين ۽ ڪاتين سان
هڪ ٻئي جا ڪنڌ ڪپيا
پوءِ هو وڃي
انهن ساماڻل چوڪرين سان
رتهاڻي بستري ۾ سمهيا.

●●●

# يُو چي - هوانَ

کوريائي (کوريا)

## گُل

پن ڇڻ آئي

۽ ٻارڙا ڪٽان گلن جو ٻج ڪٺي گهر آيا
هڪ هڪ ڪري
انهن اُهي ڳٽيا ٿي، قطار ۾ ناهي رکيا ٿي
رابيل، چمبيلي، گلاب
۽ سدا بهار
هوم ورڪ کان پوءِ
جڏهن هو سمهيا ٿي
هنڌ ۾ پئي ٻجن بابت گفتگو ڪرڻ لڳا
"ڪاش! اسان وٽ اُهي پوکڻ لاءِ باغ هجي!"
۽ پوءِ جڏهن رات لٿي
۽ جڏهن ماٺس متانئن تڏو ڍڪيو
اهي ويچارا ڪومايل گل ٽڪجي سمهي پيا
ڇڻ گلن جي جُڙتو ٻاريءَ کي
ڳراٽڙي وجهي سمهي پيا هجن.

●●●

يُوچي- هوانَ (Yu ch'i-hwan) 1908ع ۾ ڪوريا ۾ جنم ورتو. سندس پهريون شعري مجموعو 1939 ۾ شايع ٿيو، جڏهن ته سندس نظم 1931ع کان وٺي رسالن ۾ ڇپجڻ شروعا ٿيا هئا. هُو نظم توڙو گنيير نثر جو مڃيل اديب هو، جپاني محاصري دوران، هن ڪيترائي سال منچوريا ۾ جلاوطنيءَ ۾ گذاريا. يُو پنهنجي لکڻ کي جاري رکيو ۽ اُن ۾ غيرانفرادي فطرت جي فلسفي کي پيش ڪندو رهيو، جنهن جو انسان حصو آهي. هُو 1967ع جي شروعات ۾ پُسان جي هڪ ٽريفڪ حادثي ۾ گذاري ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بي يُڪ - سا

ڪوريائي (ڪوريا)

---

## چوٿي

سخت سرديءَ جو ماريل
مان اجا اُتر ڏانهن ڏڪبو ويس
ڪوهيڙو، تلوار جي ڌار جهڙو، جتي مان بيٺو آهيان
خبر نٿي پوي—
گوڏن کي ڪيئن ڪوڙيان، ڪٿي ڪوڙيان
۽ برفيلي پيرن کي ڪيئن رکان، ڪٿي رکان؛
رڳو اکيون بند ڪريان
۽ خيال ڪريان ته سيارو
لوهه جو هڪ ست رنگو پينگهو آهي.

●●●

---

بي يُڪ- سا: ڪوريا جي هن شاعر جو جنم 1905ع ۾ ٿيو. پيڪنگ يونيورسٽيءَ ۾ سوشيالاجي پڙهائيندو هو. اُتيني پڪڙيو ويو ۽ 1944ع ۾ جاپاني فوجي پوليس ڪيس عذاب ڏيني ماري ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سريش جوشي

گجراتي (ڀارت)

## هِڪُ

نديءَ ڪناري گوالي جي ڇڙي
پاڻيءَ جي لهرن ۾ لُڏڻ لڳي آهي،
مٿيهاڻي پاڻيءَ ۾ ويٺل مينهن کي
هوا هٽ ڦيري رهي آهي
ڪوئل جي گونجندڙ ڪُوڪ سان
وڻ جون ٽاريون لُڏڻ لڳيون آهن،
مال هڪلڻ لاءِ نڪرندڙ آواز
اڪيلا، ويران ٿي رهجي وڃن ٿا،
پپر تي ويٺل چِهرو
هڪ اڪ ڪولي
پرهه جو پرڪاش ڏسي ڇڪو آهي،
ڪٽ چڙهيل چانديءَ جي سِڪي وانگيان
چنڊ آڪاس جي سمنڊ ۾
ترڻ لڳو آهي،
جهنگر جو آواز
انڌڪار ۾ ڦهلجي
ڳوٺ جي اندر تائين اچڻ لڳو آهي.

---

سريش جوش(Suresh Joshi)ي: جنم 1921ع. گجراتي شاعر، ڪهاڻيڪار، مقالہ نگار ۽ ناول نگار. ٽي شاعريءَ جا، پنج ڪهاڻين جا، ٻہ ناول ۽ اٺ مختلف مجموعا شايع ٿيل. 1983ع 'چنتا يامي منسا' تي ساهتيہ اڪادمي جو انعام مليل. ڀڙودا يونيورسٽيءَ جي گجراتي شعبي ۾ اُستاد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٻه

نندِ ۾
منهنجي گهُنجن مان ڦُٽن ٿيون ڏند ڪٽائون
ورانڊي جي درپن جي هردي مان
ايڪانت جو وسڪارو ٿئي ٿو
ديوار وارا ديويُون- ديوتا
۽ مري ويل مائٽن جي
زمين جي تري ۾ لهي
هڪ منڊلي ويهي ٿي،
انهيءَ مان لنگهي الائي ڪيترين اڻ ڄاڻ اکين جون
سڙڪون تيار ٿي وينديون آهن
۽ هتان ڪان ٻوڙي ٿو
سا هن جو گهوڙو هڪ سِراڙي.

چوطرف ڏسجي ٿو
سيڪڇهه سُويمبر جي ڪنيا جهڙو سُندر
انڌڪار ڪي جڻ
ڪنهن من موهڻيءَ جي
متاس سان مڙهي ڇڏي ويو آهي
توري ڪلئي رهجي ويل در مان
لنگهي وڃن ٿيون انيڪ صديون.
جڻ سچ ۽ ڪوڙ ۾ هٿ وجهي
هليا اچن ٿا
۽ اُتي منهنجو نالو ڪٺي
هڪدم سڏيو وڃي ٿو
سمورا مون کي ڪوڃين ٿا
مان به ڪوڃيان ٿو
پر اهو ڪوچ جو سلسلو بيهي چونٿو!

## ٽي

رات ڏرتي ڪنهن ٻوڙنڊڙ پکي وانگي سهڪي ٿي
صديون اڳ تيل پرلئه ۾ غائب ٿي ويو سج،
رات موتيءَ جي مالا مان هوريان هوريان ٻاهر اچي ٿو

جبل جو مُک انڌڪار کي ڇهاڙي ٿو
جنهن جو آواز هتي ٻڌڻ ۾ اچي ٿو
پريان ڪٿي وهندڙ ندي
ايشور جي وات ۾ پيپل وقت کي
اڳيان- اڳيان ٻڌي رکيو آهي

لڙڪ ۾ پنل رومال سمنڊ وانگي
هوا جي هٿ ۾ ڦڙڪي ٿو
ڄار ۾ ڦاٿل پکي وانگي
آڪاس ساري رات پر ڦڙڪائي ٿو.
ڪٿي ڪاڏل تاريخ جي ديوار جو هينڊل
ڏيڻ ڪنهو رهي ٿو
ڇوڪريءَ جي اندر سُتل باهه
پاسو ورائي ٿي
پرواري ڪڏ ۾ ٻن ڏيڏرن ۾
انهيءَ ڳالهه تي جنگ جاري آهي
ته ڇهرين ٻاهر ڪير نڪرندو.

## چار

منهنجي گهر ۾
منهنجي ڏاڏي، سج جي روشنيءَ جا
داڻا چندي ٿي

منهنجو ننڍو پٽ
آڪاس جي خاليپڻي کي ڪٽي
کيڏي رهيو آهي.

ڏاڏو هيٺين منزل جي
وراندي ۾ ويٺي
ڏک جا پاسا ورائي اڇي ٿو.

پٺئين در کان ايندڙ هوا
پنهنجي آواز سان
گهر جي ٺٺين ڪنوار جي ڪنن کي
ڇرڪائي رهي آهي.

پنهنجي ٽٽل لفظن کي
جوڙيندي جوڙيندي
مان انهن سيني جي ڪوشش کي
ڏسي رهيو آهيان.

## هڪ شاعر جو وصيت نامو

شايد مان سياڻي نه رهان—
سياڻي جيڪڏهن سج اُڀري، ته ڇنجانس ته
منهنجين ٻوٽيل اکين ۾
هڪ لڙڪ سڪائڻ باقي آهي.
سياڻي جيڪڏهن هوا لڳي، ته ڇنجانس ته
نوجوان وهيءَ ۾ هڪ ڇوڪريءَ جا
ڇوراپل پڪل ميوا
اڃا منهنجي ڏار تان ڪيرائڻ باقي آهن.

سياڻي جيڪڏهن سمنڊ ڇُلڪي، ته ڇنجانس ته
منهنجي من اندر ۾ جبل بنجي چڪا آهن،
ڪنور ايشور کي، چڪناچور ڪرڻ باقي آهي.
سياڻي جيڪڏهن چنڊ اُيري، ته ڇنجانس ته
هن جي ڪُنڊيءَ ۾ ڦاسي،
ٻاهر پيچڻ لاءِ
هڪ مڇي ايجا به،
منهنجي اندر ۾ تڙپي رهي آهي.
سياڻي جيڪڏهن ٻاهه ڏسجي، ته ڇنجانس ته
منهنجي جدا ٽيل پاڇي جي چڪيا
ايجا به جلائڻ باقي آهي
شايد مان سياڻي نه رهان.

●●●

## جينت پاٺڪ

### لاش

منهنجو لاش جڏهن
پاڻيءَ تي تريو ۽
ڪناري تي آيو
مون محسوس ڪيو ته
اُها ڳُوراڻ منهنجي جسم جي نه هئي
پر ساهه جي هئي

### ڏيءَ جي وهانءَ ڪان پوءِ گهر ۾

نيٺ سڀ ڳڻتيون ۽ ڳارا ختم ٿيا:

وهانءُ پورو ٿي ويو
ڪُنوار جي ماءُ، هاڻي
سڀ سامان ۽ شيون سنڀالي ڳڻڻ لڳي ٿي
هر شيءِ ياد ڪري-
سنواري رکڻ لڳي:
پليٽون، پيالا، گلاس، ٿالهيون-
هر ڪا شيءِ برابر.
ڪٿي به ڪا شيءِ گم نه ٿي -

جينت پاٺڪ(Jayant Pathak): گجراتي شاعر ۽ نثر نگار. ڏيهي زندگيءَ جو احساس ڇٽيل. هن تنقيد ۽ آتم ڪهاڻيءَ جا ٽڪرا به لکيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر پوءِ
اوچتو ڪجھ ياد ڪري
بيھي رهي ٿي
ڪمري جي وچ ۾ چوڌاري نهاريائين
لوٽائيل سوال اکين مان وهي آيس:
”پر، منهنجي ڌيءَ ڪٿي؟“

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جهينا ڀائي ديسائي

گجراتي (ڀارت)

### زمين تي ڇِت

تاپتي بي پرواهيءَ سان ٻوڙندي ڀِنِي وِجي
ٻنهي پاسن کان
سندس اُچلون ڏيندڙ سِگ
زمين ۾
اونها تونا هٽندا تا وڃن

وير جي لهڻ کان پوءِ
ڪيڪڙي
زمين تي ڇِت ڇِتي ڇڏيا آهن.

●●●

جهينا ڀائي ديسائي(Jheena Bhai Desai): 'سيمر شمي' نالي سان شاعري ڪندو آهي. گيتن ۽ هائيڪو جو شاعر. 'ان ترپت' ناول ۽ ڪهاڻيون لکيائين. هائيڪو جو مجموعو 'سونيري چاند روپيري سورج' تي ڪيس هائيڪو جو وڏي پايي جو شاعر مڃيل. -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نامعلوم

عربي (مصر)

## جيون ڏائو ماٺهو

اڄ موت مون اڳيان ائين آهي سَمُهاڙو
جيئن پراڻي روڳ جو ڪو روڳي ٿئي نئوبنو
۽ جيئن ڪو بند پيڃي ٻاهر نڪري...

اڄ موت مون اڳيان ائين آهي سَمُهاڙو...
جيئن ڪنول جي گلن مان پکڙجي ڪا سُگنڌ
۽ جيئن ڪو ويٺو هجي مد مست ڏرتيءَ ڪناري...

اڄ موت مون اڳيان ائين آهي سَمُهاڙو...
جيئن ڪو پنهنجي گهر لاءِ هجي اُتاولو
۽ جيئن ورهين جا ورهيہ بند ۾ گهاري...

●●●

نامعلوم(Anonimous): قديم مصري شاعر جون سندس خودڪشيءَ کان اڳ جون لکيل اهي سٽون، جڻ اها هن جي پنهنجي پاڻ سان گفتگو هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## محمود درويش

عربي (فلسطين)

# هڪ عرب ڇوڪري جو سوال

اي دوست!
تون جڏهن ۾ جيئڻ چاهين
چمڪندڙ سج جي هيٺان ڪيڏي سگهين ٿو
تون چاهين ته
پنهنجي لاءِ رانديڪا به وٺي سگهين ٿو
پر
مان انهن مان ڪجهه به نٿو ڪري سگهان
مون وٽ اهو ڪجهه ناهي
جيڪو تو وٽ آهي
تو وٽ پنهنجو گهر آهي
منهنجو ڪو گهر ناهي
مان هڪ بي گهر آهيان
عيدون ۽ خوشيون سڀ تنهنجي لاءِ آهن
مون لاءِ انهن مان ڪجهه به ناهي
۽ انهيءَ جو ڪارڻ نيٺ ڪهڙو آهي
جو اسان گڏجي ڪيڏي به نٿا سگهون؟

●●●

---

محمود درويش (Mahmud Darwish): جنم 1942ع فلسطيني ڳوٺ ال بروه ۾ ٿيس. سندس شعري مجموعا پين پولين ۾ ترجما ٿيا آهن، جن مان 'اوراق ال زيتون' (Leaves of the Olive Tree)، 'عاشق مِن فلسطين' (A Love from Palestine) ۽ 'آخر ال ليل' (End of the Night) اهم آهن. کيس 1970ع ۾ افرو ايشين ڪانفرنس ۾ 'لوٽس ايوارڊ' ۽ 1983ع ۾ 'لينن پيس ايوارڊ' ڏنا ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بُلند الحيدري

عربي (عراق)

## ويراني

ساڳي گهٽي،
پاڻ ۾ ڳتيل ساڳيا گهر،
ساڳي ماٺ.
چوندا هئاسين:
"سيان اسان مري ويندا سين،
۽ پوءِ جاڳندا سين.
هر گهر مان
ننڍڙن ٻارڙن جا آواز
ڏينهن جي ٻاڪ سان گڏ
سڙڪ تي ترڪندا:
ڇترون ڪندا،
اسان جي ڪالهه تي،
اسان جي اُباڻڪين عورتن تي،

---

بلند الحيدري (Buland al-Haidari): ڪُرد نسل جو هيءُ عراقي شاعر 1902ع ۾ اسڪندريه ۾ ڄائو ۽ عرب دنيا ۾ ناٽڪ ڪار طور مشهور ٿيڻ کان اڳ، قاهره ۽ پيرس ۾ قانون ۾ تعليم حاصل ڪيائين. "The Maze of Justice" ناول ۽ "The Fate of Cockroach" سندس عربي تخليقن جا ترجما آهن. هُو عربي زبان ۾ شاعري ڪري ٿو. سندس شاعريءَ تي ٻين عراقي شاعرن کان وڌيڪ جديد مغربي شاعريءَ جو اثر آهي. انهيءَ ۾ ڪو وڏاءُ ناهي ته هو نئين نسل جو نمائنده، مقبول ۽ پسنديده شاعر آهي. هن جديد استعارا استعمال ڪيا آهن ۽ سندس شعر عام عربي شاعريءَ کان مختلف آهن. هتي پيش ڪيل سندس ٻه نظم سندس شاعريءَ جي انگريزي ترجمي تان ورتل آهن، جيڪي ڊيسمونڊ سٽيوارٽ (Desmond Stewart) تڏهن ترجمو ڪيا هئا، جڏهن شاعر جي ڄمار ويهن ورهين جي اندر هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي چمڪندڙ پترايل اکين تي:
اُهي يادن کان سکڻا هوندا؛
کين پراڻيءَ سڙڪ جي خبر بہ نہ هوندي؛
ٿڪ ڏيندا اُهي
ڇو جو کين پيچڻو نہ پوندو تہ ڇوتا ڪِلن اُهي."

اسان ڇوندا هٺاسين:
"وقت پنهنجي موسمن سان
اسان کي ضرور ملائيندو
ويچا ميتي پاڻ ۾ پرچائيندو."

ڪالهہ گهرو سوز هو ڇانيل،
۽ شايد ـــ
اسان ائين نہ چاهيو هو،
جيئن اسان چيو هو،
جو اڄ موسمن ملايو تہ آهي اسان کي،
پر ويچا نہ سگهيا آهن متجي.
سوز جي گستاخي ٿيندي ٿي وچي سرس
۽ سڙڪ تي،
ساڳي سڙڪ تي،
پاڻ ۾ ڳتيل ساڳيا گهر،
ساڳي ماٽ،
۽ اُتي ـــ
بند ڳڙکين پٺيان
وڏيون خالي سکٽيون اکيون،
ٻارڙن جي اوسيئڙي ۾،
ڊپ وچان،

متان ڏينهن لهي نہ وڃي ـ
سڙڪ سان گڏ،
هڪ هنڌ ڄمي ويون آهن.

## اَيمان

تون
نئي جائين
ڇا تو چاهيان مان
جي تو جائي ورتو
ڪِلنديءَ خوب احتجاج مان
ڪيني پريل آواز ۾ چونديءَ:
ڏسو تہ هي ڇاتو چاهي ؟
ڏسو تہ هي ڇا تو چاهي ؟

مون اُهي سمورا سال
ميتي ڇڏيا آهن
ڇهرو هاڻي آهي منهنجو سخت
لڙڪ بہ نہ اٿم اکين ۾
ڏينهن پيو گهاريان وئرت
ڄڻ آهيان پُسيل قبر ۾
دل منهنجي آهي سرد
پناهگيرن جي ڪيمپ مثل
يا ڏوهارين واري پڇا وانگر
ڏسو تہ هي ڇاتو چاهي ؟

مان رُئان تو ـ
اَيمان وڃان ڏڪندڙ سندس عڪس آڏو

پنهنجي ڪڌهن رُئندڙ اُداس چهري آڏو
۽ ورهين جي اُنهيءَ بوج آڏو
ڏسو تہ هيءَ ڇاتي ڇاهي ؟
ڏسو تہ هيءَ ڇاتي ڇاهي ؟

مان تهڪ ڏيڻ لڳان تو
بلڪل ٻين وانگر
اي حسينا!
تون سمجهي نٿي سگهين
ڇاتو ڇاهيان مان ـ
ڇوٽي ٻچين
ڇاتو ڇاهيان مان
مون کي ڪجهہ نہ گهرجي
مان ٻين کان اوپرو آهيان.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ونڊا ڪرانڊ يڪر

مراٺي (پارت)

## اونداهين جي پاڙي ۾

هن موسم ۾ هتي رڳو خدائن جي رهائش آهي
جيڪي سُرخ هوائن ۽ گجگوڙ ڪندڙ اُس جي زبان سمجهندا آهن
گنڀير لٺ ۾ وڌندڙ اُس
ويا وانگر اسان جي گهرن
۽ ٻنُ ميدانن ۾ ڦهلجي ويئي آهي
هن طرف سوساٽ ڪندڙ اونداهي آهي
نيڻ نهار تائين
ڇپرن تي لرزندڙ ننڍڙن قطرن کان سواءِ ڪجهه به ناهي
ٻري
اونداهين جي پاڙي ۾
پاليل ۽ نيم وحشي ڪبوتر
خط پهچائڻ جو فن سکي رهيا آهن
اونده ۽ حرارت سان هريل جنات ۾ ورتل ماڻهو
برق خور ڪانوَن جي آواز جي اوسيئڙي ۾ آهن!

## مون ڪجهه ڏنو آهي

مون ڏٺو ڪا شيءِ پور پور تي ويئي آهي
محسوس ڪيم

---

ونڊا ڪرانڊيڪر(Vinda Karandikar): جنم 1918ع. ايم. اي بمبئي يونيورسٽي مان 1946ع ۾. SIES ڪاليج ممبئي ۾ انگريزي شعبي جو صدر تي رهيل. مراٺيءَ جو شاعر، مضمون نگار، نقاد ۽ مترجم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون وٽ اهي لفظ ناهن
جيڪي هن ڦهليل بيوسيءَ کي زبان ڏيئي سگهن
جيڪا ڪروڙين دماغن ۾ ڦاٽڻ جي اوسيئڙي ۾ آهي
اُهي اکيون ناهن
جيڪي ڪروڙين اکين ۾ ضدي ڪرب جي
بي چئن چمڪ کي جهلي سگهن
اُهي ٻانهون ناهن
جيڪي دنيا جي اُنهيءَ يتيم محافظ کي ڳراٽڙي پائي سگهن
جيڪو پيدائشي پناهه گير آهي
بدنصيب آهي، وچايل آهي
۽ ڪنهن ڪنڊ ۾ منهن پيلو ڪري ويٺو آهي
منهنجي لاءِ ڪا صليب ناهي، ڪا صليب ناهي

مون ڏٺو ڪا شيءِ پور پور ٿي ويئي آهي
مون
ٿپهريءَ جو هڪ پوائنٽو سپنو ڏٺو
بازار جا انڌا هجوم
ٿين جي دٻن جون ڪوليون
ڪينئن سان پريل گهٽيون
هڏن جا پڃرا
اکين جا کويا
سڙندڙ ماڻهو جن ۾ مرڻ جي به طاقت ناهي
دونهون ڏيندڙ ماڻهو جن ۾ پڙڪي پوڻ جو چاڙهو ناهي
واويلا ڪندڙ ماڻهو جن ۾ حملي ڪرڻ جي قوت ناهي

مون ڏٺو ڪا شيءِ پور پور ٿي ويئي آهي
۽ هن مون کي پنهنجي هڪ ٿي ڏک سان
انڌو ڪري ڇڏيو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي آڏيپس وانگر
بيابان ۾ ڏکيو ويو آهي ته حرامين جي پنيان هلندو وڃان
مون محسوس ڪيو ته خود منهنجي ذهن ۾
حسب نسب جو زهريلو وڻ...
انهيءَ جي پاڇي جون ڦهلجندڙ تاريون آهن
۽ ڏکين تارين جو بوجهه
۽ اهي ميوا جيڪي پچي نٿا سگهن
گل جيڪي سڙي ڪومائجي ويا
۽ انهن جي پوريان هڪ سرد مقبرو

مون ڏٺو
ڪا شيءِ پور پور ٿي وڃي آهي.

## تون ۽ مان ٻوڙون ٽا

تون ۽ مان ٻوڙون ٽا
هڪ ڏند کان ٻئي ڏند تائين

منهنجي ڇاتي
اهرام جي سر سان
ڇِتي وئي آهي
پنهنجي زرد مکوتي جي پنيان
ممي مون تي ڪلي
تو چيو:
”ڇا فرعون سياڻي پنهنجي ڀيڻ سان شادي ڪندو؟“
مون چيو:
”ڇا اُهي بچيل سچيل گرهه سياڻي تائين باقي بچي سگهندا؟“
هن چيو:

"ابوالهول جو سنگين پير اسان جي سِرن تي آهي."

منهنجي پويان ڪُتل جسم
تنهنجي پويان گونگا لاش
تون ۽ مان بوڙون ٿا
هڪ ڏند ڪان ٻئي ڏند تائين

چين جي عظيم ديوار تي
هر چوٽيءَ ۾ جنات آهي
هر پٿر کي بي انصاف اذيت جي ڪوڙهه آهي
تو چيو:
"ڇا ڪنفيوشس جي چوغي تان زري اُڀڙجي ويندي؟"
مون چيو:
"ڇا ڪو ٻُڌ منهنجي ٻُنيءَ جي هن ٿوهي کي ٽڪي سگهي ٿو."
هن چيو:
"تهذيب جي چين جو رس ڪنهن کي پيئڻ لاءِ ملندو؟"
تاريخ پاڻ کي ورجائيندي آهي
تاريخ زخمي ٿي ڪِري پوندي آهي.
تون ۽ مان بوڙون ٿا
هڪ ڏند ڪان ٻئي ڏند تائين

جمنا جي ڪارائيل پاڻيءَ ۾
ڪاليءَ جي پوتي آهي
ڪناري تي هڪ تاج پيلو پوندو پيو وڃي
تو چيو:
"محبت جي هن عظيم يادگار تي گلاب جو هڪ گل ٽڙيو آهي."
مون چيو:
"تاج هوريان هوريان دريا تي جُهڪي رهيو آهي."

هن چيو:
”اونداهيءَ جو ڪارو هاٿي زمين اڳيان لُڏي رهيو آهي.“

تنهنجي پيرن هيٺان ڇا آهي
مقتل ۾ قتل ٿيندڙ شخص جو لاش
تون ۽ مان ڊوڙون ٿا
هڪ ڏند کان ٻئي ڏند تائين

هڪ ڏند کان ٻئي ڏند تائين
تون ۽ مان سفر ڪريون ٿا
ڪارا ڏند، اڇا ڏند
ڳريل ڏند، ڪِريل ڏند
ڏاهپ جي ڏاڻ، مُورکائيءَ جي ڏاڻ
ڪي پراڻا، ڪي نوان
پيلا ڏند
ڪي ڳالهائيندڙ، ڪي گونگا
ڪِن ڏندن تي ڪوپا
سون ۽ چانديءَ جا
تون ۽ مان ٽپو ڏيون ٿا
هڪ ڏند کان ٻئي ڏند تائين
پر هاڻي ڪير روئڻ وارو آهي
مان رڳو هڪ سچائيءَ کان واقف آهيان:
تہ سون جي هڪ رَٿ ۾ ويهي
سچائي هتان کان هلي وئي آهي
هر ڇاتيءَ تي هڪ اڻ ٽر تقدير جي مُهر آهي
هر طرف ڪٽل جسم
تاريخ زخمي ٿي ڪري پئي آهي
انهيءَ ۾ ڪهڙو نئون انڪشاف آهي؟

تون ۽ مان ٻوڙون ٿا
هڪ ڏند ڪان ٻئي ڏند تائين

## غدار

بمبئيءَ جي هڪ گهٽيءَ ۾ ڪتي ڪو چريو رهندو آهي
جيڪو ايجا تائين قسم کائي چوندو آهي ته
هماليه جيڏي اوچي ڍڳ تي
پلي هندي سمنڊ جيترو رت هاريو
(پلي ڪجهه به ڪريو)
مُٽ جيترو سائو گاهه به نه ڦُٽندو

جڏهن گهٽيءَ ۾ ڪتا پڙنڪندا آهن
ته هو ڪنهن بي نام خوف کان ڪنبڻ لڳندو آهي
۽ پيشاب ڪري وجهندو آهي
(منهنجو خيال آهي)
چرئي جي بدران ڪيس بزدل چوڻ گهرجي

هو صبح جي اخبارن جي پيش ڪيل
وهندڙ باهه جو ديلي راشن نڙيءَ ۾ لنگهائيندو آهي
پوءِ انهيءَ گناهه جو ڪفارو هيئن ادا ڪندو آهي
جو ٻارن سان لاٽون راند کيڏڻ لڳندو آهي
گيتا پڙهندو آهي ۽ پاڻ کي تنبيهه ڪندو آهي
"خبردار، هٿيار کي هٿ نه لائج"
جڏهن هو پنهنجي چتي کوليندو آهي ته ڪيس
ايٽمي مشروم ياد ايندي آهي
۽ هو پنهنجو توازن قائم رکڻ خاطر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن جي ٻه ڪلهي تي هٿ رکي ڇڏيندو آهي
جڏهن خاڪي وردين ۾ جنگي نغما ٻڌندو آهي ته
ڪنهن ڪدڙي وانگر عورتاڻي ڍنگ سان روئڻ لڳندو آهي
(منهنجو خيال آهي)
ڪدڙي بدران ڪيس غدار چوڻ گهرجي.

هو جيتوڻيڪ سجاڳ هوندو آهي پر نمي سَس ڇهاڙيندي
گاريون بڪڻ لڳندو آهي ۽ چوندو آهي
"ڪاش مان جيئرو رهان
۽ پڪاسو جي پڪيءَ ڪي آسمان ۾ اُڏامندو ڏسان!"

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ماتا چرڻ مشر

## انب

فرج مان ڪڍي
ٽيبل تي چاقوءَ جي بلڪل پرسان
جتي ڪجهه گلاس رکيل هُئا ٽنڻ ڪان بچيل
انبُ، انبَ جي ئي شڪل جو هو
لنگڙو بي حد سائو پر منو مشهور
چپن تي آيل مناڻ جهڙو

انب ڪپيو ويو ڏاڍي خبرداريءَ سان
رکي پليٽ ۾ ورهايو ويو دوستن ۾
انبُ، انبُ هو
۽ ان کان وڌيڪ ڪو استعمال به نه هو
ڊوڙندڙ هن دنيا ۾ انهيءَ انب جو

منجهند جو فرج مان ڪڍي
ٽيبل تي چاقوءَ جي بلڪل پرسان
رکيل انب ڪيڏو توانو نظر اچي رهيو هو
هاڻي خالي تي ويٺي آهي سندس جاءِ
جتي ٿوري دير اڳ اهو سجايل هو ڪيڏي شان سان

---

ماتا چرڻ مشر (Mata Charan Mishar): هنديءَ جو ڪوي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات سمهڻ کان اڳ ڪافي دير تائين
ياد ايندي رهي اُنهيءَ انب جي
جيڪو ڪَل ۽ ڪڪڙي ڪڍي ڪاڏو ويو
دراصل انب جي باري ۾ سوچيندي
عام ماڻهو اڪثر ايترو ئي نرم ٿيندو آهي
انهيءَ کان وڌيڪ هو ڪجهه وڌيڪ سوچي نٿو سگهي

وساري چڪو هوندو آهي انهن گوشن کي
جتي لڪي لڪي انب کائڻ جو مزو
چوڪيدار جي گارين کان وڌيڪ وڏي ويندو هو
پوءِ به جيڪي چوٽو هو اُن وقت
لڪي چوري ڪري نہ کائو، گهُري وٺو جيترا دل گهري
عام ماڻهو عام ماڻهو ئي هو اُن وقت
جيڪو هاڻي خاص ماڻهوءَ ۾ تبديل ٿي
ڪيترو بي قدر ٿي چڪو آهي
لڪي چوري ڪري کائيندي کائيندي

کائڻ لاءِ اڪثر هينئر بہ ڪاڏا وجن ٿا انب
بنارسي، لنگڙو، سفيدو، قلمي، چوسو
پر فرج مان ڪڍي
ٽيبل تي چاقوءَ جي بلڪل پرسان
جتي ڪجهه گلاس رکيل هنا ٽنڻ کان بچيل
چاقو ڪٽندي ئي لڳي ٿو جڻ
عام ماڻهو خود ئي انب جي شڪل ۾ ڪپي
رکيو ويو هجي ٽيبل تي
۽ تڏهن انب کائڻ ۾ اوترو مزو نٿو اچي
جيترو اُن وقت انب کائيندي
عام ماڻهوءَ کي اچڻ کپندو هو.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اشوڪ باجپئي
هندي (ڀارت)

## رڳو ڳُلن کي خبر آهي

ڳلن جو رنگ ساڳيو ئي هو:
ساڳي طرح نيري تي واڱڻائي تي پيلي تي ڳاڙهو۔
پر ڳل ئي ساڳيا نه هئا.
جڏهن ڪو ڏسندو نه هوندو آهي
تڏهن ڪو بدلائي ڇڏيندو آهي ڳلن کي.
ٺيڪ ساڳيا جا ساڳيا نه
پر ٺيڙائي ڇڏيندو آهي لڳ ڀڳ ساڳيا ئي ڳل
جيڪو ڏسي ته چئي نه سگهندو
ته اهي ساڳيا ڳل ناهن.
رڳو ڳلن کي خبر آهي ته اُهي ناهن
۽ اُهي آهن.

## ڏرتي لکي تي ڏرتيءَ کي

ڏرتي لکي تي ڏرتيءَ کي
نه ڪِرتا وانگي
نه ڪهاڻي وانگي،
هڪ اڀوجهه لفظ وانگي
ڏرتي لکي تي ڏرتيءَ کي

---

اشوڪ باجپئي (Ashok Pajpeyi): جنم 16 جنوري 1941ع. شاعر ۽ نقاد. 'شهراب ڀي سنياونا هي'، 'ايڪ پتنگ اننت ير' (شعري مجموعا) ۽ 'في الحال' (تنقيدي مضمون) شايع ٿيل آهن. ٻيا ڪيترائي ڪتاب ترتيب ڏنل آهن.

ڏرتي ڇهڪي تي ڏرتيءَ تي
نہ جهرڪين وانگي
نہ پوپٽن وانگي
هڪ اَڪٿ خوشيءَ وانگي

انهيءَ تي بہ جيڪو
ٻوٽي رهيو آهي پُنيءَ تي بوجهہ
ءِ
اناج جي گهٽ اگهہ ملڻ تي دُکي آهي
اُنهيءَ لاءِ بہ
هلڪي آهي ڌرتي
گل وانگي
پاڻيءَ جي بوند وانگي
ڪپهہ جي ڦهي وانگي

## پريم جي لاءِ جڳهہ

(1)

هن پنهنجي پريم لاءِ جڳهہ ڻاهي

ٻهاري الڳ ڪري ڇڏيائين تارن کي
سج چنڊ کي رکي ڇڏيائين هڪ طرف
جهنگ جي ولين کي لوڏيائين
هن ڌرتيءَ کي چنڊيو ڦوڪيو
۽ آڪاس جا تهہ ٺيڪ ڪيا

هن پنهنجي پريم لاءِ جڳهہ ڻاهي

(2)

هڪ سنسانِ ٻپهري
هڪ شام جي ايڪانت
پريل بس جي سيٽ
پنهنجي پريم لاءِ جڳهہ ناهي

هن ديوتائن ڪي
ٻاهر ڪڍي ڇڏيو
۽ پکين کي ڇپائين تہ
تورو آڪاس ڇڏي ڏيو۔
هن هڪ ٻار جي هٿ مان هڪ گُل کسيو
۽ هڪ پنکڙيءَ مان توري ساوڪ اُڏاري ورتي
هن پوپٽ، نوريٽڙي ۽ اُس جي وچ ۾
پريم لاءِ جڳهہ ناهي

## پر هڪ دري تہ کليل رهڻ گهرجي!

موسم بدلجي، نہ بدلجي
اسان کي اُميد جي
گهٽ ۾ گهٽ
هڪ دري تہ کُليل رکڻ گهرجي.

شايد ڪا گرهڻي
وسنتي ريشم ۾ ويڙهيل
انهيءَ وڻ جي هيٺان
کنهن لکيل ديوتا جي لاءِ
ڇڏي ويئي هجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گل، ڇانور ۽ ڪجهه مٽائي

تي سگهي ٿو ته
ڪنهن پار جو ڪينهوڙو
بجاءِ آخر ۾ وڃائجي وڃڻ جي
اسان جي ڪمري ۾ اندر اچي ڪِري ۽
اُهو موٽائي سگهجي.

•

ديوَ- اسُر سنگرام ۾ رَتورَتُ
ڪو پوڙهو لفظ
ٻاهر جي ٿڌ کان ڏڪندو
ڪنهن ڪِرتا جي هلڪي تاوَ ۾
ڪجهه دير آرام ڪرڻ لاءِ ترسڻ چاهي.

اسان پنهنجي وقت جي هارايل بازي لڳايون
۽ داءُ تي لڳائي ڇڏيون
پنهنجي همت، چاهت، سيڪجهه -
پر هڪ دري ته کليل رکڻ گهرجي
جيئن هارائڻ ۽ ڪِرڻ کان اڳ
اسان اوندهه ۾
پنهنجي آخري هٿيار وانگر
پنهنجو پوءِ
اُجلائي سگهون چمڪندڙ
باقي رهيل دعائون

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڀڳوَت راوت

### ڦڪجڻ جو سُک

جڏهن ڪو ٻُت ۾ پريل قداور ڇوڪرو
اوهان جي پنهنجي جوان ٿيندڙ پُٽ جي
قد کان متيرو نکرڻ لڳي
۽ اوهان جو ڪنڌ
پنهنجو پاڻ
مٿي کڄي وڃي

جڏهن بي اختيار ڏيان ڇڪيندڙ
ڪنهن ڇوڪريءَ جون اکيون
اوهان جي پنهنجي وڌندڙ ڌيءَ جي
بي ڇٽن اکين کان
ڪجهه وڌيڪ ڇوڻ لڳن
۽ اوهان اوچتو
اڳي کان
وڌيڪ وڏا ٿي وڃو

جڏهن ڪو
بلڪل نئون جوڙو
ريلوي پليٽ فارم جهڙي ڀيهه ۾ به

---

ڀڳوت راوت (Bhagwat Rawat): جنم 13 سيپٽمبر 1939ع، ٽِڪوت ٽيهرڪا (بُنديلکند) مڌيرپرديش. هندي شاعريءَ جو هڪ مشهور نالو. 'سمُدر ڪي باري ۾ دي هوئي دنيا'، 'هُوئا ڪڇ اِس طرح'، 'سُنو هِرامن' (شعري مجموعا ۽ 'ڪوِتا ڪا دوسرا پاٺ' (تنقيد)، شايع ٿيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا کان بي خبر
هٿ ۾ هٿ ڏيئي
مگن پنهنجو پاڻ ۾
اوهان جي اڳيان لنگهي
۽ اوهان جو من
هڪدم جاڳي پوي

يا چئو ڊپ سان پيرجي وڃي
۽ هڪ ڪن
يعني سچ پچ هڪ ڪن ڪان پوءِ
اوهان کي ياد اچي
ته اوهان گاڏيءَ جي انتظار ۾
پليٽفارم تي بيٺا آهيو

ته ائين سمجهو
ته هاڻي اوهان سچ پچ
اندر ۾
ميوي وانگر پڪجڻ لڳا آهيو
سُک جي سواد وانگر
ڪارائتا ٿيڻ لڳا آهيو.

ڪجهه ٿلهن لفظن ۾ چئجي ته
شايد هاڻي اوهان
ڪنهن ٺڪر جي ٿانءَ وانگر
پچي پڪا ٿي رهيا آهيو

۽ نه به چئو اهي ڳالهيون
ته پڻ

سمجهندا هوندا اوهان
تہ اهڙيءَ طرح
اندر ئي اندر ۾ اوهان
ڇا مان ڇا ٿي رهيا آهيو

دوستو
عزيزو
منهنجي ڳالهہ کي رڳو جذبات ڇني
ڪَن تان متان اُڏاريو
جتي بہ ملي سک جو سواد
ڪنهن بہ ريت اهو بچائي
گهر آڻجو

## ٻُڍو!

ٻڍو
اوهان ٻڍائي سگهو ٿا
هو ڪٿي رهي ٿو؟

نالو
نالو هن جو ڪو خاص ناهي!
مهاندو لڳ ڀڳ اسان جهڙو آهي

رنگ- روپ
قد- ڪاٺ
سڀ معمولي
اسان جهڙو

ها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شادي ٿي چڪي هئي هن جي
جڏهن هو ننڍو هو
هاڻي ته
ٻار به هوندس
پنهنجي عمر جوئي سمجهو
ٻارڙا
هاڻي ته وار به اڇا ٿيندا هوندس
سندس

ٿي سگهي ٿو ٻارن جون
شاديون به ڪرائي ڇڏيون هجنس
۽ پوڙهو ٿي رهيو هجي

ماءُ

ماءُ سندس ننڍپڻ جو يار
اسان هڪ ٻئي کان سواءِ
هڪ پل به نه رهندا هئاسين جدا

اسان جو هڪُ ئي پاڙو هو
هڪ ئي ڪوهه
هڪ ئي نم جو وڻ
۽ هڪ ئي اسڪول هو

ماءُ ئي ڪٿي رهيس اُتي
هو هِن طرف نڪتو هو
ماءُ هوڏانهن
هُن طرف نڪري آيو هئس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو منجهس ڪو ڪم ڪونهي

هِن طرف نڪتس
ته سوچيم
خبر وٺندو وڃان هُن جي

تي سگهي تو
هُو هجي
ته سوچيم........!

●●●

## پنڪج سنگهه

هندي (پارت)

# آخري ڪتا

گونجي پيو هڪ ماتم في الحال
گدڙيل شڪار جو تشدد
هوا ۾ واسيل آهي اُها بوءِ
سرد راتين ۾ لڙڪيو رهي ٿو چنڊ
بي رونق قنديل وانگيان

سنڌ گريو استان آهي شهر

وسندين ۾ گهمندو رهي ٿو
اکين جي ڪُنڊن تي
ڳلن تي
جهڪيل پيشانين تي
گهُنج ڦهلائيندو
عمر جو پوڙهو ڪاريگر

لاهيءَ تي تيزيءَ سان ڊوڙي ٿو سچ

---

پنڪج سنگهه (Pankaj Singh): جنم 14 جولاءِ 1950ع، مظفرپور (بهار) ۾. تاريخ ۾ ايم. اي. مظفرپور ۾ هڪ رسالي جو ايڊيٽر. جواهرلال نهرو يونيورسٽيءَ جي ساهتيه سڀا جو سيڪريٽري ٿي رهيو. سياسي سرگرمين سبب ڪيترائي ڀيرا گرفتار ٿيو. امرجنسي جي ڏينهن ۾ زيرزمين رهيو ۽ اُن جي ختم ٿيڻ کان پوءِ، ڇهه مهينا راجستان يونيورسٽيءَ سان لاڳاپيل رهيو. ٻه ڀيرا پيرس جو دورو ڪيائين ۽ اُتي سوربون يونيورسٽيءَ جي مشرقي زبانن ۽ تهذيبن جي اداري سان تعلق رهيس. شعري مجموعو ”آهٽين آسپاس“ شايع ٿيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شام جي شروع ٿيندي ئي الوپ ٿيڻ لڳن ٿيون
ڏنڌليون شيون، اُداس چهرا ۽ پاڇولا
پوءِ پرجي وڃي ٿي ڪاري ميڻ جهڙي
ڏکندڙ پگهرندڙ ڪارٽ

رڳو ننڊ ۾ اچن ٿيون ساروڻيون
مثل ٽانڊاڻن جي روشن پيچ جهڙيون
هڪجهڙي اُجالي جون بي معنيٰ اکڙيون

بچيل سچيل رحم جي نيراڻ ڪٿي
سُڪل وڻن تي جهڪي آيو آهي آڪاس

جانورن وانگيان ڊوڙيندا نظر اچن ٿا هيترا سارا ماڻهو
نرلجائيءَ سان
ويندڙ صديءَ جو بوجهه
غلاميءَ ۽ ذلت جي آخري ڪٿا

## هوا ڪٿي آهي...؟

هوا ڪٿي آهي
اُس ڪٿي آهي
ڪٿي آهن اُهي مکڙين مان نسرندڙ هٿ

ڪٿي آهن اُهي مکڙين مان نسرندڙ هٿ
ڪٿي آهن اُهي ماڻهو جيڪي
اسان جي اوسيئڙي جي ڏوهه ۾
بدلجندڙ موسمن جا دوکا کائيندي
گم ٿي ويا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُڪل پنن وانگر زمين ۾

اڪثر طوفان نشان ڇڏي ويندا آهن گذري وڃڻ کان پوءِ
پر هتي
گھر تي ڇڪا آهن ڪنبر تائين
سيخن جي پوَيان

هتي ماڻهو ۽ ماڻهوءَ جي وچ ۾
ڏينهون ڏينهن
گھري ٿيندي وڃي ٿي مات جي ڏنڊ
بند گھرن ۾ پريو وڃي ٿو دونهون
رت جي جاءِ تي اسان جي رڳن ۾
ڊوڙڻ لڳو آهي هاڻي مهذب هئڻ جو غرور
شام جي ڏنڊ ۾ ڪِري پون ٿا بنا هڏين وارا پاڇا
گھر موٽندڙ رستن تي هڪ بڻي سان سلهاڙيل

رات جي رڪجندڙ آوازن مان گذرندي
اسان سڌڪن ۾ تبديل ٿيندي ڏسون ٿا پاڻ کي
رهجي وڃن ٿا جسم جا ٽڪرا دماغ ۾
هڪ آدم اداڪاريءَ ۾ بي چئن رهن ٿا
اسان کان ڊگھا اسان جا پاڇا
جيڪي نه ڄاڻان ڪهڙي دور جي گرهه کي ڊڪيندا رهن ٿا
هزارين چورس ميلن جو سنسان ٿهلاءُ

سارونڻين کان ڪِري پوي ٿو نه ڄاڻان ڪنهن موڙ تي
ڪو گوڙجندڙ ٺهڪ
ڪو اُجالن پريو ڏينهن نه ڄاڻان ڪٿي ڇڏائجي وڃي ٿو
نه ڄاڻان ڪٿي رهجيو وڃن ٿا سين اُچرجن جو سمورو پيار
سيني ويسرن ۾ ويڙهيل اسان جي روح جو سنسار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسن ٿا نه ڏسڻ ۾ ايندڙ ڇهبڪ هرروز
پاسراٽيون ننڍا ٻوٽين ٽيون نشان
۽ آس پاس غلامن جو هڪ اجتماعي رقص
هلندو رهي ٿو لڳاتار هن پٽڙ ٿيندڙ دنيا
جي اونداهيءَ ۾
جتي سڀ نشا
پڌرا ٿا آخرڪار
ڪمزور دعائن جي بيڪل پاڻيءَ ۾

هتي ڪٿي آهي
ٽٽندڙ طلسم جو اهو هٿيار گهر
ڪٿي آهي اهو تاريخ کان پراڻو ڪوهه
جنهن ۾ ڪپيل ڇپن جي انبار ۾
پنهنجي ڇپ ڳولڻ جو ارادو ڪريون ٿا اسين
هتي ايندي
۽ تڏهن ئي
اسان تي ٽُٽي پون ٿا لڪيل بگهڙ
نه ڄاڻان ڪهڙي سيني جي اوٽ مان نڪري
ڪنهن پل
اهي حملو آور ٿين ٿا.

اونداهيون هڪ چالاڪ مُرڪ سان
چمڪائي رهيون آهن پنهنجا خونخوار ڏند

اسان ڪٿي وساري ايندا آهيون بربريتن جا داستان
اسان ڇرڪي ببهي رهيا آهيون هڪ ٻئي کي گهوريندي
اسان گم سم آهيون پنهنجن هزارن سوالن ۾ دٻيل
اسان جي جسمن مان اُبري رهيا آهن بدلي جا وياڪل سنگيت
پر اسان هڪ ٻئي لاءِ بي اعتبار ٿيندا وڃون پيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مستقبل

ڪو هڪ اکر ٻڌاءِ
ڪو رنگ
ڪو طرف
ڪنهن هڪ گُل جو نالو وٺ

ڪا هڪ ڏُن ياد ڪر
ڪا جهرڪي
ڪو مهينو- جيئن ويساک
ڪاڏي جي ڪنهن وڻندڙ شيءِ جو نالو وٺ

ڪا خبر ورجاءِ
ڪو اعلان
ڪو قتل- جيئن نڪسلين (★) جو
ڪنهن هڪ جيل جو نالو وٺ

سياڻي تون ڪٿي هوندين
سُڌ پئجي ويندي

## ٽيليفون

ٽيليفون وڄي رهيا آهن
گجگوڙ ڪري رهيا آهن
راڄ ڪاڄ هلائي رهيا آهن ٽيليفون
ٽيليفون ڪنجهي رهيا آهن
سهڪي رهيا آهن
ڪاري ناٽي جي گهبرايل ننڊ ۾

(★) Nixalites. نڪسل باڙيءَ سان وابسته.

پالتو جانور وانگر
اچي وِڃي رهيا آهن ٽيليفون

هڪ ڏينهن اوڳاڇيندا
ڍڳ سارا اخباري اطلاع، دفتري ڪاغذ
پريم آلاپ
گهريلو عورتون
ڪارڪن جون چونبون
۽ خوشحال وئشيائن جي ڳالهه ٻولهه
ٽيليفون سڙڪن تي
راز سمورو هن اونداهي گهٽيءَ جو
اوڳاڇيندا سڙڪن تي
بي پرواهيءَ سان
هي ٽيليفون

۽ ٽيليفون ٽيليفون کي چوندا
"پوليس موڪليو".

## چار

ڪنهن نه ڪنهن وڻ مان ڪِرندو آهي
ڏسڻ ۾ نه ايندڙ چار
هن مهابن ۾
ڏسڻ ۾ نه ايندڙ چار
ڪڏهن ڪهڙي طرح ڪنهن کي خبر
ڏسڻ ۾ نه ايندڙ چار

هن مهابن ۾ وڏ شالا(★) ۾

(★) Slaughter house ڪوس گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان دشمن جمهوريت جي جادو گهر ۾
هن پرندڙ گهڙي ۾

ڪنهن بادل جو اُڇليل ڏسڻ ۾ نه ايندڙ ڇار
پاڇن سان پريل، ڳنڍيارو

ڇڪي ٿو هڪ هڪ رڳ دماغ جي
پيار نٿي ڪري سگهي دشمني
نه مخالفت، نه رحم
نه پڇتاءُ، ڪجهه به نه
اسان نه...

اسان نٿا ڏيئي سگهون پاڻ کي
هڪ هوا جي لهر کي، پورڻماسيءَ جي هڪ رات کي
صديون پراڻي هڪ سُڏڪي کي
ڇڪي ٿو هڪ هڪ ڪري عمر جي سيني ورهين کي
سپنن کي – بي حس ڪيهه جهڙو
ڏسڻ ۾ نه ايندڙ ڇار
ڪِري ٿو سج سان ڪِرندڙ ڏوڙ سان گڏ

## مان ايندس

گيڙوءَ سان ڇٽيندينءَ تون وري
هن سال پڻ
گهر جي ڪنهن پٽ تي ڪوڙ سارا گل
۽ لکندينءَ منهنجو نالو

ڳڻتي ڪنديءَ
تہ ڪيستائين ويندين شُپ ڪامنائون
هزارين چورس ميلن ۾ پکڙيل جهنگ ۾
ڪٿي ڪٿي پتڪي رهيو هوندس مان
هڪ 'رولو' لفظ وانگر گونجندو

لفظ وانگر گونجندو
سموري دنيا جنهن جو گهر آهي

ڳڻتي ڪنديءَ
ڪڏهن تو وٽ موٽي ايندس مان
پاتا (★) جي پاڻيءَ وانگر تنهنجي اڱڻ تي

مان محسوس ڪريان ٿو
تلسيءَ جي ڊِڪي تي ٻاري تنهنجا ڏيئا
پنهنجين اکين ۾
جن ۾ وڃهن ٿا انيڪ انيڪ شهر
انيڪ انيڪ پيرا ڏوڙ

جهلي جهلي سچ جو هٿ
جهلي اُس جو هٿ
پشم وانگر ملائم اُجالن سان پريل
مان ايندس زخمن جا نشان پهري ڪڏهن

## آهٽون آس پاس

ڪيترا پاڇا ڪيترا هٿيار ڪيتريون دانهون

---

(★) سمنڊ جي لهندڙ وير.

ڪيترين مانيون ڪيترو لوڻ
ڪيترا نه ڏسڻ ۾ ايندڙ ڏوهه

سيڪجهه ڏوئي ڇڏيندڙ مينهن
پوءِ ڪيترو طوفان ڪيتري لُڪ

ڪيترو هي ڊُکُ سمورو
صدين کان ڪيترين اذيتون هٿ ٻڌل
ڪيڏو وڏو ڊوڙڻ جو اتهاس

ٻڌو
ڪيترين ڪيترين
آهٽون
ڪيترين ڪيترين آهٽون
آس پاس...

## ديوتائن جو سپنو

بادل گجن ٿا
۽ مينهن پوي ٿو اوهيڙا ڪري
جبل روئن ٿا ۽ نديون پرجيو اچن

زبانن جي نيري اُفق جي ٻئي طرف
هڪ قديم ماٺ جي لپيٽ ۾
سمورا شور ختم ٿي ويندا آهن

تڏهن اهي عورتون اچن ٿيون جن سان
ديوتائن جي دَيا سان 'زنا' ٿيو هو
پوءِ اهو سمورو رت اچي ٿو جو گم ٿي ويو هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سمنبن جهڙو هاهاڪار ڪندي وهڻ لڳي ٿو

تڏهن اهي گهر ڏسڻ ۾ اچن ٿا جيڪي
بسنت جي سائي ستابي سنگيت ۾ ساڙيا ويا هئا
ظاهر ٿين ٿا تاڙيون وڄائيندي پراڻا دروازا
ڪڙ ڪڙ ڪندي نچنديون اچن ٿيون دريون
جهنگلي تال گونجائيندا اچن ٿا رڌڻي جا برتن

پوءِ اهي ديوتا
جن دنيا کي هر هر رچيو ٿي
دانهون ڪندي ناس ڪندا ويندا هئا
ڏسجن ٿا پڇندي

## راڄ ڏانيءَ ۾ پنهنجي هڪ جنم ڏينهن تي

ڪنهن مقدس ڪتاب ۾ لکيل نه هو
نه ڪنهن منگول سورمي جي چمڪندڙ اکين جهڙيون
ٽيندڙيون آهن سفاڪ ۽ چمڪندڙ راڄ ڏانيون
ڪنهن سياڻي مون کي نه ٻڌايو هو
نه راڄ ڏانيءَ ۾ ٽيندا آهن ڪي چمتڪاري ملاح
جيڪي اُڇلائيندا آهن هر پنجين ورهيه
ڪيتن ۽ رَتُ پياڪ ڪارخانن ڏانهن
محاورن ۽ ڪڏهن ساپيا نه ٽيندڙ سپنن
جو هڪ مهاچار

ڪنهن نه چيو هو
نه هي ٻارن جي بک کان ڦهليل هٿ ترين پرسان
هيل بلاڊ ۽ لائيڪا فليڪس ڪنيو گهمن ٿا سياح
مُش هري جي بارود ڀريل ميون مون کي ڪڏهن نه چيو هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ڪجھہ ٻيا ميوا آهن جن کي رت سان ريج ڏبو آهي
۽ جيڪي بيٺا هوندا آهن اڪيلا جھومندي
راشٽر پتي ڀوَن جي باغ ۾

ختم ٿيو هڪ ٻيو سال هڪ ٻي ميري ڳنڍ لڳي
هن طلسمي نگر ۾
جتي فائيلن ۾ بند حڪمن جا ڪھاڙا لڳندا آهن
۽ ڪنهن جنگم پوميا ڪنهن ڪِشتا گوڙ جي ڪنڌ تي
’ڪچ‘ جي ڊيڇاريندڙ آواز سان ڪِرندا آهن

امان، دهليءَ ۾ ٻاوهين ڊسمبر جي انهيءَ شام جو
وزيرِاعظم جي لان تي خوش ڇهرن سان نينگ ڏيئي رهيا آهن گهٽا مسخرا
گهٽائي اديب، صحافي، گهٽائي مسيحا
گهٽائي ديس جا رکوالا

سيمينٽ ۽ ڪنڪريٽ سان ٺهيل مهان آتمائون
اشوڪ هوٽل جي ڪنوينشن هال ۾
نچندڙ ڇوڪريءَ جي نرت جي لئہ ۾
گم ٿي وڃن ٿا هٿڪڙين ۽ ٻيڙين جا آواز

اڄ رات سمهڻ کان اڳ، مان سوچيان ٿو
مون کي
پاڻ کي مبارڪباد ڏيڻ گھرجي.

## مان توکي نہ لکندس!

مان توکي نہ لکندس
تہ منهنجون اکيون خراب ٿي ويون آهن
مان نٿو لکڻ چاهيان تہ هڪ جلوس ۾ مار کائڻ کان پوءِ

منهنجي ساڄي گوڏي ۾ لڳاتار سُور رهي ٿو

هڪ سرڪاري شخص منهنجي پاڇي کان وڏيڪ ڪلاڪ
منهنجي آسپاس گذاري ٿو

مان لکندس ۽ تون روئندينءِ سڄي رات
ته ڪيتريون ئي شامون هونئن ئي هليون وينديون آهن
بنا ڪجهه ڪائڻ جي

جڏهن مان توکي لکڻ وهان ٿو
منهنجين آڱرين تي سگريٽ جا ڪارا داغ چمڪندا آهن

۽ مان قلم واپس بند ڪري ڇڏيان ٿو!

## جنهن ڏينهن مان گهر مان هليو هئس

جنهن ڏينهن مان گهر مان هليو هئس
صبح صبح
ماڪ ۾ پنل هڪ آڪيرو زمين تي ڪريو هو

پليٽ فارم جي پيڙ ۾ چلجي ويئي هئي منهنجي مرڪ
مون چوڻ جي ڪوشش ڪئي هئي
'الوداع'
'في الحال الوداع'
پر اُن کان اڳ جو اهي لفظ توتائين پهچن يا
خود منهنجن ڪنن تائين پڻ
ڪين اڏاري ڪٺي ويئي ڏوڙ پرپيل هوا
ڪاساين جي پاڙي ڏانهن
چوڌاري ٻالڪپڻ جي تازي رت سان پرپيل لفظن جي گهُر
لڳاتار وڌي رهي هئي هن شهر ۾

دونهين سان پريل هڪ لالٽين ۾ ڪئين سال
ڦاٽل سوڙين ۾ ويڙهيل سرديون ۾ ڪيئن سال
ڪپريل جي ڇاپرن جي هڪ ڦڪي اُداس دنيا ۾ ڪئين سال
شام جي آسمان ۾ ٽنگيل هڪ پڳل سليٽ ۾ ڪئين سال
هڏن ۾ سرڪندڙ موت ۾ ڪئين سال
سال به سال ڇتيون لڳل سال به سال ڪنگهندڙ سال به سال
سڪل پنن سان پريل
لهي آيا هئا
الوداع لاءِ ڪڇيا
نامعلوم ڏڪڻيءَ ۾ ڏڪندڙ اُنهيءَ هٿ جي ويجهو
جيڪو تنهنجو هو
الوداع لاءِ ڪڇيل انهيءَ هٿ لاءِ هئا
اُهي ڪجهه لفظ
جن کي انهن هٿن نه ٻڌو
۽ اهي ڪوس گهر ڏانهن نيا ويا

اڄ تائين ڦري ٿو منهنجي ياد جي خالي ٽُڙ ۾
پليٽ فارم جي پيڙ ۾ ڏنڌلايل تنهنجو ٽڪل
لڏندڙ هٿ
جڏهن ننڊ مان جاڳندا آهن سال به سال جڏهن
لڪين ورهين جا داستان واپس موٽندا آهن
ننڊ جي رستي سنسار ۾
جڏهن جيئرا ٿيندا آهن سمورا پٽر
قلمن، پارڪن، مندرن ۽ ڊرائنگ رومن ۾ ماضي اوڳاڇيندي
پٽڪندو آهي اهو تنهنجو هٿ جو الوداع لاءِ اٿيو هو

۽ تاريخ ۾ جنهن جو ڪوبه ذڪر ڪڏهن نه ٿيٽو آهي

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اِبار رَبي

هندي (ڀارت)

## مان ڇئن سان مري به نه سگهيس!

هاٿي ڊڄڻ سان ڇا ٿيندو
هوم ورڪ ڪيم ڪين
هاءِ هاٿي ڇا ٿيندو؟
مشق ڪيم ڪين
سبق ياد ڪيم ڪين
ڪوڙا اچنم ڪين
انگ سمجهيم ڪين

اسڪول گسائڻ سان ڇا ٿيندو!
جلد لکيم ڪين
ڪتابن جي ٻُجڪي ٽنگي ڇڏڻ
يا لڪائي ڇڏڻ سان ڇا ٿيندو!
ڪتاب ڦاڙي ڇڏڻ
يا جوڙي رکڻ سان ڇا ٿيندو!

گهر جو ڪم ٿيم ڪين
ٻاهر راند ڪرڻ ڇڏيم ڪين

ٻارن سان ڇيڙڇاڙ ڪندو رهيس

---

اِبار ربي(Ibbar Rabi): علي ڳڙهه ۾ جنم ٿيس ۽ اُتيئي تعليم ورتائين. ڪجهه عرصي تائين درس و تدريس سان واڳيل رهيو ۽ پوءِ صحافت سان سلهاڙجي ويو. هنديءَ جو منفرد شاعر. 1985ع ۾ 'لوگ باگ' شعري مجموعو شايع ٿيل. 'نوَ ڀارت ٽائيمس' سان لاڳاپيل. نيو دهليءَ ۾ رهي ٿو..

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زال سان آڪڙيو رهيس
اخبار ڪٽي ليتيو رهيس
ناول اٿلائيندو رهيس
ڪپڙا ويڙهي رکيم
نَهن لاٿم
جُوتا چمڪايم
آچار جي بوتل صاف ڪيم
چانهه پيئندو رهيس
پاڙيسريءَ جو ريڊيو ٻڌندو رهيس
هوا کي گارڙنم
دري کوليم
دروازو زورائتو بند ڪيم
ميز چنڊيم
ڪتاب ناهي رکيم
زندگيءَ ۾ ڪجهه نه ڪيم
مان چئن سان مري به نه سگهيس

●●●

www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

## پدم ڌر ترپاٺي
هندي (ڀارت)

# اچن ڪبوترن جا دڪان

ٻاهر ـ
هوا ۾ لهرائيندڙ وڻ
نَهن سان ڇهنيل وقت جي گرمي
شيون
ماڻهو
نالا
ـ سڀ هٿن مان کسڪندا پيا وڃن
ٽٽندا پيا وڃن وعدن ۽ دعوائن جا راز
پوءِ بہ پاڻ کي هلڪو محسوس ڪريون ٿا اسان
ڄڻ تيز بخار لهڻ کان پوءِ...

اهو سچ آهي ـ
پاڙي جي پڪيڙ خالي خالي آهي
بناوٽي آهي لفظن جي لڙائي،
پر عادت ئي تہ آهي ـ
عين موقعي تي اسان صحيح تلخيءَ جي بدران
بند مُنهن ۾ رکو تلخ محاورا اڏاريون ٿا
ـ يعني هڪ ڪيفيت:
پيرمان لهي ويل جوتي وانگر ـ

---

پدم ڌر ترپاٺي(Padamdhar Tripathi): هنديءَ جو نوجوان شاعر ۽ نقاد. لکڻ سان گڏ صحافت سان بہ ناتو نباهيو اٿس. 'سهج ڪرتا' ڏارا جو ڪوي. نيشنل پبلشنگ هائوس سان لاڳاپيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن کي ڪوڙ يا سچ بنائي پاليون ٿا
پنهنجي چوڌاري
شور ۾ ٽڪل ـ پوٽيل اکين جي آرپار...

بيڪار ناهن ـ ڏند يا اک: نوان يا پراڻا
ـ سمورين بدحواسين کان الڳ
اسان جي ضرورت هوندا آهن
ـ اسان کي خبر آهي: اسان جي اگهاڙي تصوير
شهر جي هن چوڪ تي چنبڙائي ويئي آهي
جتي اونداهي ڊگهي ٽيڻ تي
اچن ڪبوترن جا دکان سينگارجن ٿا!
ـ ۽ پوءِ به اسان جهنڊن جي هيٺان
شهادت ڏيندڙ چوڌاري حالتن ۾
ڇٽڪندڙ گهٽنائن سان
چپ چاپ ٺاهه ڪري وٺون ٿا ـ
ڇوته سڌي ڪارروائي ڪرڻ بدران
اسان کي سرحدن جي پابندي مفيد آهي!

اُميد آهي پوءِ به، رڳو ان لاءِ جو ـ
خطرناڪ تڪليفن سان گهيريل
سموري ڇڪتاڻ ـ
دمامي جي آواز سان گڏ
جڏهن جڏهن اوچتو ڪمزور ٿئي ٿي
ـ هڪ انتظار وانگر هڪا ٻڪا ٿي اسان
دريءَ مان ٻاهر ڏسڻ لڳون ٿا
پنهنجي خلاف ـ روشنيءَ جي طرف...

●●●

# ليلاڌر جگوڙي

هندي (ڀارت)

## زبان ڪُشي

زبان هروقت ٻوليءَ ۾ ايترو نٿي رهي
ٻُڪ ۽ سواد ۽ ٽُڪ ۾ جيترو رهي ٿي
انهن ڪاريگرن مان هڪ سوچيو
جن جي زبان ۽ جنهن جا هٿ ڪپيا ويا هئا

ڳالهائڻ ۽ چکڻ ٻئي نه رهيا آهن
رڳو ڏسڻ رهجي ويو آهي
۽ هاڻي نانگ بنجڻ کان سواءِ
پنهنجي ڏسڻ مان ئي ٻُڏلو آهي
ايئن جو جنهن ۾ زبان جي ڏکي ڳالهه ٻولهه کان سواءِ
جيڪا بنان هٿ جي، ٻري ڪنهن ڳُوري شيءِ کي ڇهندڙ
دستڪارمن جي گونج هجي

اهڙي گونج، جنهن کي ڪوريئڙو به پنهنجي آتما ۾
ٻڌندو آهي ۽ هڪ ڄار اُڻيندو آهي
ڪاڏو ڦاسائڻ لاءِ
جنهن کي هرڪا آتما ٻئي ڪناري تائين تاڻي ٿي
جتان موٽبو ناهي، پر ڪوريئڙو موٽي ايندو آهي
اهو ڄاڻڻ کان سواءِ ته اندر ڪيترو سٽ باقي آهي

---

ليلاڌر جگوڙي(Leeladhar Jagudi): جنم 1 جولاءِ 1944ع، ڳوٺ ڌنگڻ، اترڪاشي (اتر پرديش). هندي شاعريءَ جو سگهارو شاعر. سندس خاص ڪتاب آهن: 'ناٽڪ جاري هئه' ۽ 'اس ياترا ۾'، 'شنک مُکي شِکرون پر'، 'رات ابهي موجود هئه'، 'ٻچي هوئي پرٿوي'، 'گهبرائي هوئي شبد' ۽ 'پئه ٻي شکتي ديتا هئه'.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهٽي ايجا باقي آهي اُنهيءَ ڏينهن جي ڳالهه ٻولهه
جنهن کي چاهيندي به مان ڳالهائي نٿو سگهان
ياد اچي ٿي دُن ۾ دماغ سان جڙيل
اها وڇايل تندرستي ۽ رسيلي زبان
جنهن تي هڪ به ڦوڪٽو نه هو اُن ڏينهن

اُن آخري ڏينهن واري زبان ياد آهي مون کي
هوءَ منهنجي آواز جي پاڙي ۾ ليٽيل هئي

جهڙي ريت گونگي مٽي اُڀاري ٿي گُل ڦل
خوشبوءِ سان جڙيل هڪ مڪمل ٽڙيل گل
اهڙي ريت مان ڪيس ياد رکي ويٺو آهيان

رڳو هڪ گل ئي نه زبان هڪ وڏو جهنگ آهي
هڪ پورو باغيچو
جنهن ۾ طرح طرح جا لفظ ٽڙندا آهن
جملا ڪرَ کڻندا آهن ۽ ٻولي لهرائيندي آهي

پر اُن ڏينهن جي جيڪا اوندهه بيٺي آهي
منهنجي اکين ۾ منهنجي نڙيءَ ۾
انهيءَ کي جيڪڏهن مان ائين چوان ته
'جڏهن منهنجي زبان کسي ويئي'
ته شايد اهو الزام ٿيندو
شڪايت ۽ تشدد به ٿي سگهي ٿو
پڙڪائڻ واري ڳالهه به ٿي سگهي ٿي

انهيءَ ڪري مان چوندس ته پاڪيءَ جي چانءِ هيٺ
زبان جڏهن آرام ڪندي آهي
هڪ سفر شروع ٿئي ٿو ٻي زبان جي طرف
اونداهيءَ ۾ هڪ گونگو سفر

جنهن ۾ گل اڳيئي لڳل آهن تارين تي
ڇڻ ڪو جنم ڪان ئي سوريءَ تي چڙهيل هجي
هڪ جو به انت ٿيندو هجي جنهن ايڪانت ۾
ان ۾ به سيني ماڻهن کي بيٺل ڏسان ٿو
ڇڻ باغيچي جي ريلنگ سان گهيريل وڻ هجن
جن جا ننڍا ننڍا ايڪانت جيڪڏهن جوڙي ڇڏجن
جن ۾ اهي ڳالهائيندا ناهن رڳو اُيرندا آهن.
منهنجا سمورا ايڪانت جيڪڏهن جوڙيا وڃن
جن ۾ مان چاهيان ٿو پر ڳالهائي نٿو سگهان
ته اهو هڪ سموري جهنگ جيترو ايڪانت هوندو
جنهن ۾ بيهي به وڻ
پنهنجو پج ناهڻ نٿا پُلجن

۽ انهيءَ مان اُن سلسلي وٽ
پهچائي سگهبو
جتي زبان ته آرام ڪندي آهي
پر تجربا
هنرمند دوستن جي انهن هٿن کي چڙهي وڃن ٿا
جيڪي ڏسڻ ۾ نٿا اچن
پر جن جا هٿ اڪر
عمارتن کان وٺي عبارتن تائين پکڙندا وڃن ٿا

ائين جڏهن مان پنهنجو پاڻ وٽ اچان ٿو
تڏهن پنهنجو شاعر رڳو بنجي وڃان ٿو
ڪپيل زبان ۽ ڪپيل هٿن جي باوجود
پوءِ ٽڪوريٽڙو پنهنجي سُٽ تي هلندو آهي
پوءِ ماڪ موتين ۾ بدلجي ويندي آهي
پوءِ هڪ هوا گهُلندي آهي
جا هندي سمنڊ ۾ وار سُڪائي ٿي

۾ جبل جي ڏار تي ويهي
سُڪائيندي آهي پنهنجو سُونهري پيٽو
اها هڪ هوا
جيڪا ڪئين هزارين ورهيہ ڏکين هوائن مان اچي
منهنجي نڙيءَ ۾ اٽڪي پوي ٿي
جيڪا لفظ اندر گهڙي طوفان اُٿارڻ چاهي ٿي
دل چوي ٿي ڪپيل چنبن ۾ ويندڙ اجالي کي
پنهنجي اَلپ زبان کي چوان
پر اها هڪ ٻي رتوڇاڻ ٿيندي
اهڙي جو جنهن ۾ سڀ دليون، سڀ سر
مشينن هيٺان
هڪ ئي ٻتڻ سان ٻاريا وِسايا ويندا.

سوچيو تہ جڏهن هٿ ۽ ٻولي ٻئي نہ هجن
تڏهن جيڪڏهن زبان بہ نہ هجي
تہ جانور بہ نٿا ٿي سگهن
چوتہ اهي پاڻ کي ۽ پنهنجن ٻارن کي بہ
ٻوليءَ سان نہ زبان سان چَٽيندا آهن

پر مان ڇهرو پنهنجو ڇهي نٿو سگهان
لفظ کو پنهنجو چئي بہ نٿو سگهان
نَهن کان چوٽيءَ تائين مون ۾ اجا بہ پيدا ٿين ٿا

سِر بچائڻ لاءِ مان پنهنجو ڌڙ مٽائي ڇڏيان

ڇا آهي هي منهنجو، هي منهنجو سر؟
ڇا آهن هي منهنجا، هي منهنجا وار؟
ڇا اهي جذبا چئي ڪپي ڇڏيان؟

بيچيني، هڪ اهڙي ٻي چئني جيڪا ڪنڌائَن وٽن ۾ ٿيندي آهي

جن جو سمورو رس ڪنڌن جي منهن تائين پهچندو آهي
۽ موتي پاڙن وٽ پنهنجا ڪن
متيءَ سان پري چڏيندو آهي
آنما جي اونداهيءَ ۾ جتي ورهين کان انتظار آهي
ساهه جي ڪنهن هڪ ٻي آهٽ جو

گهٽو ڪجهه هوندي به ڪجهه ناهي آس پاس
ڪجهه ناهي وات ۾
ڪجهه ناهي جاڙين وچ ۾
پهاڙ جي چوٽين وانگر گهري ماٺ آهي

پر رت سان ريجيل تورڙي دوستي
مون کي هر هر لهرائي ٿي چڏي.
جبل جي چوٽين جي وچ ۾ اُپريل گاهه وانگر

گلن جي ڪِرڻ کان پوءِ ميون جي دنيا کان ٻاهر
ٻُڪ جي سنسان ۾
مُٽ پريل متي ۽ انچ جيتري اونداهي جنهن لاءِ
ٻچي داني ٻنجي وجن ٿا.

۽ اها سائي ٻولي نه ٻاتائي ٿي
نه مُنجهي ٿي ٻلڪ تاٿجي ٻيهي رهي ٿي
۽ جُهڪڻ سان جيڪا ٽُٽي نٽي بس چنبڙي پوي ٿي
ٻن جبل جي چوٽين جي وچ ۾
انهيءَ مِتي ۽ اوندهه کي
هڪ جهرڪي جيڪڏهن ڪوتي نه پوري طرح وهنجي به سگهي ٿي
تعجب آهي...

مان جيئن ئي ڪجهه ڪرڻ چاهيان ٿو.
تيئن ئي ڳوليان ٿو پنهنجا ڪپيل هٿ
ڪجهه چوڻ چاهيان ٿو ته ياد اچي ٿي ڪپيل زبان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجن سمورن رشتن تي انهن ئي ٻن جا تفصيل درج آهن
جنهن کي منهنجو ڏڀ هو
اُن کي انهن کان ڏپ هو
هن جي من ۾ منهنجون اهي ئي ٻه شناختون هيون

هاڻي مون کي هڪ سپنو ڏسڻو آهي
هاٿين جي جهنڊ ۾
گهوڙن جي جهُنڊ ۾
داڻو پاڻي ڪاڏل سانن جي جهُنڊ ۾
ٽرئفڪ جي وهڪري ۾، ٽائيم ٽيبل ۾
آسمان جي ٿاله وانگر نچائيندڙ سپنو
زمين جي سِر تي باغيچي وارو سپنو
جنهن ۾ وٽڪار جي پاڙ مان اُپريل
هر گل جو چهرو سجاڳ ۾ اچي سگهي
جو ته هر چهري ۾ هڪ اڻ ڏٺل زبان هوندي آهي
جيڪا اُن جي زبان کي پري پري تائين ڦهلائيندي آهي
۽ ڏِسائن جا هٿ سگهارا ٿي ويندا آهن

هاڻي مون کي هڪ سپنو ڏسڻو آهي
اهڙو جنهن جي ڇاتي لوهه جي ۽ دل گلن مان ٺهيل هجي
جنهن جي اکين ۾ دريا ۽ زخمن ۾ ڏيڏون هجن
جنهن جي آس پاس
ننڊ جي ڪارخاني ۾
ڌرتي
ڪير سان پريل ٽڻ وانگر اُپري رهي هجي
هڪ اهڙو سپنو
جنهن ۾ پنهنجي ڪريل حصي کي مان چمي رهيو هجان
جيئن سج
اونداهيءَ کان ڪسي ڌرتيءَ کي چمندو آهي

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ۽ اڇا تون مون کان پڇين ٿو!

تون مون کان سوال پڇين ٿو
۽
مان توکان سوال پڇان ٿو
پر ڇا لفظ اسان جي وچ ۾ زنده آهن؟

گهري اونده ۾ کوهه آهن
انساني آوازن جا وڻ آهن
جڻ گونگو ماڻهو هجي اڌ رنگ ۾

۽ اڇا تون مون کان پڇين ٿو ـ
"اهو ڪير آهي جو ڳالهائي ٿو؟"

ڪهاڙي اُڀي نه ڪر
فرش تي انهيءَ ڪوئلي ٽُڪر سان
ڪمري کي نه ڏيڇار

هي چڀيل لفظ
جيئري ماڻهوءَ جي سُرپاتن جا
ڀاڃا به ناهن

چندرڪانت ديوتالي (Chanderkant Deotale): گورنمينٽ ڪاليج رتلام ۾ هنديءَ جو اُستاد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي اهي نہ ڏيکار
اهي ٽڏي ٽيل رک ۾
انڌين ڪوڏين وانگر آهن

تون مڙهي ڇو نٿو سگهين؟
پنهنجا نَهن لاهيان؟
مان ڇو نٿو ڪري سگهان ـ
ـ وقت گذاري لاءِ

سمنڊ بي سُرت ڪِريو پيو آهي
آسمان کي پڻ خبر آهي
پر هي وقت ناهي
در کولڻ جو
۽ گهنٽيءَ کي ڪمري ۾ گهِڙي اچڻ جو

هوا تي ڀروسو رک
هوءَ جهنگ جي ماٺ ٽوڙي ڇڏيندي
۽ وڻ گونگا ٿي نہ ويهندا
هوءَ سمنڊ ولوڙي ڇڏيندي
۽ لفظ گجيءَ مٿان ترندا

تيستائين
ڳالهايل لفظ مون تي ڏنڊَ ڪرٽيندا
ماٺ ڪر
۽ ريڊيو پڻ بند ڪر.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اروڻ سيدوَل

هندي (پارٽ)

# ٽڪرا ٽڪرا زندگي!

### صبح:

اوجاڳي جوٽڪ
ڪِر ڪِر واري چانھ
گھَڙيال جي ڪانٽن تي
گھمندڙ جسم
آفيس ڏانھن سفر ۾

### ٻپھري:

قلم ڪول
فائيل ڪول۔
(پس منظر ۾:
راشن، دال، ڪڻڪ، چانور، مسواڙ
اوڌر، مھمان، دوائون، شراب...)

باس۔
چڙ
صحي
ٽرنگ... ٽرنگ...

---

اروڻ سيدوَل (Arun Sedwal): ناسڪ (مھاراشٽر) جي ڊفينس اڪائونٽس ۾ جوائنٽ ڪنٽرولر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رات:

ڦاٽندڙ رڳون
ڪوسو بيڙ
سرد ڏال...
ڪنڊائون بسترو.

●●●

# جڳديش چترُويدي

هندي (يارت)

## ۽ هاڻي...!

ڪاٻه پڪ آٽت نٽي ڏي
ڪوبه چهرو نٽو وٽي
پنهنجو چهرو پڻ
آرسيءَ ۾ جيڪو
جنوني ڪبوتر جهڙو ٽو پسجي

●●●

جڳديش چتر ويدي (Jagdish Chiturvedi): اَڪوِتا جو شاعر. اڄ ڪالهه دهليءَ ۾ هندي ڊائريڪٽوريٽ ۾ ايڊيٽر.

# ٻلديوَ ونشي

هندي (ٻيارت)

---

## گهر، نفرت ۽ مقدر!

هڪ ڀار جوڙي ٿو
واريءَ جو محل
پنهنجي پير سان
۽ خوش ٿئي ٿو

ٻيو ڀار
ٽُڏو هٽي ڍاهي ٿو
اهو واريءَ جو محل
۽ فخر وچان ڳاٽ اوچو ڪري ٿو

ٽيون ڀار
ڪجهه به نٿو ڪري
رڳو ٻيهي
ماٺ ڪري
واريءَ جي محل جو
مقدر ٿو ڏسي
۽ ڏسي ٿو نفرت جي احساس ڪي!

## اسڪول

ننڍڙو نينگر

---

ٻلديو ونشي (Baldev Vanshi): شاعر ۽ نقاد. سوني پٽ ۾ هنديءَ جو استاد. ڪيترائي شعري مجموعا شايع ٿيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوڙي ٿو مٽيءَ جا رانديڪا
۽ انهن جي سُڪڻ جو
ڪري ٿو انتظار

پوءِ هُو سڪي ويل رانديڪا
ميڙي رکي ٿو پنهنجي چوڌاري
۽ فُخُر وچان ڳاٽ اوچو ڪري ٿو

ڦڙتيءَ سان پوءِ هو
ٻيجي ڇڏي ٿو
اُهي سڀ مٽيءَ جا رانديڪا
۽ ڪلي ٿو خوشيءَ مان

هيءَ ٽن ورهين جو نينگر
ڪٿان سکيو
هي سمورو علم!

●●●

# هريش پاٺڪ

## سوال

اوچتو
منهنجي پٽ ۾ وينل ٻار
جيڪو ماٺ ڪريو ويٺو هو
گنڀير سوال پڇيو ـ
اسان جو ڪو مستقبل آهي؟

مان اُن مهل
ڪاٻه واهيات شيءِ
ڪرڻ جي ارادي ڪان
ورانڊي ڪان ٻاهر
سڙڪ ڏانهن نهاري رهيو هوس
اِهو ٻُڌي ڏانهس مڙيس

جيتوڻيڪ مان ڪو صحيح جواب نٿي ڏيئي سگهيس
تڏهن ٻه چيم ـ
دريا ارڏائيءَ سان وهي رهيا آهن ۽
جبلن ڏانهن موٽي رهائش اختيار ڪرڻ وارا آهن

هُن اِهو ٻڌو يا نه
پر اِجا توروڏيڪ سُري

---

هريش پاٺڪ (Harish Pathak): دهليءَ ۾ رهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اشارو ڪري مون کي چيائين ـ
'پپا! ڏس ڪُتو ڪڏهن ڪري پيو آهي!'
مون ڏٺو:
چار پنج ٻار
تاڙيون وڄائيندا ڪُتي جي چوڌاري نچي رهيا هئا
مون کي ڏاڍي کل آئي ۽
هو پڻ ٽپا ڏيندو هليو ويو
۽ انهن ٻارن جي ميڙ ۾ وڃي شامل ٿيو
مون محسوس ڪيو
ساڳي ريت ڪنهن جي تاڙين سان
سڀ ڪجهه اٿين گذري ويندو

مان اندر ويس
منهنجي زال مورتين ۽ تصويرن اڳيان تاڙيون وڄائي
ڀڄن ڳائڻ ۾ محو هئي
اندر تاڙيون ـ ٻاهر تاڙيون
جبل کان دريا تائين اهو سفر ڏکجي پيو
۽ انهيءَ سوال کان پري
اهو ٻار ڪيڏي پيو

مون کي ٻڪ جو احساس ٿيو
مون پنهنجي زال جو ڌيان ڇڪائڻ جي ڪوشش ۾
تاڙيون وڄائي
پاڻ کي رُڌل رکيو.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شاعر اڄا جيئرو آهي!

هن جو نالو هو
بهار جهڙو
ڪڏهن ڪڏهن
جيڪڏهن ڪو سندس نالو ڪٽندو آهي هاڻي
هڪ پوائتي روشني
ورائي ويندي آهي مون کي

پيار جي آرسيءَ ۾
ڪومايل گل
دل
ڇو ٿي ورجائين
اها غلطي
هر وقت

اونداهيءَ جي سمونڊ ۾
ڪوتائون
ٻاٽمرادو هليون ايندڀون آهن
دل ۾ نه ڪجاڻ دوست جيڪڏهن
ڪجهه بيهودو چوانءِ

سچ ڏيا ٻاري ٿو

---

ڪيدارنات ڪومل (Kedarnath Komal): سندس ڪافي شعري مجموعا ڇپيل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُميدن جا ء
خوش ٿئي تو هر روز
پرماڻهو
انڌو ماڻهو
وڃائجي ويو
اونداهيءَ ۾

ٻُڪ رنو هو
صديون اڳي
هٿ ٻڌي ايلاز ڪندي:

ٻڪ روئي ٿي
اڄ پڻ
نئين اسٽائيل سان، نئين ميڪ - اپ سان

هڪ هڪ ٿي
سڀيئي اهڃاڻ ٿئي پيا آهن
خيال پٿڪن پيا جهنگل ۾
شاعر اڃا جيئرو آهي ميوزيم ۾

دولتمند بيچئني محسوس ڪن ٿا
مهانتا جي وحشي سنگيت جي ڪاڻ
غريب پٿڪن پيا
ننڍڙين محبتن جي ڪاڻ

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نَسل ڪُشيءَ جو پڌرنامو!

جبلن تان هيٺ ڀرندي
مان شهر جي ديوارن ۾ گهڙيان ٿو
جتي هو پنهنجون قبرون کوٽڻ ۾ رڌل آهن

هي پاڪ زمين
هڪ وڏو قبرستان آهي
جتي جا حاڪم وڏا ڪوئا آهن

۽ مان؟...
مان اڳيئي ڪفن ۾ آرام سان پيو آهيان

مان بيشڪ رڙيون ڪري سگهان ٿو
مون کي لکڻ لاءِ پني- ٽڪر ته ڏيو
پر هڪ سُڪل ماني- ٽڪر لاءِ پڻ
ڀُٽڪڻ جي جرئت نٿو ڪري سگهان

منهنجي حاڪمن کي رڳو هڪ لفظ جي خبر آهي:

ترس

ان کان سواءِ سندس وڏي ميچالي ۾
ٻيو ڪو لفظ آهي نه ٿيون.

●●●

---

گنگا پرساد وِمل (Ganga Prasad Vimal): شاعر ۽ ناول نگار. دهليءَ جي ڪاليج ۾ پڙهائي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شري ڪانت ورما

## جلسہ گهر

اهوئي سوچيندو لنگهي رهيو آهيان
تہ لنگهي ويئي پرمان گولي
سرڙاٽ ڪندي
ڇا ڪٿي ڌاڙو لڳو آهي؟
انقلاب تہ نہ آيو آهي؟
ڪجهہ بہ هجي
مان هلندي رهڻ کان سواءِ ڪجهہ ڪري نٿو سگهان
بس هڪ نقشي جي آرپار ملڪ کي ڏسندو رهان ٿو.
هر سال هن جو چهرو بدلجي وڃي ٿو
ڪَڇ هجي يا چِين
تيستائين ٻي گولي
سرڙاٽ ڪندي
حد ٽي ويئي، ڪجهہ چوٽو ئي پوندو
نہ ادا، ڪا حد ڪانہ ٽي آهي
هليا اچو اندر، مون کي اگهاڙو ڪريو
پٺيءَ تي ڇهبڪ هڻو
منهنجي ڇهري تي لکي ڇڏيو "هي گڏهہ آهي"
پر هر شخص پنهنجي ڪرسيءَ سان ڇهتو پيو آهي
۽ پنهنجي بي حيائي چوڏهن پيسن جي ڦٽو تي سان سنواري رهيو آهي

---

شري ڪانت ورما(Shrikant Verma): چار شعري مجموعا، هڪ ناول ۽ بہ ڪهاڻين جا مجموعا ڇپيل.
يونيورسٽي آڦ ورا ۾ اُستاد. راجيہ سڀا انڊيا جو ميمبر ٽي رهيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچ چڪلي ۾ وچ، قاتل فراسيءَ تي ٽپا ڏي
جهنم ۾ وچ، مناري تي چڙهي وچ
اُبرندڙ محبت ۽ ضدي خواهش ۽ هٺڪندڙ غصي کي گُهٽو ڏيئي ڇڏ
پر انهيءَ سان ڇا ٿيندو؟
ڪجهه به نه ـ مان ته بس پاڻ کي خالي ڪري ٿو ڇڏيان
جيئن ڪا گهٽو پونءِ سان پرچي وڃان
ايگزيما هجي يا خارش، موهيڙا هجن يا ڏڀ
مترا جو سور داس ملم استعمال ڪريو

ڇا چيو؟ سانڊي جو تيل؟
نه ڀائي نه
وهريل عورتون وچي سگهن ٿيون
ادا جهڙو به آهيان مون پنهنجي زندگي گهاري ڇڏي
نه ادا نه
سيئي هنڌائتا وڃي ٿين...
پاپ سنسار ۾
وزير طبيلن ۾
ڪوڙا جڙتو ماڻهو شرمگاهن
۽ آفيسر جمخانن ڏانهن وڃن
مينهن نه وسندو
شه سرخين سان ڪچا ڪچ پريل راڄڌانيءَ ڪان سواءِ
سڀ مري ويندا
پيٽ ۾ سور آهي؟
هاٿي ئي انجيڪشن لڳرايو گيهه جو
اگهه پيٽو تي ويو
لڳي ٿو هر شيءِ بي رس ٿي وئي
ڇا چيو؟
نه نه مترا جو سورداس ملم ته مفيد آهي
ايگزيما هجي يا خارش، موهيڙا هجن يا ڏڀ...

حڪومت ڪا به هجي مان ڪنهن جا شرط نٿو مڃان
ڪنهن جو دليل نٿو ٻڌان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ سائين هن منهنجي دشمن کي ماري ڇڏيو آهي
نہ ادا، منهنجو ڪو وڪيل ناهي
آدمشماريءَ کان اڳ ٿي مان هر ڪُوچي مان ڪُوچ ڪري ويندس
هر بيلٽ باڪس ۾ هڪ ووٽ گهٽ ٿي ويندو
مان ڪنهن جا شرط نٿو مڃان
ڪچا ڪچ پريل سڙڪن تان، هجوم مان، مکين جي ميڙ مان
هڪ هڪ ڪري مون کي پنهنجن سيني دوستن مان لنگهڻو پوندو
'سنيالي هل ڙي' بري طرح لغويت مون کي هيڏانهن هوڏانهن ڌڪا ڏي ٿي
گهيرو ڪري ڪٿي وٺي ٿا وڃو مون کي
ڇڏي ڏيو، مون کي ڇڏي ڏيو... نہ تہ
۽ نہ تہ جي اڳيان بس اسٽاپ آهي
جنهن جو منهن ڪنهن طرف ناهي
اڙي مون کي بہ بس اسٽاپ ناهي ڇڏيو نہ
مُون کي هسٽيريا ۾ هميشہ لاءِ پتڪڻ لاءِ ڇڏي ويو آهي

آنرري سرجن... مشوري جو وقت: پنجن کان ست ـ
مون کي بچايو، منهنجي وات جو ذائقو بدلجي رهيو آهي
سهندي سهندي
هتي رهندي مان تہ هتي جو ٽيڻ لڳو آهيان
شام ٿي
بدلائي ڇڏيو پنهنجي ملڻ جو وقت، بدلائي ڇڏيو
هي وقت اُهو وقت ناهي

دُک، ڏي وٺ، اسٽاڪ جيڪو وڪاڻو ناهي
حادثا، ويشيائون، گهيراءُ
ڪميونسٽ پارٽيءَ جو 'عوام'
جن سنگهہ جي 'گئو ماتا'
جيڪي ڪري چڪا انهيءَ جو پڇتاءُ
جيڪي نہ ڪري سگهيا انهيءَ جو پڇتاءُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن سيني خدا بخش زناني جي بي سبب موت کي ليپو ڏنو
چڱو تعزيراتي ڪارروائي شروع ڪئي وڃي
اڙي تون بچي وئين
هونئن مان ميان تو هن پيري مان توکي سڃاڻي نه سگهيس
ماڙين تان، بسترن تان، ڏاڪڻين تان
الائي ڪڏهن کان لهي رهيون آهن گڏ گڏ
نيريون، پيليون لڇايل
هڪ ٻئي سان پاڪر ۾
هن آخري ڏيک کي ڳڙڪائي رهيون آهن

نجومي مستقبل کي پنهنجي آڱر تي رکي ٿو
۽ واٽيو پنهنجي تجوڙيءَ ۾
اُنهيءَ چوريءَ جو راز اڄ کليو
جنهن تي مسٽر ٻڌو سنگهه کي تي ورهيه اڳ خواهه مخواهه اندر ڪيو ويو هو
کُليل کُليل لڳي ٿو
پر هونئن سچ پچ، ڍنل ڍنل
سانو ستابو جيڪڏهن سؤهون(❀) ماٺو
مون ڇا نيڪو ڪنيو آهي باقي نوانوي جو؟
پوءِ
دير هونئن به ٿي چڪي
گذرندڙ ڪانءُ
شطرنجي نقشي تي اڇي وينا آهن
زمين جو حساب پيو ٿئي
مون کي انهيءَ سلسلي ۾ 'ڪان ڪان' ڪرڻ جي اجازت ڏيو
معاف ڪريو، مون کي ڇڏي ڏيو
آزاد ڪرڻ لاءِ بچيو ئي ڇا آهي هاڻي
هڪ ٻيو 'اشنان' ڪري وٺان ــ جادوءَ جو اُتار هڪ پيرو اپا سهي

(❀) 100 هُون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسو نہ منھنجي تہ ھر شيءِ دشمن ھئي
پر ڏسو مون شاعريءَ کي ممڪن بنائي ڇڏيو
۽ خود بہ ڪجھہ بنجي ويس.... مھرباني آھي اوھان جي

ڪو معصوم فرزند ئي ماٺ کي ٽوڙيندو آھي، غلط ناھي
درٻاري نٽا ٽوڙي سگھن
ھيٺن آھي تہ سون ۾ توريل ڪمان ڪان سواءِ
ھرشيءِ ٽٽي پوندي آھي
ڇا ٿيندو روئڻ سان؟
بيوھہ اوٻاسي ڏيندي چوي ٿي
۽ سمھڻ ھلي وڃي ٿي
ڇُنگيءَ جو منشي ۽ مينھن جو دلال
سڃوڏينھن ڪيس ٺوڪين ٿا
مان پڇان ٿو وقت بہ ڏسن ٿا يا نہ
مون کي تہ شڪ آھي
انھن مان ھڪ کي سوزاڪ آھي
۽ ٻئي کي ڪنڍ جي بيماري آھي
رڳي رڳي خوف پيدا ٿيندو آھي
ھر ھر گھراٽو مرندو آھي
ڇا مان انھيءَ طرح لنگھي وڃان جيئن آھيان؟
ڪنھن بہ ھنڌ ترسڻ ڪان سواءِ
ڪنھن بہ شيءِ ۾ مبتلا ٿيڻ ڪان سواءِ
ڇا ائين ئي لنگھي وڃان
اي مالڪ مون کي معاف ڪر
مان سياڻي طنز ڪري ئي وڃندس
(سياڻي جڏھن فيصلو ٿي چڪو ھوندو)

●●●

# سرويشوَر ديال سَڪسينا

هندي (ڀارت)

---

## نيريون جهرڪيون

تنهنجي اکڙين تان اُڏريون
نيريون جهرڪيون
منهنجي ڪُلندڙ چپن تي ويهي رهن ٿيون
- لفظ چُڳڻ لڳن ٿيون
۽ مان جڏهن بي لفظ ٿي وڃان ٿو
تڏهن اُهي وري منهنجن چپن تان اُڏري
تنهنجين اکين ۾ هليون وڃن ٿيون
هر ڀيري
مان ماٺ رهجي وڃان ٿو
۽ تون
نهاريندي

## بگهڙ

(1)

بگهڙ جون اکيون ڳاڙهيون آهن
ڪيس تيستائين گهُوريندو رهه

---

سرويشور ديال سڪسينا (Sarveshwer Dayal Saksena): جنم 15 سيپٽمبر 1927ع، بستي (اُترپرديش) ۾. بنارس ۽ پرياگ يونيورسٽين ۾ تعليم حاصل ڪيائين. هنديءَ جي نئين شاعريءَ جي اهم ترين شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. شاعريءَ کان سواءِ ڪهاڻيون، ناول ۽ ناٽڪ پڻ لکيا اٿس. شاعريءَ جا مجموعا: 'جنگل ڪا درد'، 'ڪُئانو ندي' ۽ ڪونٽيون پر ٽنگي لوگ'؛ ٻه ناوليٽ: 'پاگل ڪتون ڪا مسيحا' ۽ 'سويا هُوئا جل' ڇپيل اٿس. 1983ع ۾ دهليءَ ۾ ديهانت ٿيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيستائين تنهنجون اکيون
ڳاڙهيون نہ ٿين
۽ تون ڪري بہ ڇاٿو سگهين
جڏهن هو تنهنجي سامهون هجي ؟
جيتوڻيڪ تون منهن لِڪائي پڇندين
تہ بہ تون ڪيس
پنهنجي اندر ساڳيءَ طرح بيٺل ڏسندين
جيڪڏهن بچي وئين

بگهڙ جون اکيون ڳاڙهيون آهن
۽ تنهنجون اکيون؟

(2)
بگهڙ ڏاڙهي تو
ون مشعل ٻار
ن ۾ ۽ تو ۾
بنيادي فرق اهو آهي تہ
بگهڙ مشعل ٻاري نٿو سگهي
هاڻي تون مشعل کڻ
بگهڙ جي ويجهو وڃ
بگهڙ ڀڄي ويندو
ڪروڙين هٿن ۾ مشعل کڻي
هڪ هڪ تي ٻُوڙي ڏانهن وڌو!
سڀ بگهڙ ڀڄي ويندا
۽ پوءِ کين جهنگ کان ٻاهر ڪڍي
برف ۾ ڇڏيوس
بکايل بگهڙ هڪ ٻئي کي ڏاڙهيندا
هڪ ٻئي کي چيري ڦاڙي کائيندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بگهڙ مري چڪا هوندا
۽ تون؟

(3)
بگهڙ وري ايندا
اوچتو
اوهان مان ئي ڪو هڪ ڏينهن
بگهڙ بنجي ويندو
هن جو ڪتنب وڌڻ لڳندو
بگهڙ جو اچڻ ضروري آهي
توکي پاڻ سجاڳ ڪرڻ لاءِ
بي ڊپو ٿيڻ جو سک چاهڻ لاءِ
مشعل ڪٽي سگهڻ لاءِ
تاريخ جي جهنگ ۾
هر پيري بگهڙ غار مان ٻاهر آندو ويندو
ماڻهو جوش وچان گڏ ٿي
مشعل ڪٽي اُٿندا

تاريخ زنده رهندي
۽ تون پڻ
۽ بگهڙ؟

## ٻاڙهي سائيڪل

سڄي رات
هڪ ٻاڙهي سائيڪل
ڪنڊائين واڙ سان ٽڪيل
اڪيلي بيٺي رهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوليس جون سيٽيون وڄنديون رهيون
سندن ڳورن بوٽن جا آواز ايندا رهيا

صبح ساجهر هڪ ٻار ڪتان ڪان آيو
۽ ماڪ ڀنل ٽڏي گهنڊٽي وڄائڻ لڳو
گهر گهر ڪندي هڪ ڪاري ڳوري گاڏي
سائرن وڄائيندي بيهي رهي
ٻار گهنڊٽي وساري
گاڏيءَ جي ڇت تي چمڪندڙ
نيري روشني ڏسڻ لڳو
پوءِ گاڏي ڪيس ڪٿي هلي ويئي

ڀريون گهمرو مان پنهنجي ڪمري جي فرش تي
درين جي ڇيڙن تي پاڇا پوندي ڏسي
ڊڄي ويس!

## هڪ نئين اُڃ

مان ڪڏهن چوان تو
ته منهنجي گهر ۾
در درين ۾ منگهه نه لڳاءِ
ڪاش تون انهن سان ٿي گهر ٺاهي سگهين
پيتيون نه هجن ها -
چوته مون کي
سانوڻ جي گلابي ڦوهار ڪان وٺي
پڊي جي سانوري مينهن تائين وٽندا آهن
مون کي برف جهڙي چانڊوڪي
۽ ٻاهه جهڙو سج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي پيارا آهن، ڏاڍا پيارا
منهنجي دعا ته رڳو ايتري آهي
ته منهنجي هن گهر جي ڪنهن ڪنڊ ۾
هڪ ننڍڙو ڪمرو اهڙو به رهڻ ڏي
جتي مان اگربتي ٻاري سگهان
جتي مان ڪجهه سنهڙا، رنگين سُگند پريا
گلن جا گيت پريل ڪاغذ
رابيل جي ڪچين مکڙين سان رکي سگهان
جتي مان ڪڏهن ڪلندي ڪلندي ٿڪجي پوڻ ڪان پوءِ وچي
ڪنهن ست رنگي ڪپڙي سان
پنهنجون آليون اکيون اُگهي سگهان
جتي مان پنهنجي اندر جي سموري ٻوساٽ
انهن خاموش گلن جي وچ ۾ بند ڪري اچان
جيڪي هيڪلائيءَ جي ٻِسي تاريءَ تان
اڻ رُڪيا وهندا رهندا آهن
جتي پهچي
مان ڪنهن پوڄا ـ گيت جي پوِتر ڪڙي بنجي پوان
۽ ڪن سنگيت پريل قدمن تي
ڪي ڪن پنهنجو مٿو ڌري
سيڪجهه وساري سگهان
جتي وڃي مان پنهنجي اندر جون
ديوارون ڊاهي سگهان ۽
تازي هوا،
طوفان،
ڦوهار،
ڇانئوڪي،
اُس،
سينيءَ لاءِ هڪ نئين اُڃ ڪٺي
هميشه لاءِ واپس اچي سگهان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نقشو

هڪ ڀار نقشو ٺاهي تو
توکي سڌ آهي تہ هو ڪيڏانهن وڃي ٿو؟
هڪ ڀار نقشي ۾ رنگ ڀري ٿو
توکي سڌ آهي تہ هو ڪيڏانهن ويو؟
هڪ ڀار نقشو ڦاڙي ڇڏي ٿو
توکي سُڌ آهي تہ هو ڪٿي پهتو؟

جيڪڏهن توکي سڌ آهي
تہ مان ڪري ويهين ها
اهڙيءَ طرح

●●●

# مان اُنهيءَ عورت اڳيان جُهڪان ٿو!

رات جو ٻالوُ جي واڇوڙي ۾
مون کي هر هر چڪي ٿي
ڪنهن جي محبت
سپنن جي سنسار ۾ هن جو چهرو نٿو ڏسجي
هن جو آواز ٻڌي شايد
مان هاڻي ڪيس سُڃاڻي نٿو سگهان

هوءَ ڪنهن خاموش روڊ تي
ٻنهي پاسن کان بيٺل وڻن جي وچ ۾
وار کولي هلندي پيئي وڃي

مان دانهن ڪريان ٿو
ڪو آهي جو کيس بچائي
هوءَ ڪٿي تيزيءَ سان ڊوڙندي ڪار جي هيٺان نه اچي وڃي
پوءِ هن جي محبت جو ڇا ٿيندو؟

گرم هوا ۾ مان ساهه کڻي رهيو آهيان
ٻالوُ جي واڇوڙي ۾ اڪيون کولي رهيو آهيان ير

---

وِمل ڪمار (Vimal Kumar): جنم 9 ڊسمبر 1960ع. هنديءَ جو نوجوان شاعر. 1986ع ۾ ”ڀارت ڀوشڻ اگروال ايوارڊ“ مليل. اڄ ڪالهه دهليءَ ۾ رهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روڊ تي اُها عورت ناهي
نه ئي ڪائي ڪار جيڪا ايندي هجي
نه رَتُ جا داغ، نه ڪنهن جي مرڻ جو ڪو نشان
نه وڻ ۽ نه ئي ڪو روڊ

مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي
مون ڪنهن پاڇي سان نه پر
هڪ عورت سان ڪئي هئي محبت
سندس هنج ۾ پنهنجو منهن لڪائي رُنو هئس

مان انهيءَ عورت اڳيان جهڪان ٿو
جيڪا منهنجي انوُيوَ ۾ آهي
۽ اڃهو هاڻي ڪنهن خاموش روڊ تي
هلندي هلندي اوچتو الوپ ٿي ويئي آهي

## هِن ئي هنڌ

ٺيڪ هتي ئي ويني هئي هوءَ
آئي هئي سهڪندي ڏاڪڻ چڙهي
۽ پرجي ويو هو ڪمرو ٽهڪڙن سان
جهاتي پائي ڏنو هئائين هن دريءَ مان
پري پري تائين آڪاس

چوڻ لڳي
هتي ئي رهنديس
ڪجهه ڪنديس
تڏهن منهنجو دوست جيڪو آيو هو هُن سان گڏ

وينو هو دروازي پرسان گمر سُمر
هيءَ ميز اُن وقت خريدي نہ هئمر

هن مرڪندي چيو
ڳوليندس هتي ئي ڪو ڪمر
نہ موٽنديس گهر
ڳالهين ئي ڳالهين ۾
مون چُپ چاپ چورائي ورتا هئا سندس وار
هوءَ کِلي رهي هئي
۽ ماڪ وانگر جرڪي رهي هئي

هوءَ ڪيترائي ڀيرا جرڪندي ويئي
رڌڻي ۾
مهينو ڪن هتي ئي رهي

انهيءَ وچ ۾ هلي ويئي
ڪئين ڀيرا ڇت تي
تڏهن ڏٺا هُن تارا

مهينو ڪن اسان ڊوڙندا رهياسين
ڪمر جي تلاش ۾
هوءَ بہ ڊوڙندي هئي پويان پويان

هن جو بلائوز رتهاڻو تي ويو هو
پنيءَ تي ڪنهن ڪئين ڀيرا چڪ هنيا هئا
اونهاري جي موسمر هئي
اسان وينا هئاسون ڇت تي
هڪ ڏينهن آيو سندس پيءُ

هن چيو:
تون هل مون سان گهر، پوءِ اچج

ڀاڳلپور کان آيل اُها ڇوڪري
هلي ويئي اوچتو
چئي ويئي:
مان اينديس تورن ٿي ڏينهن ۾

گهر ڀاريم ته ڏٺم
منهنجي ڪمري ۾ هئا سندس سپنا

ڪُنڊن ۾ ڪريل هيون
خواهشون

ڊائري اُٿلايم ته ڏٺم
چنبڙيل هئي ڪاغذ تي
سندس پينل خوشبو

ڪجهه ڏينهن ٿيا ته سندس
سهيليءَ ٻڌايو:
جيڪو دروازي پرسان وينو هو گم سُم
شادي ٿي ويئي هئي هُن جي
هونئن هوءَ ڏاڍي رُني هئي

هن جو مڙس شرابي نڪتو
پوءِ ڳوٺ ۾ ڦهلي مليريا
ته مري ويس سندس پار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏهن سالن ۾ تي ويئي پوڙهي
ڇاتيون ڍرڪي آيون
هڪ ڏينهن هوءَ ٻجي نڪتي
ڏائڻ جهڙي وري تي ويئي گهر
خبر ٿي نه پئي
ڳوٺ ڪٿي جو به نه ڇڏيو هو
پوءِ ڪنهن به سندس خبر نه ورتي

ٺيڪ هتي ئي ويٺي هئي هوءَ
آئي هئي سهڪندي ڏاڪڻ چڙهي
۽ پرجي ويو هو ڪمرو ٿهڪڙن سان
جهاتي پائي ڏٺو هنائين هن دريءَ مان
پري پري تائين آڪاس
هن جا وار اڃا تائين مون وٽ پيا آهن
اُهي سونهري ٿي ويا آهن
هن جون خواهشون پيون آهن منهنجي پيتيءَ ۾
اُن مان خوشبو پئي اچي

هوءَ وهنجڻ جي جاءِ ۾ نه رهي آهي
يا ڦاٿل آهي رڌڻي ۾
يا ڪنڊ ۾ ويهي ڪجهه پڙهي رهي آهي
يا سمهيل آهي ننڊ ۾

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منگليش ڊبرال

هندي (ڀارت)

## بابا جي تصوير

بابا جي جوانيءَ جون ننڍيون ننڍيون ڪوڙ ساريون تصويرون آهن
اُهي سموري گهر ۾ وکريل آهن
سندس اکين ۾ ڪا خوبصورت شيءِ
چٽي چمڪندي ڏسجي ٿي
اُها شايد چڱائي آهي يا ساهس آهي يا اُميد
تصوير ۾ بابا ڪنگهي نٿو
وياڪل نٿو ٿئي
سندس هٿن پيرن ۾ درد نٿو ٿئي.
هو جهڪي نٿو، ناهه نٿو ڪري

هڪ ڏينهن بابا پنهنجي تصوير جي پرسان
بيهي رهي ٿو ۽ سمجهائڻ لڳي ٿو
جڻ ماستر ٻارن کي
ڪنهن نقشي جي باري ۾ ٻڌائيندو هجي.
بابا چوي ٿو مان پنهنجي تصوير جهڙو نه رهيو آهيان
پر مون جيڪي نوان ڪمرا ٺاهيا آهن
هن پُراڻي گهر ۾ اُهي تون ڪڻ
منهنجي چڱائي ڪڻ اُنهن بُراين سان مقابلو ڪرڻ لاءِ

---

منگليش ڊبرال (Manglesh Dabral): جنم 16 مئي 1948ع. ٽهري گڙوال (اُتر پرديش). هنديءَ جو ڪوي ۽ صحافي. 1981ع ۾ پهريون شاعريءَ جو مجموعو "پهاڙ پر لالٽين". 1982ع ۾ اوم پرڪاش ساهتيه ايوارڊ. ٻيو شاعريءَ جو مجموعو "گهر ڪا راستا" 1988ع ۾ شايع ٿيل. اڄ ڪالهه 'جن ستا' هندي مخزن جو ايڊيٽر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي توکي پنهنجي رستي ۾ ملنديون
تون منهنجي ننڊ نہ ڪڻ منهنجا سپنا ڪڻ

مان آهيان جو فڪر ڪريان تو پريشان ٿيان تو
جُهڪندو آهيان ۽ ٺاهہ ڪندو آهيان
هٿن پيرن ۾ درد ڪان ڪنجهان تو
بابا وانگر ڪنگهان بہ تو
ساهس ۽ اُميد جي لاءِ
دير تائين بابا جي تصوير کي ڏسان تو

## ڏاڏي جي تصوير

ڏاڏي کي تصويرون ڪڍائڻ جو شوق نہ هو
يا ڪيس وقت ئي نہ مليو
سندس رڳو هڪ تصوير ميري ۽ پراڻي پٽ تي ٽنگيل آهي
هو خاموش ۽ گنڀير ويٺو آهي
پاڻيءَ سان ڀريل بادل وانگر
ڏاڏي جي باري ۾ ايتري ئي خبر اٿم
تہ هو مگندڙن کي خيرات ڏيندو هو
ننڊ ۾ بيچينيءَ وچان پاسا ورائيندو هو
۽ صبح جو اُٿي بستري جا گهنج ٺيڪ ڪندو هو
مان تڏهن تمام ننڍو هئس
مون ڪڏهن سندس غصو نہ ڏٺو
سندس خسيسپڻو نہ ڏٺو
تصويرون ڪنهن ماڻهوءَ جي لاچاري نٿيون ڏيکارين
امان چوندي آهي جڏهن اسان
خاموشي، خوف ۽ رات جي
عجيب جانورن سان گهيرجي سُتل هوندا آهيون

ڏاڏو هن تصوير ۾ جاڳندو رهندو آهي

مان پنهنجي ڏاڏي جيڏو ڍگهو نہ ٿيس
خاموش ۽ گنڀير نہ ٿيس
پر مون ۾ ڪجهہ آهي سائس ملندڙ جلندڙ
اهڙو ئي ڪروڌ آهي اهڙوئي خسيسپڻو
مان بہ لاچار ڪنڌ جهڪائي هلندو آهيان
جيئندو آهيان هر روز
پاڻ کي هڪ تصوير جي خالي فريم ۾
ويهي ڏسندي.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وِشوَناٿ ترِپاٺي

### مون هڪ ڪِوتا لکي آهي!

مون هڪ ڪِوتا لکي آهي
اهڙي سُٺي
جهڙي مان لکي سگهان ٿو.

هيءَ ڪِوتا جيڪڏهن مان
بکئي ماڻهوءَ کي ٻڌايان
ته ڪيس ڪيئن لڳندي!

ڪينسر جي مريض کي
ڪيئن لڳندي!

فرض ڪريو مون کي خبر هجي
ته سپاهي مون کي ڪو گولي هڻندو
ته خود منهنجي ئي ڪِوتا اڄ مون کي ڪيئن لڳندي!

●●●

وشوَناٿ ترپاٺي (Vishvanath Tripathi): جنم 1933، اُتر پرديش جي بستي ضلعي جي ٻِسڪوهر ڳوٺ ۾. ايم. اي ۽ پي. ايچ ڊي. هنديءَ جو نامور نقاد ۽ شاعر. آچاريه هزاري پرساد دويدي سان گڏ 'سنديش راسڪ' جو ايڊيٽر. 'پرارنيڪ اوَڌي'، 'هندي آلوچنا'، لوڪ وادي تلسيداس' ۽ 'جيساڪهه سڪا' ڪِوتائن جا مجموعا شايع ٿيل. دهلي يونيورسٽيءَ سان لاڳاپيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وشوَناٿ پرساد تيواري

هندي (ڀارت)

## ڪتاب

نہ، هن ڪمري ۾ نہ
هوڏانهن
هن ڏاڪڻ هيٺ
هن گٽريج جي ڪُنڊ ۾ ڪٽي وچ
ڪتاب

اُتي جتي نٿو رکي سگهجي فرج
جتي نٿو لڳي سگهي آدم قد شيشو

ڀُوڻ ۾ ٻڌي
تَڏي سان ڍڪي
ڪجھ تختي جي هيٺان
ڪجھ ٽنل ڪُونڊين مٿان
رکي ڇڏ
ڪتاب

ڪٽي وچ اهي
ڪنهن لائبرريءَ يا آرڪائيوز جي آفيس ۾
يا چاهين جتي
اسان کي تہ ورثي ۾ گهُرجن

---

وشوَناٿ تيواري (Vishvanath Tivari): هندي زبان جو شاعر ۽ نقاد. رچنا ۽ آلوچنا جي رسالي 'دستاويز' جو ايڊيٽر. سندس ٽي شعري ۽ پنج تنقيد جي موضوع تي مجموعا ڇپيل. گورکپور ۾ هندي شعبي ۾ اُستاد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب

ڪو جهپ هڻندو پاس بُڪ تي
ڪو ڳوليندو لاڪر جي چابي
ڪنهن جي اکين ۾ چمڪنديون سرسبز
ٻنيون ۽ کيٽ
جتي آهن پوريل سونا سڪا پڻ شايد
هاءِ هاءِ وقت
پوڙهي ڏاڏيءَ وانگر
اُداس ٿي ويندا
ڪتاب

ڪتاب!
جتي ٻه رکن اُهي توکي
پيا رهجو انتظار ۾
ايندو ڪونه ڪو
غلط فهميءَ مان ٻيتڪيل ٻار ضرور
ڪنهن سال
اونداهي ۾ ڳوليندو پنهنجو رستو
ڇهاءِ سان سجائي وٺج ڪيس
آهستي آهستي کولي ڇڏج پنهنجو اندر
جنهن ۾ سمُهيو پيو آهي اننت وقت ۽
ٿَڪل سَچُ،
دٻيل غُصو،
۽ گونگو پيار،
دشمنن جو ميتل ڊڪٽيٽر
قابو نه ڪري سگهي جنهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُڪ

ڪِلندي ڪِلندي اُڏامندو وڃي رهيو آهي هُو
ڪرڻن وانگر جبلن جي پرڻين پر

نندڍ ۾ مليو هو هُو
ڳاڙهي پوتيءَ ۾
ٻُڪ ۾ ڏئيون ٿي ٿالهه جون ڪُنڊون
هڪ سياري جي رات جو باهه جي مچ پرسان
آيو هو ڊپيل پيرن سان
ٻرڪا ۾ چمڪيو هو
هڪ پيرو ڪن پل لاءِ

هُو ڪيڏانهن ويو

مون وڻن جي جُهڳٽن ۾ ڪيس سَڏُ ڪيا
ٻانهون ڦهلائي جبل جي چوٽين ڏانهن،
هُو نه آيو.

عورتن جي جوبن –
سِڪن –
ڏانهن ڏنم لالچي نگاهن سان
هُو نه آيو

ٻوڙيس ٻين کي ڏِڪا ڏيندو
ڦُريندي جهپ هٽندي
جيئن منهنجو ايشور تريتا يُگ (❀) ۾

(❀) راماڻن جو زمانو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونهري هرڻ جي پويان ويو هو(*)

پر هُو نه مليو
انهيءَ ڪي چوندا آهن سُک؟

●●●

(*) رامائڻ ۾ بڌايل آهي ته تريتا يُگ ۾ رام پنهنجي زال سيتا جي چوڻ تي سونهري هرڻ جي پويان ويو هو، جيڪو اصل ۾ هرڻ نه پر راڪشس هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وشوَ ناگر

هندي (ڀارت)

---

### سُوار ڪير هو؟

جيون سمورو
هلندي رهي گاڏي
ڦيٿا بدليا
ڏاند بدليا
مان بدليس
آخر ۾
سوار ڪير هو
مان يا گاڏي؟

### رنگ ۽ ته هڪ حقيقت آهي

رنگ ۽ ته هڪ حقيت آهي
جنهن ۾ جاڳنديون آهن ڪلپنائون
نوان نوان رنگ گهُرن ٿيون
حقيقت ته حقيت آهي، پر
ايترا رنگ ڪٿان آڻيان؟

### وڻ

وڻ سمورا سوچين ٿا

---

وشوَ ناگر (Vishva Nagar): هنديءَ جو ڪوي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهوتو اچي
تہ جهومون يا نہ جهومون
هو جهومن تا
پاڙن ۾ ويساهہ نہ اٿن

## زال- مڙس

زال- مڙس ڪي گڏجي
متي ڪٽٽو هو جبل

پهرين پهرين تہ ڪانئن
اِهو ڪنيو نٿي ٿيو
پوءِ ڪجهہ متي ڪجي هيٺ ڪري ٿي پيو
ڪجهہ پري تائين ڪجڻ لڳو
پوءِ اُهو پري پري تائين متي ڪٽي
زمين تي
پنهنجي مدد سان ڪٽڻ کين اچي ويو

ڪيتري بہ پنهنجي مدد پاڻ ڪريو
رکڻ ۽ ٽڪائڻ ۾
ڪُجهہ نہ ڪُجهہ تہ ٽُڪر ٽُٽندوئي هو
ڪُجهہ نہ ڪُجهہ
هر پيري
مڙس زال ۾
جُڙندوئي ويندو هو!

## پنهنجو رام

پنهنجو رام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتي ويندو هو
ڪندو هو گڙٻڙ
ڪائيندو هو دڙڪا
ڪٽي هڙ
هلندو ويندو
پوءِ ڪِرندو هو ءِ
ڪندو هو گڙٻڙ

پنهنجي رام جو
رام رکوالوئي نه هو.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اسد زيدي



# مون کي ويساهه آهي

هن اُجاڙ تلاءَ ۾
چمڪندڙ پاڻيءَ جي تري ۾
جيڪا روشني چمڪي ٿي
مون کي اُن تي ويساهه آهي

مون کي ويساهه آهي
ويران زمين تي هِت هُت نڪري آيل گاهه ۾
۽ هوا جي راند ۾
شين جي تسلسل ۾

مون کي ويساهه آهي
زهر ۽ دوا ۾
نانگن ۾
مڇين ۾
زمين ڪان پري اُنهن گرهن ۾
تماڪ ۾ ڪِريه ڀشينن ۾
غصي ۽ سهڻ جي شڪتيءَ ۾

ڪلٽهاب ۽ گرپ ۾

---

اسد زيدي (Asad Zaidi): جنم 31 آگسٽ 1944ع ڪرولي (راجستان) ۾. شروع ۾ ڪهاڻيون، مضمون، هڪ ناول 'جاڳنا رونا' لکيائين ۽ شاعريءَ جا ترجما ڪيائين. 1975ع کان شاعري ڪري پيو. جواهرلال نهرو يونيورسٽيءَ سان لاڳاپيل آهي. نظمن جو مجموعو 'ڀهنين اور دوسري نظمين' ڇپيل اٿس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهوءَ جي ڪمزوريءَ ۾
ڏوهين ۽ موچين ۾
جبلن ۽ سمنڊن ۾
هڪ ٿڌيءَ نگاهه ۾
رستي جي لڙاين ۾

ويساهه نه ڪرڻ جي ڏک ۾
ويساهه ڪرڻ جي ڪمزوريءَ ۾
لڳاتار انڪار ڪندي رهڻ ۾
پنهنجي خواهش سان چونڊيل جيل ۾

مون کي ويساهه آهي
مون سان گڏ
انت تائين بچيل هر شيءِ ۾

## سائيڪل

تصوير ۾ ڦاٽي چُڪي
ورهين کان گڏ رهي ختم ٿيندڙ سائيڪل
مان توکي وساري ڇڏيندس
ڪجهه ئي ورهين ۾

مان توکي وساري چڪو هوندس
پر مان گڏرندي ڪار

مان توکي وساري چڪو هوندس:
ڇت ڪري پوندي ديوار ڇڏي ۽
هڪ ٻئي پنيان سپ
پاڙيسري تبديل ٿي ويندا

ڪيترن ئي شهرن جي بازارن مان لنگهندس
مان ڪَئين پيرا
نوڪريون ڳوليندس
ڪتاب خريد ڪندس
ڪئين پيرا اوچتو ننڊ مان
جاڳي سوچيندس
اُهو ڇا هو؟
اُهو ڇا هو؟

هِتان هُتان جا
ڪروڙين بحث هلندا
مان نڪرندس
اڻ ڳڻيا پيرا
نڙي صاف ڪري ڳالهائڻ چاهيندس هِت هُت
سمورا موقعا نڪري چڪا هوندا

مان توڪي وساري چڪو هوندس
ڏاڍيون ضرورتون پرنديون
ڪوبہ نہ ڏسبو آس پاس

بدلجندي بدلجندي بدلجي ويندديون
خواهشون پڻ
هلندي ڪنهن ڏينهن
اوچتو، چوٽيءَ پٺاندر_ روڪي ڇڏيندو
وقت جو جبل
۽ منهنجي اڪيلائپ
مون کي ڏسڻ ۾ ايندي اُن جي چوٽيءَ تي

مان توکي وساري ويهندس
ڪنهن ڇڳي ڏينهن،
ڪنهن ڇڳيءَ باھ ۾
ٽيو ڏيڻ کان اڳ موسم خراب ٿيندي
۽ ڪڏهن نہ بيهڻ لاءِ وسندو مينهن
مان رستي تي ڪٿي ڦاسي پوندس
۽ ڪو انتظار نہ ڪندس.

ايترن ورهين جي پوسل ڪي ڇيرنيدي
تون اڇج
جيڪڏهن مينهن بيهي رهي
مينهن نہ بيهي تہ بہ تون اڇج
سينوَر مان نڪري
پنهنجي پوري ۽ ڏنڊلي شڪل ڪٽي
سائيڪل!

## سنگيت ۾ رهندي

هي شخص پنهنجي پسند جي سنگيت ۾
رستي تي اچي ويندو
ڏسندو ڏسندو
باقاعدگيءَ سان ماءُ کي خط لکندو
ڳنو ساڙي
جهنگل مان
هي شخص نہ روئندو
جڏهن جسم ۾ رت جي گهٽي ڪمي ٿيندي
تڪ قاعدو بنجي ويندو
روز ڪاتب هي نہ تڪبو
نيٺ ڪيس بہ احساس ٿي ويندو
تہ ڏسو
هار ايل لڙايون ڪيترو ڪم اچن ٿيون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## صبح جي دعا

زنده رهي منهنجي رضائي جنهن مون کي پاليو
زنده رهي صبح،
جيڪا منهنجي خوشي آهي

۽ رهن وري سنسار ۾ اُهي،
جن کي رهڻو آهي

## 1965ع

مان ديديءَ جي باري ۾ ڳالهه ڪري رهيو آهيان
جيڪا اميءَ جي باري ۾ ڳالهه ڪندي هئي
جيڪا مڙس جي باري ۾ ڳالهه ڪندي هئي
جيڪو انهيءَ آفيسر جي باري ۾ ڳالهه ڪندو هو
جيڪو ديس جي باري ۾ ڳالهه ڪندو هو
جيڪو جنگ جي باري ۾ ڳالهه ڪري رهيو هو جيڪي انهن ڏينهن ۾

پاڪستان جي باري ۾ في الحال ڪا ڳالهه نه ڪندس.

## تهذيب

وچ واري ڪنهن اسٽيشن تي
دوني ۾ پُوري ساڳ کائيندي
پاڻ لڪايون ٿا پنهنجو روئڻ
جو اوچتو شروع ٿيڻ لڳي ٿو
پيٽ ۾ پوندڙ وٽَ وانگر
۽ پوءِ لڪائي اُجلي چڏيون ٿا ڪنهن ڪنڊ ۾
پنهنجو دونو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچيون ٿا:
مون کي ڪنهن عورت جنم ڏنو هو
مان هونئن ئي دروازي مان نڪري نہ هليو آيو هئس.

## دوزخ جي باري ۾

دوزخ ڏاڍي چڱي جاءِ آهي
دوزخ ۾ مان رهيو آهيان ڪجهہ ڏينهن ڪنهن سان گڏ
پاڙروءِ پيئرو، سچ پچ دوزخ هڪ تمام سٺي جاءِ آهي
دوزخ دراصل هڪ جيئري جاڳندي تصوير وانگر آهي
اُتي سچيون پچيون معمولي شيون
جادوئي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون:
هونديون ناهن
اٿين لڳنديون آهن

دوزخ ۾ جنت جي ياد اچڻ تي
روئڻ تي دل ٿيندي آهي ـ
سچ پچ دوزخ مان
ڪوبہ نڪرڻ نٿو چاهي

دوزخ ۾ تون اڪيلو هوندو آهين
پر اها ايتري خراب ڳالهہ نہ آهي
دوزخ ۾ توکي جيڪي وڻي سو ڪري سگهين ٿو
ڪريو، پر مهرباني ڪري ظاهر نہ ڪريو

بس هڪ ڳالهہ آهي
دوزخ ۾ ڪڏهن ڪڏهن
ڏرتيءَ جهڙو خيال هوندو آهي
دوزخ ۾ ٻي ڪا ڪمي ناهي
انهيءَ هڪ ڪان سواءِ

# بهرحال هي گهر آهي!

صبر جو بند ٽٽندو
مان دانهن ڪندس:
اجا تائين ماني تيار ناهي

اهڙيءَ طرح جيون خراب ٿيڻ شروع ٿيندو
اسان ٻنهين جو

اسان کي ياد ايندا پنهنجا ڪنبا
جيڪي اسان پٺتي ڇڏيا هئا خوشيءَ ۾
اسان کي ياد ايندا
اسان جا تصور

ٻه سال اڳ مان پاڻ کي
پنهنجيءَ ياد ۾
ايڏو خوش سمجهندو هئس
جيترو مان بلڪل نه هئس ٻه سال پوءِ

اهوئي ٿيندو
جنهن دوزخ مان اسان گذرياسين ٻه سال اڳ
اُهو وسامي ويندو
سڙي ويندو روزمره جي باهه ۾
ڌُو ڌُو ڪندو
اڄ ڪلهه جو اتهاس

ڌُکي اُٿنديون هڪدم نيون پيڙائون
ڪُلي پوندا بخارا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن ۾ الڳ ويهي ويهي
اسان لوڙڙا بڻجي ويندا سين.

صاف ڪپڙن کان سواءِ
جيون ۾ ڪجهه نه رهندو صاف

اسان پڪين ارادو ڪيو هو
ڪڏهن اسان وڏا هونداسين غصي ۾
ڪنين وانگر
انهن کي به پٽي اُڇلائينداسين

ڪنهن وٽ ڏنگ سگهڻ نه ويندا سين
پر پنهنجو سبق سامهون رکنداسين
جيڪڏهن اسان کان ڪجهه پڇيو ويندو جيون کي ڪٽي

ڪو وقت هو
اسان اڏري سگهندا هئاسين
اسان هيو ڪجهه به ڪري ٿي سگهياسين
بشرطيڪ راهه هجي ها

بهرحال هي گهر آهي!

## پينڙون

اگر ٿي چڪيون آهيون
پينڙن جيو واريءَ ۾ پورجندي
ڏکي پڄڏيو هاٿي اسان کي چاهي اسان ترسون ٿيون هتي تون وچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پينرون ڏينهن جو چهرا متائي ايندون رهيون
تپ چڙهيل هو اسان تي سانجهين جو
اسان جي پرندڙ اکين کي اجا وڏيڪ گرم ڪندڙ پينرون
سراپ وانگر ايندون هيون
اسان جي ڇڄ جهڙين زندگين ۾ پينرون ٽريفڪ پريل سڙڪن تي
مصيبت بنجي سِرن مٿان لامارا ڏينديون هيون
پينرون ڪڏهن سڪون حاصل ڪري ويهي رهنديون هيون
اسان جي زالن جي گرڀ ۾ پينرون پهرو ڏينديون رهيون

چلهه جي پويان اونداهيءَ ۾ بصر چورائي جيڪي اسان کي حيران ڪندا آهن
انهن چورن کي پٽينديون هيون پينرون
خوش ٿيون پينرون اسان جي نيڪ ناڪ هلندڙ نوڪرين ۾ پريل
اميدون ڏسي
پينرون پارن کي پرين درويشن جا قصا ٻڌائينديون هيون
سندن تخيل ۾ جهنگلي جا نور پينرون آڻينديون هيون
پينرن جيڪي نه ڏنو اُن کي وڏيڪ وڏايو
پنهنجي اڳيان جي پونجي ميڙيندي ميڙيندي

اها ڪائي نه پرندي
ڪنهن جيڪڏهن ايئن چيو ته اسان ناراض ٿينديونسين
ڇالاءِ آخر اسان ٿيون آهيون ڇوڪريون
ڪائيون پرنديون آهن جيئن اسان پرون ٿيون، تو کي ڄاڻ آهي
ڪائيون آهيون اسان ڇوڪريون
جيسيتائين آليون آهيون دونهون ڇڏينديونسين
پر اِن ۾ اسان جو ڪهڙو وس؟
اسان ديڳڙيون آهيون تنهنجي گهر جون پاءِ، بابا
امان ڏسو اسان ديڳڙيون آهيون
اسان جي ڪارڻ ڏوپي ويندي، نه ڏوتو ويو اسان کي ته

اسان ڪارڻ ٻڌجي وڌنديون رهنديونسين
۽ اڳڙيون پرينديون رهنديونسين سرير ۾
جيستائين آهي آلاڻ ۽ سواد
اسان سُڪنديونسين پنهنجي رفتار سان
اسان سُڪي وينديونسين
اسان ڪڙ ڪڙائينديونسين هن ڌرتيءَ تي سناٽي ۾
چلهين تي ٻيهريءَ جو
پنهنجو ڪٽورو وڄائينديونسين
اسان جو ڪٽورو ڀري ڏجان
مورين تي پاٽي ملي تو وڃي ڪٽنب وارؤ
پر اناج نٿو ملي
اسان جو ڪٽورو ڀري ڏجو

"اسان تنهنجي دنيا ۾ ڪوريئڙي جيترئيون هونديونسين
اسان هونديونسين ڪوريئڙا
گهر جي ڪنهن وساريل ڪنڊ ۾ جار تاڻي پيون هونديونسين
اسان هونديونسين ڪوريئڙا ڌوڙ ڀريل ڪنڊن جون
اسان هونديونسين ڌوڙ
اسان هونديونسين اڌوهيون طاقن جي چيرن ۾
پيتيءَ جي هيٺان رهي وينديونسين
اسان رات جو تڏين وانگر ڳالهائينديونسين
ڪٽنب جي ننڊ کي سهارو ڏيندڙ اسان هونديونسين تڏيون

اگر تي چڪيون آهيون اسان
پيٽرن چيو واريءَ ۾ پُورجندي
اگر تي ويون آهيون
چيوسين جوتن سان مار کائيندي
اگر

سڏڪندي
پينرون سڏڪن ٿيون: رک آهيون اسان
رک آهيون اسان
دز اُڏامي ويهي رهندي سيني ۽ جي مٿي تي
سڪي ويندا تنهنجي اکين ۾ سُستيءَ جا چاپوڙا
ڳچيءَ تي تيل جو تهہ جمي ويندو ڏسج!
پينر مير بنجي ونديون هڪ ڏينهن
هڪ ڏينهن صابڻ سان نڪري وينديون يادن مان
گوڏن ۾ ٺوڻين ڪي ڇڏي
مرن نٿيون پر اُهي وينيون رهنديون آهن صدين تائين گهرن ۾
پينرن ڪي دہائيندي دنيا گذرندي وڃي پئي
جيون جي چيڪاٽ ڪنڊڙ پل مٿان
خاندانن جي دانهيندڙ لائوڊ اسپيڪر ڪي جيئن تيئن دہائيندي
ڪنڌ جهڪائي پنهنجن قلوڪٽن ڪي ڏسندي

هڪ ڏينهن رستي ۾ جڏهن اسان جي نڪ مان رت وهي رهيو هوندو
مٽيءَ ۾ ملي رهيو هوندو
زمين جي گهنجن ۾ وچايل پينرن جا ڪارا جسم جاڳي پوندا
پورهئي جي گپ ۾ لٽڙيل پنهنجين پوتين جي پلاندن سان
اسان کي گهيرڻ ايندين پينرون
بچائي وٺڻ چاهنديون اسان کي پنهنجي رُڪن هٿن سان

گهٽا ورهيہ گذري ويندا
ايترا جو اسان بچي نہ سگهنداسين

## نامُراد عورت

نامراد عورت
ماني ساڙي ڇڏي تي

ويھہ ورھيہ اڳ ڪنھن
هن جو بيڙو ٻوڙيو هو
پيار ۾

نامراد عورت وٽ
اُن وقت
ٻہ جوڙا ڪپڙن جا هئا
نامراد عورت وساري ويٺي هئي
پوتي پائڻ جو ڍنگ
نامراد عورت جي شلوار
گوڏن وٽان ڦاٽل هئي

هيترا ورهيہ لنگهي ويا
بي شرم ايتري ٿي آهي
بي شعور ايتري ٿي آهي
هاڻي تہ ڏسو سندس
هڪ اک بہ وڃي رهي آهي.

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## گگن گِل

هندي (پارت)

### هڪ اڻ چاول ٻار جو مرثيو

هن گهر جي اڱڻ ۾
پُٽ!
اسان ڪڏهن نه ايندا سين
هُن گهر جي اڱڻ ۾ تون
اينئن ئي بيٺو رهندين
ماءُ جي جوانيءَ کان ٻڍاپي تائين
ماءُ جي سپني ۾ جڏهن به
ايتري عمر ۾ ڦاٿل رهندين
ٻن- اڍائي ورهين جي عمر ۾—

اچو وڳو تنهنجو اينئن چمڪندو
سال به سال
گهر جي ڳاهه تي
ماءُ جي ننڊ ۾ مرندين تون، پٽ
ماءُ جي سپني ۾ جيئندين...

ماءُ جي سپني واري جنهن گهر ۾ تون آهين

گگن گِل(Gagan Gill): جنم 18 نومبر 1959ع. دهلي يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب ۾ ايم- اي ڪيل. هنديءَ ۽ پنجابيءَ جي شاعرا ۽ ليکڪا. هنديءَ ۾ 'پشيَنتي'، 'لهر' ۽ 'مڪت ڪنت' نظم شايع ٿيل. پنجابيءَ ۾ شاعريءَ جي انتخاب "درشيه بدلتي هوئي" جي ٽن ايڊيشن مان پاڻ هڪ. ٽائيمس آف انڊيا جي رسالي 'واما' سان لاڳاپيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُن جي هڪ پاسي ندي آهي
۽ ٻئي پاسي جبل
توکي ڪنهن جي بہ خوف جو اندازو ناهي
پُٽ
ڪيتري دير ٻيٺو رهندين تون
گهر کان ٻاهر؟ پنل گاهہ تي؟
نمونيا وٺي ويندي تنهنجي ننڍڙي ڇاتيءَ کي...

ماءُ تنهنجي سپني ۾
دريءَ جي اُس ۾ ويهي
ڪي ورق ورائي ٿي
تون ڪيئن جهڪندين، پُٽ
هن جي اُس وارن ورقن تي؟
تون ڪيئن ڪيڏندين، پٽ، بابا جي عينڪ سان؟
تون تہ هُن گهر جي ٻاهر آهين...
ماءُ يا پيءُ جو ڪو ڪتاب ڪيئن ڦاڙيندين تون؟

هن گهر ۾ پٽ، هو ڪڏهن نہ ايندو
هرسال هن موسم ۾ ماءُ توکي گرم ڪپڙا پارائيندي،
۽ هر سال تون هن جي ننڊ ۾ مرندين
کهڙي ماءُ آهي تنهنجي
جيڪا هھڙي ٻولي ٻولي تي تولاءِ
تون مرندين ڇو ڀلا؟
نہ اڃا تنهنجي قميص ميري ٿي،
نہ پتڪڙن پيرن تي پسيل مٽي لڳي...

پر پُٽ! تڏ تہ لڳي ويئي آهي نہ
سموري جبل جي تنهنجي جسم تي،
برفاني هوا تہ گهيري ورتو آهي نہ تنهنجي ساهہ کي،

سيپٽمبر جي پڇاڙي آهي اها،
هن ڪان پوءِ ته اچا به ڏڪيائي ڏيندي..
ڪيتري دير ويٺو رهندين تون؟
سپني واري گهر جي اڱڻ ۾ ماءُ هاڻي ڪڏهن نه ايندي...
پٽ تي ويندي هن جي ڇاتي
پٽ
جيڪو توکي گرمي نٿو ڏيئي سگهي...

ماءُ جي عمر جي هن موسم ۾ چا ڪاٺي مرندين، پٽ،
مٽي، گاهه، برف ـ
اول ڪنهن کي ڪوٺيندين پنهنجن پتڪڙن هٿن سان...

بس، ننڊ مٿان ڪوٺين ماءُ جي ڪڏهن
اُن ۾ هُن جي سپني جي مٽي قاتل هوندي،
برف به، گاهه جو تيلو به....

جيوَ- ڪوش اچا تنهنجي
پيءُ جي جسم ۾ آهي ڳُچو ڳُچو
ننڊ ۾ هلندڙ ماءُ
پهچي ته ڪيئن پهچي تو وٽ؟
سمورا ڪتاب جڏهن
پڙهي پورا ڪندو تنهنجو پاپا
موٽي ئي ايندو نيٺ
هِن گهر ۾
تيستائين پٽ، تون اتي ئي رهج، ائين ئي
سنڌ، ڪنوارين مائرن جي مئل آرزوئن ۾
جيئن رهندا آهن ٻار ـ
سُنن ٻارن وانگيان.

●●●

## آتيلا يوسف

هنگريائي (هنگري)

### هڪ نظم جي پڇاڙي

ڪير وارن ڏندن سان
تو جبل ٽوڙڻ چاهيو
مورک!
سپنا ڏسڻ لاءِ
ڇا رات ٿي ڪافي نه هئي؟

●●●

آتيلا يوسف: هنگريءَ جي هن شاعر 1925ع ۾ جنم ورتو ۽ 1970ع ۾ خودڪشي ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شاندور پيٽوفي — هنگريائي (هنگري)

# اي سموري دنيا جي آزادي!

هڪ خيال مون کي پريشان ڪري ٿو
متان ڪٿي وهاڻي تي مٿو رکي مري نہ وڃان
يا هورريان ڪنهن گل وانگر ڪومائجي نہ وڃان
متان چاتي منهنجيءَ کي ڇُهتي نہ ڇِنن
۽ منهنجي پنکڙي پنکڙي ڏاندي۾ مان ڇڻندي رهي
يا ڪنهن ويران ڪمري جي روشنيءَ وانگر
اونداهيءَ ۾ سڏ ڪندي رهي...
اي مالڪ! شل ائين ڪونہ مري....

مان چاهيان ٿو تہ ـ مان ڪو وڻ هجان
۽ آسمانن جي وِچ مون تي ڪِري
يا ڪا ڳوري ڇپ هجان
جيڪا جبل تان ٻولاٽيون کائي
ڪنهن وٽڪار تي ڪري،
۽ پيڙين ۾ جڪڙيل هر قوم
جڏهن جنگ جي ميدان تي اچي
تہ سندس ڇهري تي لهوُ جي لالاڻ هجي
هٿ ۾ جهليل جهنڊو اُيو هوا ۾ لهرائيندو رهي ـ

---

شاندور پنتوفي: هنگريءَ جو هيءُ شاعر 1922ع ۾ پيدا ٿيو. آسٽريائي حڪومت جي خلاف پنهنجي شاعري ۽ عملي جدوجهد ڪندو رهيو ۽ آخر ۾ سرڪاري فوج جي خلاف وڙهندي جولاءِ 1949ع ۾ مارجي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان کي آزاد ٿيڻو آهي
۽ انهيءَ آواز جو پڙاڏو اوپر ڪان اولهه ۾ هجي...
اُن وقت مان، ڏاڍو خوش، اُن ميدان ۾ هجان
۽ رت منهنجي جو آخري ڦڙو انهيءَ ڌرتيءَ تي ڪِري
۽ منهنجو پڇاڙڪو آواز لوهه جي آواز ۾ ٻُڏي...

پوءِ منهنجي لاش مٿان
فاتح فوجين جا گهوڙا ڊوڙندا لنگهن
۽ دليرن جي ياد ۾ هڪ ماتمي جلوس هجي
جيڪي تولاءِ مُئا آهن،
اي سموري دنيا جي آزادي!
جيڪي منهنجون هڏيون
انهن جي هڏين سان گڏ قبر ۾ هجن
اي سموري دنيا جي آزادي!

●●●

# هڪ وياڪل گهڙي

مان تمام اوچو، هوا ۾ ويندو هوس، سج پرسان
هنگري، تو پنهنجي جائي کي ڌرتيءَ سان ڪيئن ٻَڌي رکيو؟
ڏس، منهنجي تن تي پاڇن جي پوشاڪ آهي
۽ لهندڙ سِجن جي باهه منهنجا هٿ نٽي گرمائي
جبلن جون چوٽيون تمام پري ۽ آسمان اُن کان به پري آهي
مان گونگن پٿرن جي پاتال ۾ ڪِريو آهيان
شايد مون کي ماٺ رهڻ گهرجي
اچ شعر چو پيو لڪان!
زندگيءَ جي ڳالهه ڪيئن نڪتي؟ ڪنهن به نه ڇيڙي
۽ شعر جو سوال به ڪنهن نه ڪيو.
سُڌ اٿم ـــ اها رڙ به اجنبي آهي
اهي مون کي مٽيءَ ۾ نه دفنائيندا
رڳو هوا ئي هڏين کي وکيري ڇڏيندي...
پر وري، هڪ پٿر مان آواز گونجندو

---

رادو نوتي مِڪلوش: هنگريءَ جو هي شاعر 1901ع ۾ ڄائو هو. هنگري توڙي فرانس جي ادب جو اڀياس ڪندي، شاگرد سنگت ٺاهي، ڳوٺاڻي زندگيءَ جو اڀياس ڪيائين. يهودي هجڻ ڪري روزگار حاصل ٿي نه سگهيس. 1944ع ۾ کيس يوگوسلوويا جي بور نالي شهر ۾ هڪ ڀيانڪ عذاب ڏيندڙ ڪئمپ ۾ رکيو ويو. يوگو سلوويا کان جرمن فوجون جڏهن واپس موٽيون ٿي ته رادونوتي پنهنجي وطن جي سرزمين تان لنگهندي ٿڪجي ڪِري پيو ته نازين جي چوڻ تي 1944ع ۾ جڏهن کيس گولي هڻي ماريو ويو ته سندس ڪوٽ جي کيسي مان ڪجهه شعر مليا. سندس شعرن جا مجموعا آهن: 'پيگن گيريٽنگ'، 'سانگ آف ماڊرن شيفرڊس'، 'رائيزنگ وِنڊ'، 'نيُومُون'، 'ڪيپ آف وڪنگ يُو ڊوُمڊ ۽ 'اسٽيپ روڊ'.

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

اهي لفظ جي اڄ چوان پيو

۽ جوان مرد ۽ عورتون ـ

سڀ سمجهي ويندا...

●●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ايڊي پولِس

يوناني (يونان)

## نانگ

تون تهذيب يافته ته آهين ڪونه
شهر ۾ رهڻ جو به توکي موقعو نه مليو
هڪ ڳالهه پڇان؟
جواب ڏيندين؟
ڏنگڻ ڪيئن سکين
۽ زهر ڪٿان مليئه؟

●●●

ايڊي پولس: يونان جي هن شاعر جي 97ع ۾ لِکليل ڪوِتا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لوسي لئيس

يوناني (يونان)

## ڪوڙا ماڻهو

ڪي ماڻهو چون ٿا
تون پنهنجن وارن کي رنگ ڪرين ٿي
ڪوڙا آهن اُهي ماڻهو، پياري نڪيلا
ڇو ته تون ڪلي بازار ۾
ڪارا نقلي وار خريد ڪرين ٿي.

## سبب

'ڊرافن' کي ڦاهي چاڙهيو پئي ويو
پر جڏهن هن پنهنجي پرسان هڪ ٻئي شخص کي
پاڻ کان اوچي ڪراس تي ڏٺو
ته ويچارو ريس ۾ ساڙ کان ئي مري ويو.

## خريداري

سائنڻ!
اوهان بازار ويون
۽ نقلي وار، سُرخي، پائوڊر ۽ ڏند خريد ڪري آيون
ايتري قيمت ۾ اوهان
هڪ نئون چهرو ئي خريد ڪري وٺو ها.

●●●

لوسي لئيس: يونان جي هن شاعرا جي 100ع ۾ لکيل ڪوتا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ولي رام ولڀ جا لکيل، ترجمو ڪيل ۽ ترتيب ڏنل ڪتاب

- **ترجمو ڪيل ناول**

(1) غدار (اردو): ڪرشن چندر (1968-1980-1983-1990)

(2) سيتا هرڻ (اردو): قرة العين حيدر (1977-1982-1996)

(3) بند دروازو (پنجابي): امرتا پريتم (1978-1991)

(4) ڌاريو (فرينچ): البيرڪاميو (1993)

(5) پوئين پهر جا پانڌيڙا (اردو): قرة العين حيدر (2000)

(6) انا ڪرينينا (روسي): ليو ٽالسٽاءِ

(7) ڪهاڻي هٿن جي (پنجابي): امرتا پريتم

(8) سُهيل پاڻي (هندي): سرويشور ديال سڪسينا

(9) ڇتن ڪُتن جو مسيحا (هندي): سرويشور ديال سڪسينا

(10) ڪارو ڪتاب (هندي): عابد سوُرتي

- **ترجمو ڪيل ۽ ترتيب ڏنل ڪهاڻين جا مجموعا**

(1) ٽين دنيا جون ڪهاڻيون (1980)

(2) ٽڪل سُريت ۽ ٻيون ڪهاڻيون (اٽالين): البرٽو موراويا (1983)

(3) نيڻ تارا ۽ ٻيون ڪهاڻيون (هندي ۽ اردو): (2003)

(4) بهشت ۽ دوزخ، ۽ ٻيون ڪهاڻيون (ننڍي کنڊ جون مختلف ٻوليون)

(5) يورپي ڪهاڻيون

(6) امريڪي ۽ لاطيني امريڪا جون ڪهاڻيون

(7) ڏور- اوير جون ڪهاڻيون

- **اصلوڪيون ڪهاڻيون**

(1) زندگيءَ جو هڪ ڪپيل ٽڪرو ۽ ٻيون ڪهاڻيون

(2) زندگي سي ڪتا هوئا ٽڪڙا (اردو ترجمو: بشير عنوان): (2001)

(3) ليکا نہ اورانگهڻ جهڙا (ڪهاڻي جو انگريزي ترجمو "Barriers That Remained"، پينگئن ٻُڪس جي انڊين ايڊيشن "A Letter from India" (2004) ۾ شامل.

- **شاعري (طبع زاد ۽ ترجما)**

(1) اُڏارون آڪاس ۾

(2) ڪويتا ڦلواڙي (مختلف ملڪن جي 28 ٻولين جي شاعريءَ جو ترجمو)

(3) لُڙ (شمشير الحيدري جي شعري مجموعي 'لاٽ' جو اردو ترجمو)

- **ڏيهي ۽ پرڏيهي رچنائون ۽ رچناڪار**

(1) ڪير ڏارا (سنڌي ليکڪن ۽ ڪتابن جي باري ۾)

(2) پرڏيهي سرجڻهار ۽ سندن رچنائون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- **آتم ڪهاڻيون، جيون ڪٿائون، خط ۽ انٽرويوز**

(1) اقبال (اردو): احمد نديم قاسمي (1977)

(2) سدا ساوا پن (محمود درويش- پشپال- نرودا- لورڪا): (1984)

(3) مون وٽ نڪا پيتي. نڪو ڪُلف ڪنجي (پِگِت ڪير چند آسنائيءَ جي آتم ڪهاڻي): (2004)

(4) جي مارُن مون ڏي مُڪا (هند- سنڌ جي ليکڪن جا خط)

(5) سنيهڙا (ڏيئرن جا خط)

(6) مُکاميلو (انٽرويوز)

- **تاريخ**

(1) سنڌ ڪهاڻي (ڪيول ملڪاڻي جي تصنيف 'The Sindh Story' جو ترجمو):

(پهريون ايڊيشن (1991) تاج جويي جي نالي ۾ ۽ بيو ايڊيشن (2002) ورو جي نالي ۾)

- **فلسفو ۽ مذهب**

(1) گيتا جو اڀياس (ساردي‌سائي ۽ دليپ بوس جي ڪتاب 'Gita in Marxism' جو ترجمو (1992)

(2) من جي شانتي (هنديءَ مان ترجمو)

- **ايڊٽ ڪيل ۽ ترتيب ڏنل ڪتاب ۽ رسالا**

(1) ماهوار 'سهڻي' (طارق اشرف جي ٻانهن ٻيليءَ جي حيثيت سان)

(1) 1.2.3: 1971، (2) 4: 1971 ۽ (3) 5: 1971

(2) عالمي ادب-I (ظفر حسن سان گڏ): (1978)

(3) سنڌي ساهت-I (حليم بروهي ۽ ٻين سان گڏ): (1979)

(4) آرسي پبليڪيشن -5 جلدن ۾ (ظفر حسن سان گڏ): 1 ۽ 1983/2، 1984/3، 1985/4، 1986/5

(5) ٻار سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ (28 چونڊ ڪهاڻيون): (1984)

(6) پندرهن روزه 'عبرت' (ابتدائي 4 شمارن جي ايڊيٽوريل بورڊ ۾ شامل): (1 جون 1987 کان 31 جولاءِ 1987)

(7) ڇهه ماهي "سنڌي ادب" (1) 1989 (2) 1994 (3) 1995 (4) 1996 (5) 1997

(8) ٽماهي "سنڌالاجي نيوز ليٽر" (1) 1/1: 1993 (2) 2/1: 1993 (3) 3/1: 1994 (4) 4/1-5: 1994-95)

(9) ماهوار 'پريم ساگر' جو "سامي خاص نمبر" (تاج جويي سان گڏ): (2002)

(10) ظفر حسن جي ڊائري جلد-I (ظفر جوڻيجي ۽ رفيق منگيءَ سان گڏ): (2003)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



موسيقيءَ جي عالمگير اثرپذيريءَ وانگر اُن جو همدم ۽ هم آهنگ "شعر" اوترو ئي اثر رکي ٿو.

يانت يانت انساني آواز مان لفظ جُڙيا ۽ لفظن جي گوناگونيءَ مان ٻوليون جُڙيون ـ اِن طرح ٻوليءَ جو ڪرشمه سازُ انسانُ پاڻ آهي، ۽ چئي ٿو سگهجي تہ ٻولي سڄيءَ جِيوَت ۾ انسان جو بي بدل امتيازُ آهي. ٻولي سندس اندر جو آواز بلڪ سُرُود ۽ ساهه آهي. انسانَ جي سڄي ڄاڻَ ۽ ڏاهپ ٻوليءَ سان آهي. ٻوليءَ کان سواءِ قوم بہ ڪانہ ٿي ٿئي، قومن جي بقا ۽ ترقيءَ لاءِ ٻوليون سندن اڏول سماجي وسيلا آهن.

ٻوليون علمي ۽ ادبي وسعت ۽ سگهه ۾ وڌ گهٽ هُجي سگهن ٿيون. واڌيءَ گهاٽيءَ ۾ هر ٻولي گهڻو وقت پنهنجو خالُ اڻ پريلُ بہ ڪانہ ٿي ڇڏي.

خوشيءَ جي ڳالهه اِها بہ آهي تہ انسانَ جون ڪي بہ ٻوليون پنهنجن فڪري، فني ۽ جذباتي خزينن کي سِيلَ مُهر ڪري نٿيون رکن، بلڪ ونڊڻ ۽ ورهائڻ لاءِ هردم تيار رهن ٿيون. علم، فَنَ ۽ ادب جي هن ڏي وٺ ۾ ٻولين کي مفت ڏيڻ ۾ بہ عارُ ڪونهي ۽ مفت وٺڻ ۾ بہ ڪا هٻڪ نٿي ٿئي، ڇو تہ سندن اِن نعمت کي نہ چوريءَ جو ڊپ آهي ۽ نہ کُٽڻ جو انديشو: بلڪ سندن خزانا ڏي وٺ سان وڌندا ئي رهن ٿا. اِن ڪري منجهن نہ ڏيڻ واريون ڏينديون ٿيون ٿڪجن ۽ نہ وٺڻ واريون وٺنديون ٿيون ڍاپن. فني ۽ علمي طور اِئين بہ مجيلُ آهي تہ هيءَ ڏي وٺُ وڌيڪ فائديمند تڏهن آهي جڏهن ٻين ٻولين مان پنهنجي ٻوليءَ ۾ ترجما ڪجن ـ جيئن اسان جي محب قوم ۽ ڏاهي دوست ولي رام ولڀ هميشہ پئي ڪيو آهي. پنهنجي ٻوليءَ مان ويهي ٻين ٻولين ۾ ترجما ڪجن، عام طرح دنيا ۾ ائين نٿو ٿئي جيئن اسان جي اديبن کي بار بار اُتساهيو ويندو آهي.

دوست عزيز ولي رام ولڀ جي پورهئي جو مُسودو "ڪَوتا ـ قلواڙي" پڙهڻ لاءِ مليم، جنهن ۾ پاڻ 26 عالمي ٻولين جي چونڊيل 112 شاعرن جو ترجمو ڪيو اٿن ـ ۽ خوب ڪيو اٿن. پڙهندي پڙهندي، پنهنجي سڄي هِـن اعليٰ انتخاب ۽ ترجمي تي کين "مبارڪ، صد مبارڪ!" چوڻ کان رهي نہ سگهيس. مَحترم عالم ۽ اديب آصف فرخيءَ سندن هن پورهئي جو تعظيم طور وڏي قدر لائق مهاڳ لکيو آهي ۽ اُن کي سنڌي ادب ۾ "نئين سفر جو استعارو" سڏيو آهي، ۽ چيو آهي: "هيءَ رڳو هڪ ڪتاب ناهي، جنهن جا هـتان هُتان اجايا سجايا صفحا ورائجن... هيءَ ڪتاب مون لاءِ ائين آهي جيئن ڪو هلڻ لَاءِ چوي ۽ بس اُٿي هلي پئجي." خود پاڻ پنهنجي هيءَ عاليشان پيشڪش "ڪوتائن جي ڪاڪ محل ۾ مترجم جا ويچار" عنوان سان پڙهندڙن آڏو آڻيندي، جو ڪجهه چيو اٿن، اُن کان وڌ ڪجهه چوڻ آءٌ نہ ضروري ٿو سمجهان ۽ نہ ڇئي ٿو سگهان: "زنده ڪوتا جو وڏو حصو رڳو تڏهن زورائتو ۽ پرپور پڙاڏو پيدا ڪندو، جڏهن اُن جو اظهار شاعراني روح کي زخمي ڪرڻ کان سواءِ ڪيو ويندو... مون ترجمي ڪيل ڪوتائن ۾ اُنهن جي روح سان هٿچراند ڪرڻ بدران انهن جو اصلوڪو آهنگ قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي... منهنجي اِها ڪوشش دل جي چَـئي جو نتيجو آهي، جنهن ۾ پيار جو پورهيو شامل آهي.... منهنجي هيءَ ڪوشش پسند پئي تہ پنهنجو پورهيو سجايو سمجهندس."

هڪ لب بند، نماڻو ليکڪ پنهنجي پورهئي سان واڳيلُ، پاڻ لاءِ پنهنجن لائق پڙهندڙَن کي ٻيو ڪجهه چئي بہ ڇا ٿو سگهي!

ـ محمد ابراهيم جويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪانُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهه ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي ڄَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهه جي پاڙَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهه ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

ﭘڙهندڙ نَسُل جا ﭘَنَ سيني ڪي **چوڻ، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر ٻَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي ﭘَنَ ﭘَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book